# اکر پڙهه الف جو

ٻارن لاءِ

شاهه جي ڪلام مان چونڊ

چونڊ

اسحاق سميجو/ نياز نديم

kaptan abro

# اکر پڙهہ الف جو

(ٻارن لاءِ شاهہ جي رسالي مان چونڊ ڪلام)

چونڊ

اسحاق سميجو
نياز نديم

USAID FROM THE AMERICAN PEOPLE

سارنگا SARANGAA A CREATIVE CHANGE

كتاب جو نالو: اکر پڙهہ الف جو
(ٻارن لاءِ شاهہ جي رسالي مان چونڊ)
مرتب: اسحاق سميجو ۽ نياز نديم
ڇاپو پهريون: 2012ع
ڇپيندڙ: روشني پبليڪيشن، حيدرآباد سنڌ.

# AKHAR PARH ALAF JO

(Selected Peotry of Shah Abdul Latif Bhittai for Children)

Selected by: **Ishaq Samejo & Niaz Nadeem**

Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Roshni Publication, Hyderabad, Sindh.
First Edition 2012

# اچو تہ لطيف سائينءَ کي پڙهون!

اسان سنڌين کان، جيڪڏهن دنيا وارا ڪنهن هڪ ئي ماڻهوءَ جو نالو پڇن، تہ توهان جو سڀ کان وڏو ماڻهو سڀ کان وڏو فنڪار ۽ سڀ کان وڏو مفڪر ڪهڙو؟ تہ يقينن، هر پاسي کان هڪ ئي جواب ايندو تہ: شاهہ عبداللطيف ڀٽائي.

چاڪاڻ تہ فقط شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۾ ئي اهو ڪمال ۽ خوبي سمايل آهي تہ ان ۾ نہ رڳو شاعراڻو لُطف ۽ مَيناج آهي، پر منجهس فڪر ۽ خيالَ جا بہ اهڙا املهہ موتي جَرڪندي نظر اچن ٿا، جو ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ پنهنجي اکين ۽ اندر ۾ عجيب چمڪ ۽ روشني ڦهلجندي محسوس ٿو ڪري. لطيف زندگيءَ جي پيغام سان ڀرپور ۽ فطرت جي حسن سان ٿمٿار شاعر آهي، جنهن جي لفظن ۾ مئل روحن ۾ زندگي ڀرڻ جي قوت سمايل آهي. عظيم شاعرن ۾ قدرت پنهنجون سموريون خاصيتون ڀري ڇڏيندي آهي، ان ڪري ئي ڪين سرجڻهار يا تخليقڪار جهڙي نالي سان سڏجي ٿو. شاهہ لطيف بہ اسان جي تاريخ جو هڪ غير معمولي ۽ سدا حيات شاعر آهي، جنهن کي پڙهڻ، سمجهڻ، ياد ڪرڻ ۽ ان جي ٻڌايل ڳالهين تي عمل ڪرڻ کان سواءِ اسان ڪڏهن بہ پنهنجو اڳيون اوج ۽ دنيا جي تهذيبن ۾ پنهنجو اصل مقام نئين سِر حاصل ڪريِ نٿا سگهون، جيڪو موهن جي دڙي جي دور ۾ اسان کي حاصل هو. اسان کي فخر آهي، تہ اسان هڪ عظيم ورثي جي وارث قوم آهيون، پر اسان لاءِ افسوس ۽

ڳٽتيءَ جو مَقام آهي، جو اهو ورثو هاڻ تباهہ ٿيڻ لڳو آهي. ان ڪري اسان سيني جو اهو گڏيل خواب هجڻ گهرجي، تہ اسان پنهنجي سنڌ وطن ۽ سنڌ جي ماڻهن جي اصلوڪي مَقام ۽ وقار جي بحاليءَ سان گڏ سنڌ جي اصل سيڪيولر، مهذب، برابريءَ تي ٻڌل ۽ انساني ڀائپيءَ واري اعليٰ فڪر کي عام ڪريون ۽ پنهنجي هر ايندڙ نسل کي اها ڳالهہ سمجهايون، تہ سنڌ ڪنهن بہ قسم جي نسلي، مذهبي، فرقي وارانہ ۽ سياسي تنگ نظريءَ کي پسند نٿي ڪري ۽ اها "جيئو ۽ جيئڻ ڏيو" جهڙي بي مثال عالمي فڪر جي خالق ڌرتي آهي، جنهن جي عظيم شاعر شاهہ لطيف نہ رڳو پنهنجي وطن سنڌ لاءِ دعا گهري هئي، پران سان گڏ "عالمَ سڀُ آباد ڪرين" جو تصور بہ ڏنو هو.

اسان کي لطيف جي شاعري انسانيت، محبت ۽ شان سان اڳتي وڌڻ جو اهڙو درس ڏئي ٿي، جنهن جي ڇيڙَ پڪڙي، اسان ترقيءَ ۽ تهذيب جا سمورا ڏاڪا آسانيءَ سان طئي ڪري سگهون ٿا- پر ان لاءِ اسان کي شاهہ سائينءَ کي بار بار پڙهڻو پوندو. ان جي استعمال ڪيل لفظن جون موتين جهڙيون قيمتي معنائون سمجهڻيون پونديون ۽ ان جي شعرن ۾ موجود زندگيءَ، انسانيت، پورهيي جي عظمت، هيٺين ۽ پيڙيل طبقن ۽ ماڻهن لاءِ موجود بي بها پيار ۽ ڦورو ۽ ظالم طبقن ۽ ڪردارن لاءِ موجود نفرت ۽ مذمت کي ڄاڻڻو پوندو. لطيف سائين مذهب جي چڱن ۽ نيڪ پاسن کي ساراهيندي، مُلائيت، تنگ نظريءَ ۽ خيالن جي سوڙَهہ ۽ تنگ دليءَ جي نندا ته ڪري ۽ اسان کي انسان ٿيڻ جو سبق ته ڏئي. هُو نہ رڳو انسان جي ظاهري اٿ ويهہ، روين ۽ عملن جا نقش ته چٽي، پر ان جي اندر جي گهرائيُن ۽ اونهاين مان گهمُي، اڻ ڄاتا ۽ اڻ ڏٺا تجربا ۽ مشاهدا تو بيان ڪري، جن کي پڙهي، سندس ڏاهپ ۽ فن تي پيار اچيو وڃي. هن جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي ڍنڍن ڍورن، سمنڊ، درياهہ، ٿر، ڪاڇي، پهاڙن، پکي پکڻن ۽

ڪک پَن جو ذڪر تہ ملي ٿي ٿو پر هو انساني ڪردارن ۽ حالتن سميت جانورن جي خوبين ۽ اوگڻن، عادتن ۽ روَين کي بہ نهايت فڪر انگيز طريقي سان ڪتب ٿو آڻي، جيڪا هن جي شاعريءَ جي هڪ غير معمولي ۽ غير رواجي خوبي آهي. ان سان گڏ انساني سماج جا انيڪ رنگ ۽ رخ، پهلو ۽ پاسا اهڙيءَ سُونهن ۽ حسناڪيءَ سان اکين آڏو آڻي ٿو بيهاري، جو لڳي ٿو تہ اسان ڪنهن شاندار ۽ سچي پچي جادو نگريءَ ۾ پهچي ويا آهيون. جتي سُهڻيءَ جي همت ۽ بهادري ڏسي درياهہ بہ دهلجڻ ٿو لڳي، نوريءَ جي نماڻائيءَ ۽ معصوميت آڏو ڪنول بہ شرمائڻ ٿا لڳن، مومل جي سونهن ڏسي پَونرا بہ ديوانہ بڻجي ٿا وڃن، مارئيءَ جي حب الوطنيءَ تي دنيا جا عظيم سياسي اڳواڻ بہ دنگ رهجي ٿا وڃن، سسئيءَ جي ثابت قدميءَ تي پهاڙ بہ ڪنڌ جهڪائي بيهي ٿا رهن ۽ بيجل جي ساز تي سِر گهوريندڙ راءِ ڏياچ کي ڏسي، فن ۽ آرٽ جي عظمت ۽ مهانتا اڳ موجود سمورا تصور ننڍڙا ٿيڻ ٿا لڳن. لطيف کي پڙهي، غريب، پورهيت ۽ مظلوم ماڻهن جا ڪنڌ فخر کان اونچا ٿي ٿا وڃن، ۽ ظالم، راشي ۽ پئسي ۽ طاقت جي نشي ۾ مبتلا ظالم ڪردارن کي انهن جا ضمير ڪائڻ لڳن ٿا. لطيف اسان کئ گهڻو ڪجهہ سيکاري ٿو. اسان تي تمام گهڻيون ذميداريون بہ عائد ڪري ٿو ۽ اسان سيني کي پنهنجي وطن، ان جي ماڻهن ۽ ان جي ڪک پن سان پيار جي تلقين ڪري ٿو. اچو تہ لطيف کي پڙهون، ان کي سمجهيون ۽ ان جي ڏسيل واٽ تي هلڻ سکون- چو تہ اها ئي هر قسم جي جبر، غلاميءَ ۽ ظلم کان اسان کي بچائي سگهي ٿي ۽ اسان جي جيئڻ جا سمورا ڏکيا ۽ منجهيل راز آشڪار ڪري سگهي ٿي.

**اسحاق سميجو**

# شاه صاحب جي زندگيءَ جو احوال

## شاھ صاحب جو جنم

شاھ عبداللطيف ڀٽائي سنہ 1689ع ۾ حيدرآباد ضلع جي هالا تعلقي ۾، هالا حويلي ڳوٺ ۾ ڄائو. شاھ عبداللطيف، سيد حبيب الله جو پٽ، سيد عبدالقدوس شاھ جو پوٽو ۽ سيد جمال شاھ جو پڙپوٽو هو. سيد جمال شاھ، شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ٽيون پٽ هو. شاھ تاجيءَ پيڙهي سيد هو. سندس والده بہ مخدوم ديانيءَ جي خاندان مان هئي. مخدوم ديانيءَ جو مقبرو پراڻن هالن جي اُيرندي طرف آهي. شاه جي ڄمڻ کان ٿورو ئي پوءِ، شاه حبيب هالا حويليءَ مان لڏي، وڃي ڪوٽڙيءَ ۾ رهيو. هالا حويلي، ڀٽ کان نوَ ڪوھ پري آهي ۽ ڪوٽڙي بہ ڪوهہ ٻئي ڳوٺ هاڻ ويران پيا آهن.

## شاھ جي تعليم ۽ تربيت

چون ٿا تہ شاھ حبيب پنهنجي پٽ کي وائي ڳوٺ جي مشهور عالم آخوند نور محمد ڀٽيءَ وٽ علم پرائڻ لاءِ موڪليو. وائيءَ جو ڳوٺ، ڀٽ کان ڇهہ ۽ اُڌيري لعل کان بہ ڪوھ پري آهي. چون ٿا تہ شاھ 'الف' اُچاري، 'ب' چوڻ کان نابري واري. شاھ صاحب اُمي (اڻ پڙهيل) هو يا نہ، تنهن بابت جدا جدا عالمن، جدا جدا رايا ڏنا آهن. ڪن صاحبن جو رايو آهي تہ هو هڪ يگانو عالم هو ۽ ڪن صاحبن جوَ رايو آهي تہ مٿس 'علم لدني' نازل ٿيل هو، جو ڌڻيءَ طرفان ڪامل ولين کي عطا ٿيندو آهي.

شاه صاحب سان اڪثر ٽي ڪتاب همراه هوندا هئا:

قرآن شريف، مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنوي ۽ شاه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو رسالو. اِنهن ڪتابن تي ڪنهن بہ هنڌ ڪجهہ لکيل ناهي، جنهن کي شاھہ جو دستخط چئجي. مير علي شير قانع ٺٽوي، جو شاھہ جو معتقد هو ۽ سندس ئي زماني ۾ رهندو هو سو پنهنجي ڪتاب ”تحفة الڪرام“ ۾ لکي ٿو:

”اگرچہ حضرت شاھہ عبداللطيف اڻ پڙهيل هو تہ بہ ساري عالم جو علم سندس دل جي لکل تختيءَ تي لکيل هو.“ ”تحفة الڪرام“، شاه صاحب جي وفات کان صرف سورنهن سال پوءِ، يعني 1768ع ۾ لکيل آهي. اِنهيءَ ڪري ڪي عالم اُن کي هڪ اهم سند ٿا سمجهن. حقيقت ۾ عارفن ۽ اوليائن جو ذڪر ڪندي، مير علي شير وچي ڪرامتن ۽ معجزن جي عشق ۾ گرفتار ٿيو آهي. سندس دفتر مان ڪو خاص تاريخي يا شخصي احوال خير ٿو ملي.

## شاھہ جو عشق

روايت آهي تہ شاھہ ويهن ورهين جو هو تہ کيس مجازي محبت جو ڪان لڳو. چون ٿا تہ ڪوٽڙيءَ جي مرزا مغل بيگ جو شاھہ حبيب ۾ ڪامل ويساھہ هو ۽ کيس دعا ڪيٺي لاءِ اڪثر پنهنجي گهر ۾ وٺي ويندو هو. هو آرغون هو ۽ سندس گهر ۾ سخت پردو هوندو هو. سندس گهر ۾ آگهائي تي پوندي هئي تہ مرشد کي عرض ڪري دعا لاءِ وٺي ايندو هو. قضا سان هڪ دفعي سندس نياڻي بي چاڪ ٿي پيئي. اتفاق سان ساڳئي وقت شاھہ حبيب جي طبيعت بہ ناساز هئي، اِنهيءَ ڪري مرزا بيگ جي عرض تي، پنهنجي پٽ عبداللطيف کي ساڻس وڃڻ جي هدايت ڪيائين. شاھہ مغل جي دختر جو حسن ڏسندي بيخود ٿي ويو ۽ سندس آڱر پنهنجي هٿ ۾ جهليندي چيائين:

”جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نڪو لوڏو.“

اِهي سخن ٻڌي، مرزا ۽ سندس عزيز غصي ۾ لال ٿي ويا، پر ٻاهران صبر اختيار ڪيائون. اُن ڪانپوءِ اندران ئي اندران سيدن کي اهڙو تہ تپائي ڪنيائون، جو هو لاچار ٿي ڪوٺڙي ڇڏي، اُتر طرف ڪجهہ مفاصلو پري وڃي ڏار حويلي اَڏي ويٺا.

عشق جي ڪان لڳڻ کان پوءِ شاهہ هرڻ ۽ هما وانگر صحرائن ۽ بيابانن ۾ سرگردان ۽ حيران ٿي پيو ڦرندو هو. هڪ دفعي تہ ٽي ڏينهن ساندهہ هڪ هنڌ غش ئي غش پيو هو. سندس جسم تي واريءَ جا تهہ چڙهي ويا ۽ رڳو سندس هڪ ڪپڙي جو پلائد ٻاهر پئي ڏٺو. قضا سان هڪ پهنوار جي وڃي مٿس نظر پيئي، جنهن سارو احوال وڃي شاهہ حبيب کي سڻايو. شاهہ حبيب اُڏامندو آچي اُنهيءَ هنڌ پهتو ۽ ڏاڍي سوز مان چيائين:

"لڳي لڳي واءُ، ويا اَنگڙا لتجي"

شاهہ بيخوديءَ جي حالت مان ڇرڪ ڀري اُٿيو ۽ نهہ پهہ جواب ۾ چيائين:

"پيئي ڪٽي پساهہ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي."

ڪي صاحب اِنهيءَ خيال جا آهن تہ هن شعوري زماني ۾، اَهڙي روايت کي "ڏند ڪٿا" ڪري شمار ڪرڻ جڳائي ۽ اُنهيءَ کان گريز يا ڪنارو ڪرڻ واجب آهي.

## شاهہ جو سير و سفر

هڪ ڏينهن، شاهہ اوچتو ئي اوچتو ٻنا ڪنهن کي ٻڌائڻ چتائڻ جي جوڳين جي سنگ ۾ هنگلاج ڏانهن هليو ويو. ڏسجي ٿو تہ هو ساڻن گنجي ٽڪر واري واٽ وٺي ويو هو ۽ سندن صحبت ۾ ٽي ورهيہ سفر ۽ سياحت ۾ رهيو. جوڳين جي صحبت ۾، جيءَ کي اَنيڪ جفائون ڏنائين، جهاني تجربا پرايائين ۽ اَملهہ آتمڪ خزانا هٿ ڪيائين. هنگلاج ڏانهن ويندي جيڪي هنڌ ۽ مڪان ڏٺائين، تن جو ذڪر سسئيءَ وارن سرن، سر کاهوڙي، سر رامڪلي وغيره ۾ ڪيو اٿس. هنگلاج

کان موٽندي شايد ٺٽي کان سنڌو نديءَ وارو پٽڻ اُکري، مغلبين، لکپت، هالار، دوارڪا، پوربندر، جھوناڳڙهہ، گرنار ۽ کنياتِ گھميو آهي. چون ٿا تہ ٺٽي ۾ مخدوم معين ۽ ٻين عالمن فاضلن سان بہ رهاڻيون ڪيائين. مخدوم معين کي "مخدوم ٺارو" بہ چوندا هئا. وطن ڏانهن ورندي، جيسلمير ۽ ٿر بہ گھمندو آيو ٿو ڏسجي. "سر مارئي" ۾ ٿر جي نظارن ۽ ٿرين جي زندگيءَ جو اکين ڏٺو احوال ڏنو اٿس. ممڪن آهي تہ جيسلمير کان پنج ڪوهہ پري، لڊاڻو ٽڪري ۽ ان سان لڳل ڪاڪ ڪنڌيءَ بہ ڏسي آيو هجي. "سر مومل راڻو" اهڙي شاهدي ڏئي ٿو.

ساري ڏج، سيد چئي لڊاڻي تان لاه.

ٺٽگر ٺٽي ڏانهن ورندي، هڪ غار ۾ هڪ شخص کي ڏٺائين، تہ هيءَ مصرع، نهايت دردناڪ نوع ۾ پيو چوي:

هيڪليائي هيل، پوريندي پنهونءَ ڏي.

پڇڻ تي معلوم ٿيس تہ هو هڪ جت هو ۽ هالن جي پرسان لنگهندي، فقيرن جي واتان اِها مصرع ٻڌي هيائين. شاهہ چيس تہ "جي چاهين تہ بيت جون باقي بہ مصراعون بہ سڻايانءِ" اُنهيءَ تي، جت خوشي ڏيکاري. شاهہ تنهن تي ٻي مصرع چئي ٻڌايس:

آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سڄن سيل،

ٻي مصرع ٻڌندي ئي، جت وجد ۾ اچي ويو. ٽين مصرع ٻڌڻ لاءِ بيتاب ٿيو جنهن تي شاه ٽين مصرع چئي ٻڌايس:

تہ ڪر ٻيلي آهن ٻيل، جي سور پريان جا ساڻ مون.

شاهہ جو بيت ختم ڪرڻ ۽ جت جو فوت ٿيڻ. شاه جي ارمان ۽ عجب جي حد نہ رهي. پوءِ جت کي اُتي دفن ڪيائين. اُنهيءَ جت جي قبر اڃا تائين واٽهڙن کي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. شاهہ اڪثر چوندو هو تہ، "اِنهيءَ جت جهڙو درد وارو اِنسان، مون ڪڏهن ڪونہ ڏٺو."

وارن جي سگهنڊ تي پنيولجي، متاثئس پئي ڦريو. اهڙيءَ طرح راڻي وچي مومل ڪٽي.

راڻي پنهنجي سوپ جو ذڪر اَچي يارن سان ڪيو. همير سومري چيس، ”اسان کي بہ هھڙي معشوقڙيءَ جو ديدار ڪراءِ.“ راڻي کيس چيو تہ، ”مون سان ويس بدلائي هل.“ همير کي ڏسندي ئي مومل راز پروڙي ورتو. چيائينس: ”هيءَ مينهن تہ ڏهي وٺ.“ همير ويچاري کي لاچار بي عزتي سهي بہ اِهو ڪم ڪرڻو پيو. هتن ۾ لڦون پئجي ويس. راڻو ۽ مومل کيس ڇڏي، وچي آرامي ٿيا. سو راڻي کي دل جو دل ۾ سخت پڇتيندو واپس وريو ۽ ڪانئس وير وٺڻ جا پهہ پچائڻ لڳو. نيٺ هڪ قاصد هٿان چوائي موڪليائينس تہ، ”توکي ساٿيهہ ۾ ساٿي پيا سارين.“ مومل، راڻي کي چيو تہ، ”وڃي يارن سان ملي اچ ۽ ڪانئن موڪلائي اَچ.“ راڻي جو وطن ورڻ ۽ همير جو کيس قيد ۾ هٽڻ. ائين ڪجھ عرصو گذري ويو. مومل توڙي راڻو هڪ ٻئي جي وڇوڙي ۾ پئي لڇيا. نيٺ ڪن چئن چڱن جي چوڻ تي همير راڻي کي آزاد ڪيو پر اهو انجام ورتائينس تہ، ”وري مومل جو منهن نہ ڏسندين“.

عاشقن لاءِ آهڙن انجامن جي پوئواري ڪرڻ مشڪل، سو راڻو لڪ چوريءَ، هڪ يليءَ ڏاچيءَ تي چڙهي مومل سان ملي پيو ماڳ ورندو هو. هڪ ڏينهن پرهہ جو سندس گهر واريءَ کيس پنهنجن لڱن تان پاٽيءَ سان ڳاڙهي دز لاهيندي ڏٺو. سسٽس تہ ڳاڙهو پاٽي ڏسي ڏڪي ويئي ۽ وڃي همير سومري سان حال ڪيائين. همير بروقت راز پروڙيو تہ راڻو ڪاڪ محل جي ڳاڙهيءَ دز سان لڳ رڳي آيو آهي. پوءِ تہ وري بہ قيد ۾ ڪٽي هنيائينس. راڻو حقيقت ۾ سندس سالو هو. راڻي جي ڀيڻ، پنهنجي يتار (مڙس) همير کي عرض ڪري کيس بند مان آزاد ڪرايو. پر همير راڻي جي ڏاچي کي پيرن ۾ ميخون هٽائي جڏو ڪري ڇڏيو. راڻي کي نهايت ارمان ٿيو پر نصيبن سان اُنهيءَ ڏاچيءَ جو هڪ گوئنرو هو. جو ماءُ ڪان بہ پنڌ ۾ اڳرو هو. راڻي

اُنهيءَ ڪنواٽ تي سوار تي، ڪاڪ ڏانهن ڪاهيو ڇو تہ هو آزاديءَ سان مومل وٽ وڃي تي سگهيو.

مومل راڻي جي فراق ۾ پاڻ پرچائڻ لاءِ، پنهنجي ڀيڻ سومل کي، راڻي جو ويس پهرائي، پاڻ سان گڏ بستري ۾ سمهاريندي هئي. راڻو اهو رنگ ڏسي پلجي ويو ۽ غيرت وچان پنهنجو لڪڻ مومل جي پير ۾ نشانيءَ طور ڇڏي، امر ڪوٽ ڏانهن واپس وريو. صبح جو مومل لڪڻ ڏسي سمورو ڳجهہ پروڙي ورتو. پوءِ تہ راڻي وٽ قاصدن پٺيان قاصد ڊوڙايائين، پر راڻو واپس نہ وريو. مومل کي ويراڳ ويڙهي ويو ۽ محل جا مڙيئي باغ باغيچا ۽ پلنگ پٿراڻيون ۽ ويس وڳا ڪيس زهر تي لڳا. نيٺ وڻجارڪو ويس ڪري، اچي امرڪوٽ ۾ نڪتي ۽ راڻي سان اچي ياريءَ جو ناتو ڳنڍيائين. هڪ ڏينهن قضا سان چوپڙ راند ڪندي، جڏهن ڍارو تي اُچليائين، تڏهن راڻي جي نظر وڃي سندس ٻانهن وارين تروڪڙين تي پيئي. راڻي ڪيس يڪدم سڃاتو. مومل بہ راز ظاهر ٿيل ڏسي، ڪيس معافيءَ لاءِ پلاند وڌو، پر راڻو نہ مڙي نہ مڙيو. مومل لاءِ هاڻ جيئڻ جنجال تي پيو ۽ هڪ مچ تيار ڪري وٺي اُن ۾ ٽپو ڏنائين. راڻي جي ڪن تي ساعت ۾ اهو سماءُ وڃي پهتو. پاڻ بہ پرواني جيان اُنهيءَ آگ ۾ گهڙي پيو ۽ اهڙيءَ طرح ٻئي عاشق جيئرا جلي وڃي عرش تي هميشه لاءِ هڪ ٻئي سان مليا.

هن سر ۾ شاه ٻئي تمثيل رکي آهي: ڏٽيءَ جي انسان لاءِ ڳولا ۽ انسان جي ڏٽيءَ لاءِ ڳولا. هيءَ دنيا ڪاڪ محل مثل آهي، جا پنهنجي طلسمي اثر هيٺ اعليٰ انسانن کي بہ پلايو ويٺي آهي. جڏهن راڻي مومل کي وڃي هٿ ڪيو تڏهن ڏٽي بہ اعليٰ انسانن کي وڃيو پنهنجو ڪري. هتي بہ ”سر ليلا چنيسر“ وانگر ڏٽيءَ کي ’ريساڻو‘ يا ’غيور‘ ڪري ڏيکاريو ويو آهي. جو شخص ساڻس هڪ واريءَ دل لڳائي وري ڪنهن عيش ۾ ٿو اَڙجي، تنهن جي خطا هو هرگز برداشت نہ ٿو ڪري ۽ ڪيس هميشه جو فراق ٿو ڏئي. پوءِ وري اهو شخص سندس پٺيان حيران ٿو رهي، جڏهن مومل راڻي پٺيان مستان رهي، ۽ نيٺ هو مري وڃيو پنهنجي حبيب سان هڪ ٿئي، جڏهن مومل وڃي راڻي سان هڪ ٿي.

(1)

کالهہَ گڏيوسُون ڪاپَڙي، جهڙو ماهُ مُنيرُ،
فَيَضُ، فِراقُ فَقيرُ، جوڳِي جاڳائي وِيو.

ڪالهہ اسان کي هڪ سنياسي گڏيو جو چمڪندڙ چنڊ مثل پئي ڀهڪيو. اُهو ويراڳي جوڳي، اسان جي جيءَ ۾ (مومل لاءِ) نينهن جي اُتل ۽ جدائيءَ جو آزار اُڀاري ويو.

(2)

بيڪاريءَ کي بَرَ ۾، وِيو ڪَيفُ چَڙهِي،
ڳالِهيون ڪَندي ڪاڪِ جون، ڳوڙها پِيَسِ ڳَڙِي،
ڪا جا اَنگُ اَڙِي، جِئَن چُٽا ڦَٽَ چُڙِي پِيا.

جوڳيءَ تي رڻ ۾ خمار چڙهي ويو. ڪاڪ محل جون ڳالهيون ڪندي، اکين مان لڙڪ لڙي آيس. سندس جان ۾ اهڙي ڪا ميخ لڳل هئي، جو مِڙيل ڦٽ بہ کلي پيس.

(3)

جوڳِيءَ تي جَڙاءُ، نسورو ئِي نِينهن جو،
پَتَنگَ جِئَن پَيدا ٿِيو، سامِي سِجَ وَڙاءُ،
آيو ڪاڪِ تَڙاءُ، ڪُنوارِنِ ڪڪورِيو.

جوڳيءَ تي نينهن جي نسوري جڙت چڙهيل هئي. سج ورنو (سج جهڙو ڀهڪندڙ) سوامي، پرواني جيان اچي اتي پڌرو ٿيو. هو ڪاڪ جي تڙ ڪان آيل هو ۽ ڪنوارين (مومل ۽ پين سوڍين) جي نينهن، ڪيس رڱي لال ڪيو هو.

(4)

هَلو، هَلو ڪاڪِ تَڙين، جِتي نِينهَن اُجَلَ،
نہ ڪا جَهلَ نہ پَلَ، سَيڪو پَسي پِرينءَ کي.

هلو هلو ڪاڪ جي تڙن تي، جتي عشق جي پلٽ آهي. اتي ڪا روڪ ٺي ڪانهي، هر ڪو جانب جو ديدار ٿو ڪري. (هتي روحاني ولايت ڏانهن اشارو آهي.)

(5)

هَلو، هَلو ڪاڪِ تَڙين، جِتي گهَڙِجي نِينهُن،
نہ ڪا راتِ نہ ڏِينهُن، سَپڪو پَسي پِرينءَ کي.

هلو هلو ڪاڪ جي تڙن تي، جتي عشق ٿو گهڙجيٰ (ڪاڪ محل عشق جو ضرب خانو آهي). اتي نہ رات آهي، نہ ڏينهن، هر ڪو جانب جو ديدار ٿو ڪري.

(6)

آکُون، ڊاکُون، سِر کندَ شاخُون، جِتِ چوکا چَندَنَ، ڳَؤنَرَ،
مَيي سيئِي ماڙِيا، جِتِ نہ پِرَنِ پَونَرَ،
ڪُنواريُون ۽ ڳَؤنَرَ، ڪاهِ تہ پَسون ڪاڪِ جا.

ڪاڪ محل ۾ اکڙوٺ، ڊاکون، چندن جا عمدا وڻ ۽ ڪنول گل رونق لايو بيٺا آهن. اُت (راڻي جي ڪرهي) اُنهن جو ساءُ ماڙيون جتي پونر بہ نہ ٿا گهمي گُنجارون ڪن. سٺ ڏيئي هل تہ ڪاڪ محل جون سندر ڪماريون (مومل ۽ سندس ڀينرون) ۽ ڪنول گلن جو لقاءُ ڏسون.

(7)

جَهڙا گُلَ گُلابَ جا، تَهڙا مَتِنِ ويسَ،
چوٽا تيلَ چَنبيلِيا، ها ها! هو! هَميشَ؛
پَسِيو سُونهَن سَيّدُ چئي، نينهَن اَچَنِ نيشَ،
لالَنَ جي لِبيسَ، آتَڻِ اکرُ نہ اُجَهي.

جهڙا ويس گلاب جي گلن کي آهن، تهڙائي لباس مومل ۽ سندس سرتين کي پهريل آهن. واهہ! واهہ! سندن چوٽا هردم چنبيليءَ جي تيل سان واسيل آهن. سندن حسن ڏسي، عشق

کي ڏنگ تا لڳن. آتڻ ۾ هن نازنين جا ويس وڳا ۽ هار سينگار ڏسي حيراني ۾ ماٺ وٺيو وڃي.

(8)

گُجَرِ گهَٽا گهائِيا، پاٽا لَڳُسِ گهاءُ،
مينڍِري مُلاءُ، لَڳُسِ ڪانُ ڪَپارَ ۾.

سوڍيءَ (مومل) گهٽڻ کي پنهنجي حسن سان گهايو پر هينئر ماڳهين کيس وڍ لڳو آهي. راڻي مينڍري ڪان سندس ڪاپار ۾ تير لڳو آهي. (راڻي جي نينهن کيس ڦٽيو آهي.)

(9)

رُوءِ راڻي جي ناه ڪو، سوڍو سَيَنِ سُونهَن
لاتائين لَطِيفُ چئي، مَتان دِلِيُنِ دُونهَن،
ڪانهي ٻِي وِرُونهَن، ٽِيو مِڙوئي مينڍِرو.

راڻي جي صورت جهڙو ٻيو ڪوبه مڙس ڪونهي. راڻو سيني مردن جو زيب آهي. هن ڪيترين دلين جي متان ڪارنهن لاهي ڇڏي (هتي ڪامل مرشد ڏانهن اشارو آهي، جو طالب جي قلب تان ڪارنهن ٿو لاهي.) ٻي ڪابه پچار ناهي، هر هنڌ راڻوئي پيو وسي.

(10)

ڪاڪِ نہ جهَلِيا ڪاپَڙِي، موهِيا نہ مَحلَنِ،
ٻائِنِ ۽ ٻانِهيُنِ جي، ٻَنڌِڻِ ڪِينَ ٻَجهَنِ،
لَکين لاهُوتِيَنِ، اَهڙيون اورِيان ڇَڏِيون.

جوڳين کي ڪاڪ محل جي طلسم ڪين روڪيو ۽ نہ وري هنن کي محلاتن ئي هرڪايو. هو سانئڻين توڙي ڪنيزن (داسين) جي سونهن جي جار ۾ هرگز نہ ٿا اڙجن. سامين اهڙيون لکين صورتون انهيءَ ڪان اڳ خاطر ۾ بہ نہ آنديون.

(11)

ڪاڪِ نہ جهلِيا ڪاپڙِي، موهِيا ڪَنهِن نہ مالَ،
سوڍِيون سِجهائي وِيا، هَهڙا جنين حالَ،
جي چورِيُنِ ڏِنا چالَ، تَنِ لاهوُتِي لَنگهي وِيا.

جوڳين ڪي نہ تہ ڪاڪ محل جي طلسم روڪيو ۽ نڪي ڪين ڪنهن لالچ للچائي وڌو. جن جال اهڙا حال آهن (جي سڀ ڪجهہ ترڪ تا ڪن)، سي گهڻين سوڍين (سهڻين زالن) کي پچائي ۽ لچائي، اڳتي نڪري ويا. جي چورين چال ماريا، تہ بہ لاهوتي سندن دام ۾ نہ آڙيا، اڳتي نڪري ويا.

(12)

شَمَعَ باريندي شَبَ، پرهَ باڪوُن ڪڍيون،
موٺُ مَران تِي، مينڌرا! راڻا! ڪارَڻِ رَبَ،
تنهنجِيءَ تاتِ طَلَبَ، ڪانگَ اُڏايَمِ ڪاڪِ جا.

ساري رات بتي جلائيندي، اسر جي سوجهري اچي شاخون ڪڍيون آهن. اي راڻا مينڌرا! تون ڏٽيءَ جي واسطي واپس ور، مان تو بنا مريو ٿِي وڃان. تنهنجي سڪ ۽ ڳولا ۾، مون ڪاڪ جا ڪانگ اُڏايا آهن.

(13)

سوڍي سُتي لوءِ، ڪا جا مون سين ڳالهہ ڪَئِي،
سا جي پڌَرِ پوءِ تہ، سَرَتِيون! ڪا نہ سُمهي.

لوڪ سُتي، راڻي جا مون سان رهاڻ ڪئي، سا جي پڌري ٿئي تہ اي جيڏيون! اوهان مان ڪابہ جيڪر ننڊ نہ ڪري.

(14)

آءُ، راڻا راحتَ! ڏاجَ ڏرتِيءَ جا ڏٽِي!
سِڪَنِ تِيون سُهاڳِڻِيون، سوڍا تُنهنجي سَٽَ،
مون تان لاهِ مَ هَٿَ، ڪامِلَ ڏٽِي ڪاڪِ جا!

اي راڻا! منهنجي روح جي راحت! اي اَنَ ۽ ڌرتيءَ جا سائين! اي سوڍا! سهاڳڻيون تنهنجي صحبت لاءِ تڙڦن ٿيون. اي ڪاڪ جا ڪامل خاوند! مون تان پنهنجي سايي جا هٿ ڪڏهن نہ ڇڏج!

(15)

جاءِ ون پيرين مون، سا يُون مَٿي سڄڻين،
ڏِگَّ لَـتـبا ڌُوڙ ۾، اُپِـي ڏنـاسـون،
ڏينهَن مِڙيئي ڏوُن، اُتي لوچ لَطيفُ چئي.

جا زمين منهنجي پيرن هيٺان آهي، سا ساڳي زمين محبوبن مٿان آهي. (زمين هيٺان ڪيئي نازنين دفن ٿيل آهن.) اسان جُنگ مڙس بيٺي بيٺي خاڪ ۾ لٿبا ڏٺا (مٽي ڪان پوءِ دفن ٿيندا ڏٺا). جهان ۾ مڙيئي ٻن ڏينهن جو جياپو آهي، تون اُتي پرينءَ کي ڳول.

(16)

ڪاڪِ ڪَڙهي وَڻَ وِيا، ٻَرِيا رَنگَ رَتولَ؛
تو پُڄاڻا، سُپرين! هِينئڙي اَچَنِ هولَ،
جي مون سين ڪَيءِ قولَ، سي سِگها پارِج سُپرِين!

ڪاڪ محل جلي ويو وڻ ٻري رک ٿيا ۽ رنگ محل سڙي پورا ٿيا. اي پرين! توکان پوءِ منهنجي دل کي خطرا ورائي ويا آهن. اي جانب! جيڪي واعدا تون مون سان ڪيا هئا، سي جلد پورا ڪج.

(17)

حالُ قُربانُ، مالُ قُربانُ، گهورِيان لُڏاڻو؛
فِدا تِيءَ فَقِيرِ جو، شَلَ رُسي مَ راڻو!
مُيُنِ سين ماڻو، مُناسِبُ نہ ميندرِا!

راڻي مٿان منهنجو تن ۽ ڌن قربان !مان سندس مٿان لڏاڻو گهوري ڇڏيان. شل راڻو هن قربان ٿيل مسڪين سان رسي نہ وڃي. اي راڻا! مينڌرا! فدا ٿيلين سان ماڻو (رُسامو) ڪرڻ واجب نہ آهي.

(18)

مون گهَرِ اَڇي جي ٿِئي، مينڌِرو مِهمانُ،
آڻي جهوڪِيان آڳِ ۾، ڄيري وِجهان ڄانُ،
تاڻي تَنُورَنِ ۾، پيري هَٽان پانُ،
پيڪَنِ سُوڌو پاڻُ، گهَرُ تڙُ گهورِيان پِرَ تان.

جيڪڏهن راڻو مينڌرو منهنجي نجهري ۾ مهمان ٿي اچي رهي، تہ هوند پنهنجي خوديءَ کي باهہ جي مچ ۾ آڻي وجهان. پنهنجي پاٽپٽي کي گهلي ڪورن ۾ هٽان. مان جيڪر پاڻ کي پيڪن سميت ۽ پنهنجو گهر تڙ پريںءَ تان گهوري ڇڏيان.

(19)

راڻي رِڻُ ڪَيو، جيڏِيُون! مُنهنجي جِيءَ سين،
مَنُ مينڌِري وَڍِيو، ڏُبِي ڏَڙُ پِيو،
ٻُجهان، ٻَهَرِ ويو؛ هِنئون هَنڌِ نہ هيڪڙي.

اي سرتيون! راڻي منهنجي جان سان نسورو ظلم ڪيو آهي. منهنجي دل کي مينڌري ڪپي ڇڏيو ۽ منهنجو جسم ڏکي ڪري پيو. مان سمجهان ٿي تہ منهنجو من ٻاهر پيو رلي (راڻي جي تلاش ۾) ۽ هڪ جاءِ تي (اصلوڪي ماڳ تي) ناهي.

(20)

سوڍا! صَبُرُ تُنهنجو، مَرَڪُ لَڄائِنَ،
چُپَ سين جي چَوَنِ، اَدَبُ ڪَجي اُن جو.

اي سوڍا! تنهنجو صبر، حياءَ ۾ ٻڏلين لاءِ فخر جو ڪارڻ آهي. (جي پنهنجن اعمالن ڪري شرمسار آهن، تن لاءِ فخر جو

باعث آهي.) جي ماڻ جي وسيلي ڳالهائين (خاموشيءَ ۾ تنبيهه ڪن) تن جو اَدب ڪرڻ جڳائي. (ڪاملن جي ماڻ ئي ڪلام آهي ۽ سندن ادب ڪرڻ روا آهي.)

(21)

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آديسِي آيو،
چوڏهينءَ ماهَ چَندَ جِئَن، ڪَيو سامِيءَ سَهائو،
لَٿو اُونداهو، جوڳِيءَ سَندِيءَ جوتِ سان.

راڻي (ڪامل مرشد) جي سنگ مان هڪ جوڳي (روحاني قاصد) آيو آهي (طالب وٽ مرشد وٽان هڪ روحاني قاصد آيو آهي) انهيءَ جوڳيءَ چوڏس جي چنڊ وانگر سوجهرو (تجلو) ڦهلايو. جوڳيءَ جي شعاع سان اندر جو انڌڪار ختم ٿي ويو.

(22)

نئون نِياپو آيو، راڻي مُلان راتِ،
لَڌِيسون لَطِيفُ چئي، ڪَنان ڏاتَرَ ڏاتِ،
ڪهڙي پُڇِين ذاتِ؟ جي آيا سي اگهِيا.

راڻي (ڏڻيءَ) وٽان رات هڪ نئون پيغام آيو آهي. شاهه لطيف ٿو فرمائي ته "اسان کي سخا جي صاحب ڏڻيءَ وٽان هي ڏات ملي آهي: "تون ذات پات جو ڪهڙو حسب ٿو پڇين؟ هن در تي جيڪي به ڪمائي ڪري آيا، سي قبول پيا".

(23)

ڪيڏانهن ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چوڏِسِ چِٽاڻو،
مَنجهِين ڪاڪِ ڪَڪورِي، مَنجهين لُڏاڻو،
راڻو ۽ راڻو، رِءَ راڻي بِيو ناهِ ڪو.

مان چانگي (اُٺَ) کي ڪهڙي طرف ڪاهيان؟ چؤطرف سهائو لڳو پيو آهي (چؤطرف ڏڻيءَ جو نور آهي، پوءِ هن خاڪي جسم کي ڪهڙي طرف ورايان؟) اندر ۾ ئي ڪاڪ جو رنگ

محل آهي. اندر ۾ ئي لڏاٽو آهي، هرجاءِ (اندر توڙي ٻاهر) راٽو ئي راٽو پيو وسي، سواءِ راٽي جي ٻيو ڪي ڪين آهي.

(24)

ڪيڏانهن ڪاهِيان ڪَرَهو؟ چِٽاٽو چَؤڌارَ،
مَنجِهين ڪاڪِ ڪَڪورِي، مَنجهين باغُ بَهارَ،
ڪانهي ٻِي ٽَنوارَ، ٽِيو مِڙوئِي مينڌِرو.

مان اُتَ ڪي ڪيڏانهن ڪاهيان؟ چئني طرف تجلو آهي. اندر ۾ ئي ڪاڪ جو رنگ رتول آهي ۽ اندر ۾ ئي چهچ چمن آهن، ڪٿي ٻ ٻي ڪا وائي نہ ٿي سڻجي، مڙني هنڌ راٽو ئي راٽو پيو وسي.

شاهه حبيب پٽ جي فراق ۾ بيهال ٿي پيو هو ۽ رات ڏينهن پيو ڏ ٽيءَ در ٻاڏائيندو هو تہ سندس پٽ ڪيس وري سلامت اچي ملي.

مخدوم نوح جي درگاهہ تي بہ هر روز اِها ئي دعا پنندو هو. هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو شاهه عبداللطيف اچي پنهنجي گهر سهڙيو. پيءُ جون اکيون ٺري پيئون: ورهين جو وڇوڙو هڪ لحظي ۾ لهي ويو.

## شاهه جي شادي

شاهه جي گهر موٽي اچڻ کان سنت ئي پوءِ، مٿس شاديءَ جو ٻنڌڻ پيو. جنهن جي ڪارڻ، گهڻو وقت بيتاب ٿي جهنگ، واديون ۽ رڻ ڦريو هو تنهن سان ئي قدرت سندس ناتو جوڙيو. اها هئي مرزا مغل بيگ جي نياڻي بيبي سيده بيگم، جنهن کي شاهه صاحب جا مريد، پوءِ اَدب وچان تاج المخدرات (ستين جو چٽ) سڏيندا هئا.

شاهه جي شادي ڪيئن ٿي، سا بہ هڪ حيرت جهڙي ڳالهه آهي. هڪ ڏينهن اتفاق سان ائين ٿيو جو ڪي دل ذات جا رهزن، مردن جي غير حاضريءَ جو فائدو وٺي، مرزا مغل بيگ جي گهر تي ڪاهي آيا. سارو قيمتي مال ڀاري رمندا رهيا. پوءِ مغل هٿيارٻند ماڻهو ساڻ ڪري، ڌاڙيلن جي کڏ لڳا ۽ اچي شاهه جي پاڙي مان لانگهائو ٿيا. اها روئداد ڏسي شاهه سچيءَ نيت سان، پنهنجون ۽ پنهنجن ماڻهن جون خدمتون آڇين، پر مرزا ان کي حقارت سان ٺوڪاري ڇڏيو. شاهه کي انهيءَ تان ڏاڍو رنج رسيو. چون ٿا تہ سندس زبان مان بي اختيار بددعا نڪري ويئي. مرزا پنهنجن ماڻهن سميت شاهينگن هٿان مارجي ويو. اهو حادثو 1124هجري مطابق سنہ 1813ع ۾ ٿيو. مغلن جي زالن، سيدن جي رنج متائڻ لاءِ اچي ڪانئن معافي ورتي. پوءِ مرزا مغل بيگ جي نياڻيءَ جي شادي شاهه صاحب سان ڪرايائون. بيبي صاحبہ هڪ نهايت پاڪدامن، پارسا ۽ نيڪ اطوار عورت هئي. شيخ سعديءَ جو فرمودو آهي:

# سُر مارُئي

## عمر مارئيءَ جو قصو ۽ اُن جي روحاني معنيٰ

مارئي پالڻي نالي هڪ ٿري پنوهار جي نياڻي هئي. سندس ماءُ جو نالو ماڏوئي هو. وٽن ڦوڳ نالي هڪ هاري ڪم ڪندو هو. مارئي جوڀن کي رسي ته هو مٿس مست ٿي پيو. هڪ ڏينهن سندس مائٽن کان سندس سڱ گهريائين. مارئي جو مڱڻو اڳيئي سندس هڪ نياتيءَ کيت سين سان ٿيل هو سو مارئيءَ جي پيءُ صاف انڪار ڪيس.

ڦوڳ جي دل ۾ ساڙ رهجي ويو ۽ وير وٺڻ جا پهه پچائڻ لڳو. نيٺ ڪهي ويو عمر سومري وٽ، جنهن جو ٿر تي راڄ هو. عمر هوندي ته عدل ۽ انصاف جون ڳالهيون ڪندو هو، پر ڦوڳ جي واتان مارئيءَ جي سونهن جي ساراهه ٻڌي، پاڻ پلجي ويو. ڦوڳ چيس "قبلا! اها پري ته اوهان جي محل ۾ سونهي، ههڙي سج جهڙي صورت ناحق پکن ۾ پوري پيئي آهي!"

عمر پنهنجي شاهاڻي شان کي وساري، ڦوڳ سان گڏ بدليل ويس ۾، مارئيءَ جي ڳوٺ ملير ڏي راهي ٿيو. من ۾ اها پليد مراد هيس ته مارئيءَ کي ڦندي ۾ ڦاسائي، امر ڪوٽ ڏانهن کيني ڪٽي اچان. مارئي هوندي پرهه ڦٽيءَ جو سهيلين سان گڏ، کوهه تان پاڻي ڀرڻ ويندي هئي. قضا اِلاهي، جو انهيءَ ڏينهن ننڍ کجي ويئي هيس ۽ ٿورو دير سان کوهه تي آئي هئي. ڦوڳ، عمر کي آشاري سان مارئي ڏيکاري، عمر وڏي وجي پاڻيءَ ڍڪ لاءِ منٿ ڪيس. مارئي پهريائين ته ڇرڪي ويئي، پر پوءِ هڪ سهيليءَ جي چوڻ تي پاڻي آڇيائينس. جيئن ئي

هوءَ عمر جي ويجهو آئي، تيئن هن ڇڪي ڪٽي پنهنجي اُٺ تي چاڙهيس ۽ وٺي امر ڪوٽ ڏانهن ڪاهيائين.

امر ڪوٽ ۾ مارئي کي عمر وچي پنهنجي محل ۾ قابو ڪيو. هر رات جو ڪيس عطر عنبيرن، پلاوَن ۽ شربتن، پٽ پٽيهرن ۽ بخمل بافتن جا لب ڏيندو رهيو پر هن ستيءَ لاءِ پنهنجن مسڪين مارن سان گڏ سک بہ پلاوَن کان وڌيڪ لذت واري ۽ اُڃ، شربتن کان وڌيڪ مٺي هئي. هن لاءِ آباڻن جي لوئي، عمر جي بخملن ۽ بافتن کان وڌيڪ ملهائتي هئي. عمر آخر ڪيس خارن وچان ڪوٽ ۾ ڪٽي قيد ڪيو ۽ ڪيس اهنج ۽ ايذاءَ ڏيڻ لڳو. هوڏانهن مارو ويچارا بہ ماٺ ۾ رهيا. هيءَ ويچاري تر ڄائي، ساٽيهہ کي ساري راتو ڏينهان رت پيئي روئندي هئي، جيسين عمر جي ڪوٽ ۾ قابو هئي، تيسين نہ لڱ ڌوتائين، نہ وار واسيائين ۽ نہ بت تان لوئي لاٿائين. بکن ۽ اجن وگهي آخر اچي موت کي ويجهي ٿي. هڪ ڏينهن عمر کي سڏائي، ڪيس عرض ڪيائين تہ، "جي مان هت مران، تہ منهنجو مڙهہ ملير نج، ۽ ان کي منهنجي وطن جي وَلين سان واسي، اُن کي تر جي مٽيءَ ۾ پورج." عمر سندس سچائي ڏسي پنو ٿيو ۽ اُمالڪ ڪيس آزاد ڪيائين. پوءِ مارن ڏانهن نياپو ڪيائين تہ، "پنهنجي امانت وٺي وڃو." مارن لاءِ عيد ٿي ويئي ۽ هو جلد اَچي اَمر ڪوٽ ۾ سهڙيا. عمر کين سوغاتن سان مالا مال ڪري مارئيءَ سوڌو ملير ڏانهن اُماڻيو.

مارئيءَ جي پتار کيت سين جي دل ۾ گمان رهجي ويو هو سو هو هر وقت مارئيءَ کي ويڻ پيو ڏيندو هو. عمر کي جڏهن اها سڌ پيئي، تڏهن لشڪر وٺي مارن تي ڪاهي ويو. مارو تہ ڏر وچان اُٿي پڳا. عمر جو چوڻ هو تہ "کيت سين مارئيءَ کي آزاري، نہ رڳو پنهنجي حق پڌي زال سان ناحق ٿو ڪري، پر منهنجي بہ بدنامي ٿو ڪري" مارئيءَ جواب ڏنس تہ، "جي آهڙي هلت نہ هلين ها تہ چو هئن شهرت ٿئي ها ۽ پنهنجو نالو بوڙين ها." عمر نهايت پشيمان ۽ شرمندو ٿيو. کيت سين کي

گهرائي چيائين تہ، "مارئي پنهنجي سيل تي قائم آهي ۽ مون کانئس خيانت نہ ڪئي آهي، جيڪا بہ منهنجي پرک وٺندا، تنهن لاءِ تيار آهيان." انهيءَ تي مارئيءَ چيو: "جي پريکيا وٺن تہ منهنجي وٺن. من ائين پاڻ تان ۽ پنهنجي خاندان تان ٽڪو لاهيان." نيٺ اِها ڳالهہ بحال ٿي. هڪ وڏو مچ تيار ڪرائي، اُن ۾ هڪ سيخ وڌي ويئي، جڏهن اُها تپي ڳاڙهي ٿي، تڏهن مارئي اُن کي هٿ ۾ جهلي بيٺي، پر کيس ڪابہ لهس نہ آئي. اِهو اسرار ڏسي، عمر پاڻ کي روڪي نہ سگهيو ۽ هو بہ آگ ۾ کُڏي ڪاهي پيو. قدرت اِلاهي جو کيس بہ ڪو ضرر نہ رسيو. هاڻ ماڻهن کي پنهي جي سچائيءَ جي پڪ ٿي ۽ مارئي ۽ کيت سين حياتيءَ جا باقي ڏينهن محبت ۾ گهارڻ لڳا.

هن سُر تي، اُن جي مضمون مطابق نالو رکيو ويو آهي. هن سُر ۾ ملير مان مراد آهي: انسان جو اَصلوڪو وطن يعني عرش، روح اُتي پاڪ هئا. پر دنيا ۾ اچڻ سان اچي حرص ۽ هوس جي قيد ۾ قابو ٿيا. عمر مان مراد آهي، ڪميڻو نفس يا من، جو هر وقت اِنسان کي بدراهہ ڏانهن پيو آتاري ۽ گهلي. ڏٽيءَ جا عاشق اُن جي دام ۾ هرگز نہ ٿا اَڙجن. هو مارئيءَ وانگر هميشه پنهنجو اصلوڪو وطن پيا سارين ۽ ڪنهن بہ حرص ۾ نہ ٿا ڦاسن. نفس بہ نيٺ سندن پچر ڇڏيو ڏئي. مالڪ نيٺ مٿن مهر ڪري، وٽن ڪو رهبر ٿو موڪلي، جو اچيو سندن بند خلاص ڪري. جئن هڪ قاصد مارئيءَ وٽ ملير مان ڪهي آيو ۽ کيس ڪوٽ مان آجو ڪري مارن ڏانهن وٺي ويو. تئن مرشد ڪامل بہ طالب کي دنيا جي دام مان آزاد ڪرائي، عرش تي رهندڙ عارفن جي صحبت ۾ وٺي ٿو وڃي. سچا عاشق نوراني ملير ۾ وڃيو پنهنجي حبيب سان هڪ ٿين:

ملير ماڻيائون، حڪم ساڻ حبيب جي

(1)

'اَلَسۡتُ بِرَبِّکُمۡ'، جَڏهِن ڪَنَ پيومِ،
'قَالُوآ بَلىٰ' قَلبَ سين، تَڏهِن تِتِ چَيومِ،
تَنهِين وِيرَ ڪَيومِ، وَچَنُ ويڙهيچَنِ سين.

"چا، نہ آهيان، مان اوهانجو رب؟" جڏهن اِهي سخن منهنجي ڪنن تي پيا، تڏهن مون دل و جان سان اُتي چيو: 'هائو' انهيءَ مهل مون جهانگين (پنهنجن مائٽن) سان سچائيءَ جو واعدو ڪيو هو.

(2)

سَهَسِين سيبا ڪَنجُري، لوئِي ليڙُون لِيڙَ،
واسي وارَ نہ ويڙِهيان، مَرُ چَڳُون رَهَنِ چِيڙَ،
مارُوءَ جي مُهاڙِ رِءَ، اَندرِ ناهِ اُڪِيرَ،
هَهِڙو حالُ، هَميرَ! وَنِي شالَ ويڙهِ وَجان!

منهنجي چوليءَ ۾ سهسين ٽوپا آيل آهن ۽ لوئي ليڙون ليڙون ٿي ويئي آهي. وارن کي سرهاڻ مکي چوٽي نہ ٿي ڪريان، ڀل تہ چڳون ،منجهيل رهن. ماروءَ جي منهن ڏسڻ ڏاران، ٻي ڪابہ سڪ نہ آهي. اي همير سومرا! شل ههڙو حال ڏاري، جهنگ (وطن) موٽي وڃان.

(3)

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، مارُوءَ سَندا مون،
پَٽولا پَنوَهارِ ڪي، عُمَرَ! آڇِ مَ تون،
وَرُ لوئيءَ جِي لُونَ، ڏاڏاڻَنِ ڏِنيامِ جا.

ماروءَ جي مڱٽي جا ڌاڳا مون لاءِ سون سمان آهن. اي عمر! تون پنوهارڻ (مارئيءَ جو پاڻ ڏانهن اشارو) کي ريشمي لباس نہ آڇ. جا لوئي اباڻن ڏني آهي، تنهنجي هر هڪ تند مون لاءِ نعمت آهي.

(4)

تيلُ نہ لائِيان تُنهنجو، مُون ماروُءَ جو مَنّ،
ڪَرِيان ٻِي نہ ڪَنّ، آهَرَ اُنهِين آهِيان.

مان تنهنجو تيل هرگز نہ لائيندس. منهنجي هنئين ڪي ماروءَ جي محبت جو مک (رنگ) لڳل آهي. ٻي ڪابہ وائي نہ سڻنديس، مان هن جي ئي آسري تي تي تڳان.

(5)

ڪارا ڪَرائِنِ ۾، سونُ اَسان ڪي سُوءَ،
وَرُ جيڏِيُنِ سين جُوءَ، فاقو فُرحَتَ پانئِيان!

اسان ڪي ڪراين ۾ ڪارا ڏاڳا ٻڌل آهن ۽ سون اسان لاءِ ماتم جي نشاني آهي. سرتين سان بک بہ مون لاءِ نعمت آهي ۽ انهن جي صحبت ۾ لنگهڻ ڪيڻ مون لاءِ فرحت آهي.

(6)

اِيَ نہ مارُنِ ريتِ، جِئَن سيڻَ مَٽائِنِ سونَ تي،
اَچِي اَمَرَ ڪوٽَ ۾، ڪَندِيَسِ ڪانَ ڪُريتِ،
پَکَنِ جِي پريتِ، ماڙِيءَ سين نہ مَٽِيان.

مارن جو اِهو دستور ناهي، جو سون جي لالچ تي پنهنجا سيڻ بدلائي ڇڏين. مان امرڪوٽ ۾ اچي، اهڙي ڪڏي روش اختيار نہ ڪنديس. آباڻن پکن لاءِ جا محبت اٿم، سا محل جي ماڙيءَ سان هرگز نہ مٽينديس.

(7)

وَرُ سي وَطَنَ جائِيون، صَحرا سَتُرُ جَنّ!
ڳولاڙا ۽ ڳُگِرِيُون، اوڇڻَ اَباڻَنّ،
ويڙِهيا ڳُهمَنِ وَلِيين، جهانگِي مَنجهہِ جهَنگَنّ،
مون ڪي مارُوئَڙَنِّ، سُڃَ ڳِٽائِي سيجَ ۾!

منهنجي وطن جون اُهي ناريون مبارڪ آهن، جن جو پردو ۽ پناهه برپٽ آهي. منهنجن اباڻن جو ڍڪ ۽ پردو، گولاڙا (جهنگ جو ميوو) ۽ گگريون (ڪؤنر جا وڻ) آهن. جهنگ جا رهاڪو مارو ولين ۾ ويڙهيا پيا گهمن (سندن چؤگرد وَليون ئي وليون آهن.) مونکي ماروئڙن ڏاج ۾ وَڳن جي بدران سيج ڳٽي ڏني.

(8)

جا، عُمَرَ! تو مُلِ عِيدَ، سا سانَ سُوءَ وَرتِي سُومِرا!
ويئِي ويچارَنِ وِسِرِي، خُوشِي ۽ خَرِيدَ،
سِڪَڻَ ڪَيا شَهيدَ، مارُو جي مَليرَ جا.

اي عمر سومرا! جا تو وٽ عيد آهي، تنهن ڪي اسان ماتم ڪري سمجهيو آ هي. ويچارا ماروئڙا، عيد جي خوشي ۽ خريداري بنهه پلجي ويا آهن. ملير جي مارن ڪي منهنجي اُڪير ئي گهي ڇڏيو آهي.

(9)

بَندِي بِيا قَرارِ، اَسين لوچُون لوهَ ۾،
مَتي تَنَ تَرارِ، سَدا سانييَڙَنِ جِي.

ٻيا قيدي آرام ۾ آهن، پر اسين زنجيرن ۾ ماندا آهيون. اسان جي جسم مٿان هميشه سنيالي ندڙ (مارن) جي سڪ جي ترار لٽڪيل آهي.

(10)

جي ويجِهي تِيان وَرَڪي، تہ سَياڳُومِ سَنئون،
نِتُ نِتُ آهِ نَئون، مون کي پَسَڻُ پَنوهَارَنِ جو.

جي مان پنهنجي ڪانڌ پيڙي ٿيان تہ منهنجو سڳورو بخت چئبو. پنوهارن کي وري ڏسڻ، مون لاءِ نئون نئون ديدار آهي.

(11)

آئُون ڪِئَن ڇَڏِيان، سُومِرا! تِن پَنوَهارَنِ پَچارَ؟
جَڙَ جِنين جِي جانِ ۾، لَڳِي رِءَ لُهارَ،
ميخُون مُحَبَّتَ سَندِيون، هِنئَڙي مَنجِهہ هَزارَ،
پَکا ۽ پَنوَهارَ، ڏِني مون ڏِينهَن تِيا!

اي سومرا! مان اُنهن پنوهارن جي سار کي ڪئن ترڪ ڪريان. جن جي محبت جي ميخ منهنجي جان ۾ بنا ڪنهن لهار جي لڳي آهي. منهنجي دل ۾ سندن نينهن جا هزارين نيزا لڳل آهن. مون کي پکن ۽ پنوهارن کي ڏني ڪيئي ڏينهن گذري ويا آهن.

(12)

سُونهَن وِڄايَمِ، سُومِرا! ميرو مُنهُن تِيومِ،
وَڃَڻُ تِتِ پِيومِ، جِتِ هَلَڻُ ناهِ حُسنَ ري.

اي سومرا! مون پنهجي سونهن وڃائي آهي ۽ منهنجو منهن ميرو ٿي پيو آهي. مونکي وڃڻو اُتي (انهيءَ ولايت ۾) آهي، جتي سونهن (اخلاقي جمال) بنا هلي نہ ٿو سگهجي.

(13)

واجهائي وَطَنَ کي، ساري ڏِيان ساهُ،
بُتُ مُنهِنجو بَندَ ۾، قَيدِ مَ ڪَريجاهُ،
پَرَڏيهِياڻي پرينءَ ري، ڏارَ مَ ڏريجاهُ،
ٿَڌي وَسائِجانءِ ٿَرَنِ جِي، مِٽِي مُئِيءَ مَٽاهُ،
جي پويون تِئِي پَساهُ، تہ نِجانءِ مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

ساڻيهہ (وطن) لاءِ سڪندي ۽ اُن کي سارينديءَ جي مان دم ڏيان تہ منهنجو جسم قيد ۾ قابو نہ ڪجانءِ. هن پرديسياڻيءَ (مارئيءَ جو پاڻ ڏانهن اشارو) کي سندس جانب (کيت سين) کان پري نہ رکجانءِ. هن مُئيءَ جي مٽان (منهنجي لاش مٿان)

تر جي ٽڏي واري سوائجانءِ. جي منهنجا پساهه پورا ٿين تہ منهنجو لاش ملير ڏانهن کڻي هلجانءِ.

(14)

واجهائي وَطَنَ کي، ساري ساهُ ڏِيان،
هِيُ سِرُ ساڙيهَ سامُهون، مُنهِنجو نِڄ مِيان!
مُقامِياڻِي مارُئين، وَڃِي ٿِر تِيان!
مُيائِي جِيان، جي وَڃِي مڙهُ مَليرَ ڏي.

جي ساڻيهہ لاءِ سڪندي ۽ ان کي سارينديءَ دم ڏيان تہ اي آمير! هي منهنجو سر وطن طرف کڻي هلج. (منهنجو لاش ملير ڏي نج.) مان شل ٿر ۾ وڃي مارن جي وچ ۾ دفن ٿيان، جي منهنجو لاش ملير ۾ وڃي تہ (مان) مئل بہ جيئري چئبيس.

(15)

واجهائي وَطَنَ کي، آئُون جي هِتِ مُياسِ،
گورَ مُنهِنجِي، سُومِرا! ڪَج پَنوَهارَنِ پاسِ،
ڏِج ڏاڏاڻي ڏيهَ جي، مَنجهان وَلڙيُنِ واسِ،
مُيا ئِي جِياسِ، جي وَڃِي مَڙهُ مَليرَ ڏي.

ساڻيهہ لاءِ سڪندي جي هت مران تہ اي سومرا! منهنجي قبر پنوهارن (مارن) وٽ ٺاهج. اَباڻي وطن جي وَلين مان مون کي واس ڏج. جي منهنجو لاش ملير وڃي تہ جڻ مري جيئري ٿيس.

(16)

نَکا جَهلَ نہ پَلَ، نَکو راڙُ ڏيهَ ۾،
آڻيو وِجهَن آهُرين، روڙِيو رَتا گُلَ،
مارُو پاڻ اَمُلَ، مَليرونِ مَرڪَڻو.

تر ملڪ ۾ نہ ڪنهن قسم جي جهل آهي، نہ ڍل. ماروئڙا ڳاڙها گل ٽارين تان پٽيو اَچيو آهرن ۾ وجهن. مارو پاڻ آملهہ (بي بها) آهن ۽ سندن ملير ٻهڪندڙ (تجمل شان وارو) آهي.

(17)

سَنِهِيءَ سُئِيءَ سِبِيو، مُون مارُوءَ سين ساهُ،
وينِي سارِيان، سُومِرا! گولاڙا ۽ گاهُ،
هِنئون مُنهِنجو هُتِ تيو، هِتِ مِٽِي ۽ ماهُ،
پَکَنِ مَنَجِهہ پَساهُ، قالِبُ آهي ڪوٽ ۾.

مارئي تي چوي تہ، "منهنجو روح ماروءَ سان نينهن جي سنهيءَ سئيءَ سان سبيل آهي. اي عمر سومرا! مان گولاڙا ۽ گاھہ ويٺي ياد ڪريان. منهنجو من هُتِ (ملير ۾) آهي ۽ هت مٽيءَ جو بت ۽ ماس آٿم. منهنجي جان پکن ۾ آهي ۽ جسم ڪوٽ ۾."

(18)

پاچاهِي نہ پاڙِيان، سَرَتِيون! سُئِيءَ ساڻُ،
ڏَکي اُگهاڙَنِ کي، ڪِينَ ڏَڪائين پاڻُ!
بِيهَرَ جاپِي جاڻُ، اِبَرَ جي اوصافَ کي!

اي سرتيون! مان بادشاهيءَ کي بہ سُئيءَ جي مٽ نہ ٿي سمجهان. هوءَ ننگن کي ڪپڙا ٿي پهرائي، پر پاڻ ڪجهہ نہ ٿي پهري. تون ٻيو دفعو ڄمي (مرڻ کان اڳ مري ۽ وري جيئرو ٿي) سُئيءَ جي گڻن کي پروڙ.

(19)

جَرَ ۾ سِپُون جِيئن، آهِينِ اَبْرَ آسرِي،
جَيئن ڪُنجُون سارِينِ روهَ کي، مُون تَنَ اَندَرِ تِيئن،
هُتِ وَعدا وَڃَڻَ جا، هِتِ نہ پانيُم هِيئن،
ڪونِيُنِ وِهان ڪِيئن، جي نَظَرَ بَندِياڻِي نہ هُئان؟

جئن سپون جل ۾ هونديي، بادل جي آسري تي وهنديون آهن، جئن ڪونجون جبل کي ياد ڪنديون آهن، (جو سندن رهڻ جو هنڌ آهي ۽ جتي ٻچا آٿن)، تئن منهنجي اندر ۾ ملير پيو وسي. هُت (ملير ۾) وڃڻ جو اقرار ڪيل آٿم. هت (بند ۾) مون

ائين نہ سمجهيو تہ مون سان هيءَ ڪار ٿيندي. جي پهري هيٺ بنديائي نہ هجان تہ ڪوئين ۾ جيڪر ڪيئن ڪاٿيان؟

(20)

سِپَ سَمُنڊين سَپَجي، اَبُرُ آساروسِ،
ٻاڙو پيي نہ ٻِپُڙِي، مِنو مُنهِن لَگوسِ،
ماڻِڪُ تي مِڙِيوسِ، جِئَن تَنگُ ڳَڍِيائين تارِ ۾.

سپ سمنڊ ۾ پيدا ٿيندي آهي، پر سندس آسرو بادل آهي. هيءَ ٻن پڙن واري (سپ) سمنڊ جو کارو پاڻي نہ ٿي پيئي ۽ نديءَ جو مٺو پاڻي نہ ٿو آئڙيس. ڪيس موتي انهيءَ ڪري ٿو حاصل ٿئي، جو اونهي پاڻيءَ ۾ بہ اُچون ٿي سهي.

(21)

مَليران مارُو، پَکي پيهي آئِيو،
وَرِيا واهارُو، هاڻُو سَپِ هِيٺا ٿِيا.

ملير مان مارو (پانڌي) ڪوٽ ۾ پيهي آيو. مددگار اچي رسيا، هاجو رسائيندڙ بيحال ٿيا.

(22)

سَڳَرِ سيئِي ڏينهن، جي مون گهارِيا بَندَ ۾،
وَسايَمِ وَڏَ ڦُڙا، مَتي ماڙِيُنِ مينهَن،
واجهاڻِيَس وِصالِ کِي، ٿِيَسِ تَهوارُون تيئَن،
نِيَرُ مُنهنجي نينهَن، اُجاري اَچو ڪَيو.

اُهي ڏينهن موچارا هئا، جي مون قيد ۾ ڪاٽيا. محل جي ماڙين ۾ اکين مان وڏ ڦڙي مينهن وانگر لڙڪن جي برسات وسايم. جئن جئن ميلاپ لاءِ سڪيس ٿي، تئن تئن ڇيهون ڇيهون ٿي ٿيس. منهنجي محبت. زنجيرن کي ڏوئي صاف ڪري ڇڏيو. (زنجيرن کي صفا ٺوڙي ڇڏيو.) هيءَ دنيا بہ قيد آهي. جنهن

زن نیک و فقرزانجہ و پارسا ۔ کند مرد درویش را پادشا

يعني، نيڪ، سياڻي ۽ پارسا عورت، فقير مرد کي بہ بادشاهہ بنائي ٿي ڇڏي.

هن جي سگهڙيءَ صحبت جي شاهہ کي هڪ روحاني سلطان بنائي ڇڏيو تہ ڪهڙو عجب! هوءَ پاڻ سان پنهنجو ننڍو ياءُ گولو وٺي آئي هئي، جو جلد ئي گذاري ويو.

## شاهہ جو اولاد

شاهہ کي ڪو اولاد ڪونہ ٿيو. چون ٿا تہ بيبي صاحبہ کي هڪوار اميد واري ٿي هئي، پر پوءِ ڪهياءِ ٿي پيس. انهيءَ جو ڪارڻ هن ريت ڄاڻايل آهي:

هڪ ڏينهن شاهہ پنهنجي هڪ فقير کي پري کان سهڪندو ايندو ڏٺو. پڇڻ تي معلوم ٿيس تہ بيبي صاحبہ کي پلي تي دل ٿي هئي: ۽ اهو فقير ڊوڙي وڃي گهٽي پنڌ تان پلو هٿ ڪري آيو هو. اهو حال ڏسي شاهہ چيو: "اهڙو اولاد ئي گهوريو جو ڇمڻ کان اڳي ئي منهنجي فقيرن کي ٿو رلائي."

شاهہ هميشہ چوندو هو: "هي فقير ئي منهنجو اولاد آهن، جن جون دليون عشق کان گهايل آهن." تحقيق درويشن جا مريد سندن نوري پٽ آهن.

## شاهہ جي عبادت ۽ رياضت

هاڻي شاهہ جي زندگي هموار ۽ موزون نموني ۾ گذرڻ لڳي. شاهہ صاحب سمورو وقت، رياضت، عبادت، شعر گوئي ۽ قدرت جي جمال پسڻ ۾ صرف ڪندو هو. قدرت جا من موهيندڙ نظارا کيس وجد ۾ آڻي ڇڏيندا هئا. اڪثر اونهي ويچار ۾ گذاريندو هو ۽ "انسان ڇا آهي؟ عالم ڇا آهي؟ حق ڇا آهي؟" جي باريڪ مسئلن تي غور ڪندو هو. تصوف ۾ بہ انهن ئي باريڪ نڪتن تي ويچار آيل آهن: "انسان، جهان ۽ خدا ڇا آهن؟"

شاهہ جي ڀاڄهاري طبيعت، نيڪ اطوارن ۽ پاڪدامنيءَ

کي ڏٽيءَ سان نينھن آھي، تنھنجون نفساني زنجيرون ڀڃي ڀورا ٽيو پون.

(23)

عُمَرَ! اَڄُ گَڏِيامِ، ڏوٿي اُنھين ڏيھَ جا،
پارايا پِرِيُنِ جا، اُپِي اُنِ چَيامِ،
لَھِي لوھَ پِيامِ، لُطَفَ ساڻُ لَطيفُ چئي.

اي عمر! اڄ مون کي انھيءَ ديس (ٿر) جا سانگي گڏيا. انھن ٻيٺي مون کي پنھنجي سپرينءَ جا سنھيا سڻايا. ڏٽيءَ جي مھر سان منھنجون زنجيرون ۽ ٻيڙيون لھي ويئون.

(24)

ڪانڌُ نہ ڪَنديَسِ ڪو ٻِيو، ڳتيرو ئِي خُوبُ،
ميروئِي محبُوبُ، اَسان مارُو مَنَ ۾.

مان ٻيو ڪو ڀتار نہ ڪنديس، منھنجي لاءِ ڪتو ڦھريندڙ مارُوئي موچارو آھي. منھنجو جانب مارو ڀل ميروئي ھجي، پر اُھو اسان جي من ۾ ھميشه پيو وسي.

(25)

مُنھُن مُنھنجو، سُومِرا! مَرُ ميروئِي ھوءِ!
مَتان مارُو چوءِ، تہ ڏوتوءِ ڏوراٿُنِ ۾.

اي سومرا! منھنجو منھن ڀل تہ ميروئي ھجي، متان مارو مون کي ائين چوي تہ، ”تو محلاتن ۾ اُن کي ڏوتو.

(26)

سُٽِي ساٽيہَ ڳالھڙِي، لھِي وِيا لوھَ،
اَندَرَ جا اَندوھَ، لَٿا ڏُکَ: سُکَ ٿِيا.

وطن جي ڳالھہ ٻڌي، زنجيرون لھي ويون. اندر جا غم ميٽجي ويا. سمورا درد لھي ويا ۽ سکن منھن ڏيکاريو.

(27)

اَجُ پڻ چِڪِيَمِ چاڪَ، وَنهيَنِ ويڙيچَنِ جا،
سُورَنِ اَچِي سُومِرا! اَندَرِ ڪِي اوطاق،
مارُوءَ جي فِراقَ، هَڏَ مُنهنجا ڪَپِيا.

اڄ پڻ سڪين مارن جي جدائيءَ جا ڦٽ ڪڙهيم. اي سومرا! منهنجي اندر ۾ دردن آچي اوتارو ڪيو آهي. ماروءَ جي وڇوڙي، منهنجا هڏ (لڱ ۽ عضوا) وڍي وڌا آهن.

# سُرُ ڪاموڏُ

## نوري ڄام تماچيءَ جو قصو ۽ اُن جي روحاني معنيٰ

نوري ذات جي مهاڻي هئي. سندس ذات وارا ڪينجهر ڍنڍ تي مڇي ماريندا هئا. انهن ڏينهن ۾ سمي گهراڻي جي هاڪاري حاڪم ڄام تماچيءَ جو راڄ هو. مسڪين مهاڻن جو گذران مڇيءَ تي هوندو هو ۽ هو رهندا بہ ٻيڙين ۾ ئي هئا. مهاڻيون واڻ تي وڪري لاءِ مڇين جون ڪاريون ڪٽي وهنديون هيون. مهاڻن جا جسم ڪارا ڪوجها ۽ بدبوءِ هاڻا هئا. سندس ٻار سارو ڏينهن لڏڻ وانگر پاڻيءَ ۾ پيا ٽُڙڳندا هئا. ڏٽيءَ آهڙيءَ ذات ۾ بہ نوريءَ جهڙو ماڻڪ پيدا ڪيو هو. 'نوريءَ' جي معنيٰ ئي آهي "روشنيءَ واري" تحقيق، نوريءَ جو حسن نوراني هو.

هڪ ڏينهن ڄام تماچيءَ، شڪار جي سانگي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، ڪينجهر جو سير پئي ڪيو تہ سندس نظر وڃي نوريءَ تي پيئي. گندريءَ جي نيڻن ڪيس گهائي وڌو. پوءِ تہ سندس مائٽن کان سڱ گهري ساڻس نڪاح وڏائين ۽ مهاڻن کي هيرن، لعلن ۽ فيروزن سان نوازيائين. سيئي سميون نوريءَ جي سلام تي ويندڀون هيون، پر نوريءَ هميشه نياز ۽ نئڙت سان ڄام جي پيش ايندي هئي.

هڪ دفعي، ڄام تماچيءَ نوريءَ جي نياز جي پرک لهڻ لاءِ، سمين کي چيو تہ: اَڄ شام جو مڙيئي سنيري ويهجو پوءِ جنهن کي وڻندم، تنهن کي پاڻ سان گاڏيءَ ۾ گهمائڻ وٺي ويندس." سيئي سميون ڏاڍا هار سينگار ڪري، تيار تي

ويٺيون، پر نوري پنهنجو آباڻو وڳو پهري، ڪنڌ نوائي ويهي رهي. اِهو ڏسي ڄام ڪيس گاڏيءَ ۾ چاڙهي وٺي ويو ۽ موٽڻ سان ڪيس پنهنجي پٽ راڻي ڪيائين.

جئن سڳو وچ سرندڙي، تئن راڻين ۾ راڻي

ڪاموڏ 'ڪامودا' جو بگڙيل روپ آهي، جنهنجو مطلب آهي "ڪام يا پريم وهيٽي" 'ڪامودا' ديپڪ جي پنجن زالن مان هڪ آهي. ۽ سمپورڻ راڳڻي آهي. ۽ ٻپهرن جو ڳائبي آهي. هن سر ۾ ئي وصل جي ميناج جي وائي آهي.

هن سر ۾ شاه، 'اُلتي طلب' جو ذڪر ڪيو آهي. ڏٺي ٻه انهن مسڪينن تي فدا آهي، جن کي ظاهر ۾ ڪوبہ زيب يا زينت ناهي ۽ جن جو ڳهڻو نهٺائي ۽ خاڪساري آهي. دنيا جي نظر ۾ اهڙا انسان خسيس آهن، پر مالڪ وٽ انهن جو وڏو ملهہ ۽ مانُ آهي.

(1)

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَجَرُ، پاسي ۾ وَٽراهَ،
اچي وَجي وِچَ ۾، تَماچِيءَ جي ساءَ،
لَڳِي اُتَرَ واءَ، ڪِنجُھَرُ هِندورو ٿِئي.

هيٺ اوجل جل، مٿان جهڳٽا (وڻن جا نميل جهڳٽا) ۽ پاسن کان وٽڪار. نوري، ڄام تماچيءَ جي صحبت جو رس وٺڻ لاءِ، هيڏانهن هوڏانهن انهيءَ فضا ۾ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، سير پئي ڪري، اُتر جي هير لڳڻ سان، ڪينجهر (ڪينجهر جو پاڻي) هندوري (پينگهي) جيان پيو لڏي (يا ڪينجهر تي هلندڙ ٻيڙي هندوري وانگر پيئي لڏي)

(2)

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَجَرُ، ڪَنڌِيءَ ڪَوُنرَ ٽَرَنِ،
وَرِئي واهُوندَنِ، ڪِنجُھَرُ ڪَٿوُرِي ٿِئي.

هيٺ اوجل پاڻي، مٿي جهڳٽا ۽ ڪنارن پرسان ڪنول گل پيا ٽلن. بسنت (بهار) جي رت اچڻ سان، ڪينجهر- ڊنڊ عطر ۽ مشڪ سان واسجي ٿي پوي.

(3)

نُوُرِيءَ جي نِوازِيو، ٿِيو تَماچِي تي،
گاڏِيءَ چاڙهي گَندِرِي، ماڙِھوُ ڪَيو مي،
ڪِنجُھِرِ چوندا ڪي، تہ سَچُ سَيائِي ڳالَھڙي.

ڄام تماچي انهيءَ ڪري ئي اَمر ٿيو آهي، جو هن نوريءَ کي نوازيو. هن مهاڻيءَ کي پاڻ سان گاڏيءَ ۾ چاڙهي، ڪيس ماڻهپي ۾ آندو. ڪينجهر جي آسپاس ڪي ماڻهو اڄ بہ چوندا تہ اِها ڳالهہ سموري سچي آهي.

(4)

کو جو ڪامڻ مي، آهي اَگڙين ۾،
تَنُ تماچيءَ ڄامَ جو، نايُون پايو ني،
عِشقُ اِئن ڪَري، ڄِئن ڄارو ڄامُ ڪُلهي ڪَيو.

مهاڻيءَ (نوريءَ) جي نيڻن ۾ اهڙو ڪو جادو آهي، جو ڄام تماچيءَ جي جسم کي ڄڻ نيڙن تي ڪنيو تي وٺي. اِها ڪرامت عشق ئي ڪري، جو ڄام تماچيءَ جهڙو راجا، مهاڻن جي ڄار ڪلهي تي ئو کڻي.

# سُر سورَٺِ

## راءِ ڏياچ جو قصو ۽ اُن جي روحاني معنيٰ

ڪنهن زماني ۾ راءِ ڏياچ نالي هڪ راجا، جهوناڳڙهہ تي راڄ ڪندو هو. ڪيس هڪ بي اولاد پيڻ هئي، جنهن هڪ ڏينهن هڪ فقير ڪان ٻار لاءِ دعا گهري. درويش چيس تہ، "توکي هڪ پٽ ڄمندو پر اُهو تنهنجي ڀاءُ جو سِرُ وٺندو." اِهو ٻڌي هوءَ نهايت پشيمان ٿي. نَون مهينن ڪان پوءِ ڪيس پٽ ڄائو، جنهن کي بروقت هڪ صندوق ۾ تاڪي ڪٽي درياه حوالي ڪيائين. صندوق لڙهندي وڃي راجا آنيراءِ جي ملڪ ۾ نڪتي ۽ اُتي هڪ چارڻ ۽ سندس زال کي هٿ آئي. هنن ٻار کي ڪڍي وڃي پاليو ۽ نالو رکيائونس ٻيجل.

قضا سان، جنهن وقت ٻيجل ڄائو هو، تنهن وقت راجا آنيراءِ کي پڻ هڪ ڌيءَ ڄائي هئي. جا سندس سٺ ڌيئن ۾ اضافو هئي. خارن وچان راجا اُن کي صندوق ۾ وجهائي، درياهہ ۾ لوڙهائي ڇڏيو. اُها صندوق راءِ ڏياچ جي ملڪ ۾ رتني نالي هڪ ڪنير کي هٿ آئي. رتني کي بہ اولاد ڪونہ هو سو ڪوڏ وچان وڃي ٻار کي پياليائين ۽ نالو رکيائينس سورٺ. سورٺ جڏهن جوڀن کي رسي، تڏهن سندس حسن جو حساب ئي ڪونہ هو. سندس سونهن جي هاڪ ٻڌي، راجا آنيراءِ رتني ڪان سندس سڱ گهريو. ڪميٽي کي سڏ نہ هئي تہ سورٺ سندس ئي نياڻي هئي، جا پاڻ درياه ۾ لوڙهائي ڇڏي هئائين. رتنو جيئن ڄڃ وٺي تي وڃو تئن راءِ ڏياچ جي نظر وڃي اُن تي پيئي، حقيقت معلوم ڪرڻ تي ڏاڍا خار لڳس ۽ رتني کي

گهرائي مٿس ملامت ڪيائين ۽ سورٺ کي پنهنجي حويليءَ ۾ رکيائين.

آنيراءِ کي جڏهن اِها خبر پيئي، تڏهن سندس غصي جي حد نہ رهي. بروقت وڏو لشڪر ساڻ ڪري، جهونا ڳڙهہ تي چڙهائي ڪيائين. پر ٻارهن مهينن جي گهيري ڪان پوءِ بہ کيس سوڀ نصيب نہ ٿي. آخر پنهنجي وطن ڏانهن واپس وريو. ۽ هڪ ٿالهہ مهرن سان ڀري ساري ملڪ ۾ هوڪو ڏياريائين. تہ، "جيڪو راءِ ڏياچ جو سر وَڍي ايندو، تنهن کي هي ٿالهہ ملندو ۽ ٻيو بہ جيڪي هو گهرندو سو لهندو." ٻيجل جي زال، مڙس جي غير حاضريءَ ۾ ٿالهہ وٺي رکيو ۽ وچن ڏنائين تہ، "گهوٽم راءِ ڏياچ جو سر وڍي ايندو." ٻيجل بہ لاچار ٿي، سرندو سينگاري جهونا ڳڙهہ ڏانهن راهہ ورتي.

راءِ ڏياچ جي محل وٽ رسي تند تنواريائين. سندس چنگ جي آواز راجا جي دل کي گهائي وڌو. ٻيجل کي چيائين، "گهر جيڪي گهرڻو آٿيئي." ٻيجل چيو "راجا! توسان هڪ ڳجهي ڳالهہ ڪرڻي آٿم." راجا کيس چوڏول موڪلي، پاڻ وٽ گهرايو. ٻيجل سرندو وڄائيندو رهيو ۽ راجا بہ ٻي خود ٿي کيس طرحين طرحين انعام آڇيندو رهيو. نيٺ ٻيجل هٿ جوڙي عرض ڪيس، "مون کي مال نہ گهرجي، پر تو سخيءَ جو سر گهرجي. تون ڪڏهن 'نانهہ' نہ سکيو آهين، سو اُتي مون کي پنهنجو سر ڏي." راءِ ڏياچ بہ چوڄ وچان پنهنجن هٿن سان ڪلهن تان ڪنڌ ڪوري ڏنس.

ٻيجل سر ڪٽي اَچي آنيراءِ جي اڳيان رکيو. آنيراءِ جي دل کي چوٽ رسي ويئي ۽ چيائينس تہ "حيف اَٿيئي ڪميڻا! تون ٿوريءَ لالچ تي ههڙي سخي سردار جو سر وڍي آيو آهين! هينئر تہ هتان ۽ منهنجو ملڪ ڇڏي وڃ." ٻيجل بہ نهايت پشيمان ٿيو. ۽ هوش وڃائي جهونا ڳڙهہ ڏانهن ڊوڙيو. اُتي پهچي ڏسي تہ سورٺ مچ ۾ پاڻ وجهي ستي ٿي رهي آهي. پوءِ پاڻ بہ آگ ۾ ڪاهي پيو ۽ سڙي ڀسم ٿي ويو.

هن سر ۾ هيءَ تمثيل رکيل آهي: راءِ ڏياچ مان مراد آهي اُهو سعادتمند طالب، جو مرشد جي صرف اشاري تي، پنهنجو سر لاهي ٿو ڏئي. مرشد بہ کيس ڳجها راز ٿو ٻڌائي. ۽ پاڻ سان هڪ ڪري ٿو ڇڏي. ٻيجل، حقيقت ۾ "مرشد ڪامل" جي معنيٰ ۾ آيو. هو خلوت ۾ راءِ ڏياچ اڳيان "واڄو ولاتي" ٿو وڄائي. اهو ساز اندر جو ساز آهي. جنهن جا آلاپ دنيا جي مڙني سازن جي آوازن کان وڌيڪ مٺا ۽ موهيندڙ آهن. راءِ ڏياچ جي اندر ۾ هڪ عجيب روشني ٿي چمڪي.

'سورٺ'، سنسڪرت لفظ 'سؤ راشٽر' جو بگڙيل روپ آهي. هيءَ راڳڻي پنٺرو جي ٽئين پٽ جي زال آهي ۽ رات جي ٻئي پهر ۾ ڳائبي آهي. شايد هيءَ راڳڻي سؤ راشٽر ۾ گهڻو ڳائڻ ۾ ايندي هئي.

(1)

پَرِديسان پَنڌُ ڪَري، سُٽِي آيُسِ شانُ،
مَگَّان ڪَهڙِيءَ مَتِ سين؟ نِسورو نادانُ!
سو ڪو ڏِيارِئين دانُ، جو طَمَعَ کي تَرَڪُ ڪَري.

تنهنجو شان سُٽي، مان پرديس کان پنڌ ڪهي آيو آهيان. مان ڪهڙيءَ رمز سان دان گهران؟ مان بنهه اَڻڄاڻ آهيان. اهڙو ڪو دانُ ڏيارج، جو منهنجي تمنا کي پورو ڪري.

(2)

جاجِڪُ جُهونا ڳُڙهَ ۾، ڪو عَطائِي آيو،
تَنهِن ڪامِلَ ڪَڍِي ڪِينرو، ويهِي وَڄايو،
شَهِرُ سَڄوئِي سُرَ سين، تَندُنِ تپايو،
دايون دَرِمانديون ٿِيون، بايُن باڏايو،
چارَڻَ ٿي چايو، تہ مارِي آهي مَگّٽو.

مگٽهار، جو جهونا ڳڙهہ ۾ آيو سو ڪو ڏات مليل ميراثي هو اُنهيءَ ماهر، ساز ڪڍي ويهي وڄايو. سرندي جي تندن پنهنجي سُر سان ساري شهر ۾ واويلا مچائي ڇڏي، ٻانهيون حيران ٿيون ۽ راڻين رودن ڪيو. چارڻ سرندي کان ائين ٿي چورايو تہ، ”هي مگٽهار قاتل شڪاري آهي.“ (هي چارڻ پنهنجي ساز سان دليون گهائي فنا ڪري ڇڏيندو.)

(3)

مَحَلين آيو مَگّٽو، ڳَٽِي سازُ سِرِي،
لَڳِي تَندُ تُنبِيرَ جِي، پِيا ڪوٺَ ڪِرِي،
هَنڌين ماڳين هوءِ ٿِي، تُنهنجِي بيجَلَ! دانهَن ٻُرِي،

ڪيترن ئي انسانن کي متس مفتون ڪري ڇڏيو. هڪ هو اڳيئي سيد، ٻيو سياءُ جو هو سڀاجهو سو تہ ويتر ماڻهن کي موهي وڌائين. شاهہ پاڻ پوڄائڻ کان پري هو ۽ پيري شيخي، دل کي نہ وڻندي هيس:

پوڄا ڪر مَ پاڻ کي، جوڳي! رکج جوڳ،
خلق خادم جئن ڪرين، اي راوَل! وڏو روڳ.

پر خلق خود ڏانهنس ڇڪجي ٿي آئي. ماڻهن وٽ شاهہ جي ايڏي عزت آسپاس جي پيرن ۽ ميرن کان سٺي نٿي ويئي. مطلب تہ سمورو حسد، پيريءَ مخدوميءَ تان هو. شاهہ ذاتيءَ طرح پاڻ بہ اُن جي خلاف هو پر جن جي اکين ۾ موريسر، سي ڪئَن سچ ڏسن! سيني پنهنجي پَر ۾ کيس تنگ ۽ پريشان ڪرڻ سان گهٽايو ڪين، بلڪ ميان نور محمد تہ کيس صفحہ هستيءَ تان اُڏائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي. پر شاهہ جا مڙيئي دشمن کيس ذرو بہ ضرر رسائي نہ سگهيا.

## شاهہ ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙو

شاهہ کي اچي خيال ٿيو تہ شاهہ عبدالڪريمؒ جو مقبرو جوڙايان، سو ڪاشيءَ جي سرن آڻڻ ڪاڻ ملتان کهي ويو. موٽندي جڏهين خداباد ۾ پهتو، تڏهين ڪئين ماڻهو سندس قدمبوسيءَ لاءِ آيا. ميان نور محمد ڪلهوڙي هڪ معجون جي دٻلي نذراني طور ڏياري موڪليس. شاهہ، دٻلي وٺندي ئي درياهہ ۾ اڇلي ڇڏي ۽ چيائين تہ "پل تہ سارو عميق، هن معجون جو فيض وٺي." معجون ۾ زهر قاتل ملايل هو. چون ٿا تہ پاڻيءَ متان اوڏي مهل ئي مئل مڇيون ترنديون نظر آيون. ٻئي دفعي وري دعوت ڏيئي، هڪ سرڪش گهوڙي، سونن سنجن سان سينگاريل، تحفي طور ڏنائينس. شاهہ لغام کي پري اُڇلي، گهوڙيءَ کي آڙي هٽي، اتان طوفان جيان نڪري ويو ۽ ٿوري وقت کانپوءِ صحيح سلامت ساڳيءَ منزل تي موٽي آيو. ميان نور محمد ڪلهوڙو

سِسِي تَنهِن سُلطانَ کان، اَچِي گهوٽَ گهُرِي،
جُهونا ڳُڙهُ جُهرِي، پوندي جهانءِ جَهروڪَ ۾.

مگٹھار عجيب ساز ڪٽي محل ۾ آيو. سرندي وڄائيندڙ جي تان آهڙي چڙي، جو قلعا بہ ڍهي اچي پٽ پيا. اي ٻيجل! تنهنجي ڪري جتي ڪٽي هاءِ هوءِ مچي ويئي، ۽ تنهنجي دانهن وڃي ويئي. اِنهيءَ سرموڙ اچي راجا کان سر جي گهر ڪئي. جهونا ڳڙهہ ڏک ۾ جهري پوندو ۽ محل ۾ واويلا مچي ويندي.

(4)

سؤ سِرَنِ پائي، جي تَندُ بَرابرَ توريان،
اَنَلَ اوڏانهين تِئي، جيڏانهن ٻِيجَلُ ٻُرائي،
سَڪِٽو هَڏُ آهي، سِرَ ۾ سَجَڻُ ناهِ ڪي.

جي ساهِميءَ جي هڪ پڙ ۾ هڪ سؤ سر ۽ ٻئي ۾ ٻيجل جي چنگ جي تند وجهي توريان، تہ هيٺ لاڙو اُن پڙ جو ٿيندو جيڏانهن ٻيجل تان وڄائي. (ٻيجل جي تند برابر سو سِر بہ ناهن. يعني، مرشد ڪامل جي هڪ روحاني راز جي عيوض ۾ طالب جا سوين سر بہ تڇ آهن.) منهنجو سر خالي هڏو آهي، سو ڏيڻ ڪو نذرانو ئي ناهي.

(5)

چارَڻَ! تُنهنجي چَنگَ جو، عَجَبُ آهِ اِيُّ،
هَٿِي اُيو هَٿَنِ سين، جِئرو رَکيو جِيُّ،
راتِ مُنهنجو رِيُّ، ڪاتِيو ڪُماچَ سين.

اي چارڻ! تنهنجي چنگ تان مون ڪي هي عجب آهي: تون پنهنجن هٿن سان تند ٻينو تنوارين، تہ بہ پنهنجي جان ڪي سلامت رکيو آٿيئي! (ٻين ڪي فنا ڪيو آٿيئي، پر پاڻ زندهہ آهين!) تو رات منهنجو هِنئون پنهنجي چنگ سان چيري وڌو.

(6)

ٽيئي پَرِچيا پاڻَ ۾، تَندُ، ڪَنارو، ڪَنڌُ،
"تَنهن جِهوئي ناهِ ڪِي، جو تو چارَڻَ! ڪَيو پَندُ،
اِيُ شُڪُرُ اَلحَمَدُ، جِئَن مَتو گهُرِيوءِ مَگڻا!

"ٻيجل جي سُرندي جي تند، سندس ڪاتي ۽ راءِ ڏياچ جي سسي، ٽيئي پاڻ ۾ ناهه ڪري، هڪ ڳالهه (راجا جي شهادت) تي بيٺا. راءِ ڏياچ تو چوي: "اي چارڻ! تو جو پنڌ ڪيو آهي، تنهن جهڙو اَملهه فيض جهان ۾ ٻيو ڪونهي. (مرشد ڪامل پاڻ طالب وٽ ڪهي اَچي، سو هڪ بي بها فيض آهي.) اي مڱڻهار! ڏٺيءَ جو شڪر ۽ واڪاڻ ڪرڻ جڳائي، جو تو رڳو مون ڪان سر گهريو (۽ نہ ٻيو ڪجهہ، جو ڏيئي نہ سگهان ها.)"

(7)

گُلُ چنو گرِنارَ جو، پَٽَڻِ ٽِيون پٽِين،
سَهَسين سورَٺِ جَهڙِيون، اُپيون اوسارِينِ،
چوٽا چارَڻَ هَٿَ ۾، سِرُ سينگارِيو ڏِينِ،
نارِيون ناڏَ ڪَرِينِ: "راڄا راتِ رَمگيَو".

گرنار جي گلشن جو گل (راءِ ڏياچ) ڇڃي ويو (آخرت ڏانهن روانو ٿيو) ۽ ساري پٽڻ (سؤراشٽر جي گاديءَ جي هنڌ) ۾ زالون روڄ پيئون ڪن. سورٺ راڻيءَ جهڙيون ٻيون، آنيڪ ناريون اُپيون ٿي، پار ڪڍيو پيئون روئن. راءِ ڏياچ جي هٿ ۾ ٽيون ڏين. زالون ورلاپ ڪري پيئون چون تہ "راجا رات هلي رهيو."

# سُرُ ڪيڏارو

## اِمام حسن ۽ اِمام حسين جو قصو

’ڪيڏارو‘ سنسڪرت لفظ ’ڪيدار‘ جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي. ”جنگ جو ميدان“ ’ڪيداري‘ هڪ راڳڻي آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن زالن مان هڪ آهي. هن راڳڻيءَ کي ”سمپورڻ راڳڻي“ ڪري سڏيندا آهن. هن سر ۾ شاهه صاحب، ڪربلا جي قضيي جو بيان ڪيو آهي. امام حسنؓ ۽ امام حسينؓ جي شهادت تي ماتم ڪيو اٿس. انهيءَ سان گڏ جنگ جي ميدان، جنگي اسباب، جنگي فن، جنگي سورمن ۽ سندن زالن جي دليري ۽ اعليٰ سيرت جو حيرت انگيز نقش چٽيو اٿس. هي سر، شاهه صاحب جو رزمي (جنگي) سر آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته هو هر طرح ڪامل شاعر هو ۽ شعر جي هر قسم ۾ ڪيس ڪماليت حاصل هئي. سر ’ڪيڏارو‘، ڪيس سنڌ جو فردوسي ثابت ثو ڪري.

(1)

مُحَرَّمُ موٽِي آئِيو، آئِيا تان نہ اِمامَ،
مَدِيني جا جامَ، مؤلا، موُن کي ميڙِئين!

محرم جو مهينو موٽي آيو پر امام واپس نہ وريا. اي الله! شل مون کي مديني جي ميرن سان ملائين!

(2)

سَخِتي شَهادَتَ جِي، نِسورو ئِي نازُ،
رِندَ پَرُوڙِينِ رازُ، قَضِيي کَربَلا جو.

شهادت جي سختي، حقيقتي محبوب (ڏٽيءَ) جي طرفان هڪ خالص ناز هو. ڪربلا جي واقعي جي ڳجهارت کي ڪامل عارف ئي پروڙي سگهندا.

(3)

کَربَلا جي پِڙَ ۾، خيما کوڙِيائُون،
جهيڙو يَزِيدَ سامُهونءَ، جُنبِي جوڙِيائُون،
مُنهُن نہ موڙِيائُون، پَسِي تاءُ تَرار جو.

ڪربلا جي ميدان ۾ اچي تنبو کوڙيائون. يزيد (يزيد جي لشڪر) سامهون، جوش ۾ اچي جنگ جوڙيائون. ترار جو تاب ڏسي ڪؤ نہ ڪاڏائون.

(4)

کامِلَ کَربَلا ۾، آيا جُنگُ جُوانَ،
ڌَرتِي ڌُبِي، لَرزِي، ٿَرِتِليا آسمانَ،
کَرَهِ هُئِي کانَ، هو نَظارو نِينهَن جو.

هي ڪامل ۽ زبردست سورهہ ڪربلا ۾ آيا. زمين ڌبي، لرزش ۾ آئي ۽ آسمان ڏڏيا. هيءَ ڪا معمول جنگ نہ هئي، پر هيءُ اِلاهي محبت جو ڪرشمو هو.

(5)

دوسِتَ کُهائي دادُلا، مُحِبَّ مارائي،
خاصَنِ خَلِيلَنِ کي، سَخِتِيوُن سَهائي،
اَللهُ اَلصَّمَدُ بي نيازُ، سا کَري، جا چاهي،
اِنهِين مَنجِهه آهي، ڪا اونهِي ڳالهِ اِسرارَ جِي.

ڏٺي، پنهنجا دوست ڪهائي ٿو ۽ دلبر مارائي ٿو. پنهنجن خاص دوستن کي، سختيون ٿو سهائي. الله بي پرواهه. اُها ٿو ڪري، جا ڪيس وڻي ٿي. اِنهيءَ ۾ ڪنهن ڳوڙهي ڳجهه جي ڳالهه سمايل آهي.

(6)

هَٽَڻُ، هَڪِلَڻُ، بيلِي سارَڻُ؛ مانجهِيان اِيُ مَرَڪُ،
وِجهَن تان نه فَرَقُ، رُڪَ وَهندِيءَ راندِ ۾.

ڏڪ هٽڻ، گهوڙن کي هڪلڻ ۽ ساٿين جي سار لهڻ، اِهو سورهن جو مرڪ آهي. اُهي رڪ جي بازيءَ (رڪ جي هٿيارن سان لڙائيءَ) ۾ ترجيترو به ويچو نه ٿا وجهن. (هو ساندهه لڙندا ٿا رهن.)

(7)

گهوڙَنِ ۽ گهوٺَنِ، جِٺَڻَ تورا ڏِينهَنڙا،
ڪَڏهِن مَنجِهه ڪوٺَنِ، ڪَڏهِن واهِي رِڻَ جا.

گهوڙن ۽ سورهه سردارن جو جٺڻ تورن ڏينهن لاءِ آهي (هو ناگاهه شهيد ٿيو وڃن) هو ڪڏهن محلن ۾ آهن ته ڪڏهن جنگ جو ميدان وڃيو وسائين. (هو ڪڏهن محلن ۾ سيجن تي ٿا ليٽن، ڪڏهن جنگ جي ميدان ۾ خاڪ ۾ وڃيو سمهن.)

(8)

جِهمَندِيُون اَچَنِ، جهوليون جهوُنجهارَنِ جون،
پايو ٻُڪَ ٻُهارَ جا، اُنِ جون وَهوُن واڪا ڪَنِ،
پِٽِين، پارَ ڪَدَنِ؛ رِڻُ گَجِيو، راڙو ٿيو.

سورمن جون جهوليون (جن ۾ سندن لاش آهن) لڏنديون ٿيون اچن. سندن زالون مٿن تي ڏوڙ جا ٻڪ وجهي، پار پيئون ڪڍن. هو پاڻُ پٽي ورلاپ پيئون ڪن. جنگ جي ميدان ۾ حشر جو روج مچي ويو.

(9)

'ڀَڳو' آئوُن نہ چَوان؛ 'ماريو'، تہ وِسَهان؛
ڪانڌُ مُنهَن ۾ ڏَڪَڙا، سيڪيندي سوُنهان،
تہ پڻ لَڄَ مَران، جي هُوَنِسِ پُٺِ ۾.

(هڪ سورمي جي زال ٿي چوي): آءٌ پنهنجي ڀتار کي جنگ جي ميدان ۾ ڀڳل نہ چونديس، پر جي ٻُڌان تہ مارجي ويو تہ اعتبار ڪنديس. جي پنهنجي گهوٽ کي منهن ۾ گهاءُ ڏسي سرهي ٿي سندس زخمن کي سيڪا ڏينديس، جي پٺيءَ ۾ ڌڪ لڳل هوندس (بزدليءَ ڪان) تہ لڄ ۾ مري وينديس.

(10)

مُنهَن مَٿاهان جن جا، سي پِٽِيو ڪَڍَنِ پارَ:
"جيڏِيُون! هِنَ جهُنجهارَ، اُجاري سَڀِ اِجا ڪَيا".

جن عورتن جا منهن مٿي آهن (جنجي ڀتارن جنگ ۾ سر ڏيئي سندن مان مٿي ڪيو)، سي پار ڪڍيو پيئون چون: "اي سرتيون! هن سورهہ پنهنجن وڏن کي سرخرو ڪيو".

(11)

سُورِهَا! مَرِين سوڀَ ڪي، تہ دِلِ جا وَهمَ وِسارِ،
هَڻُ ڀالا، وِڙهُ ڀاڪُرين، آڏي ڍالَ مَ ڍارِ،
مَٿان تيغُ تَرارِ، مارِ تہ مَتارو ٿِئين.

اي سورهہ! جي سوڀ لاءِ ٿو تڙپين تہ دل مان سڀ وسوسا ڪڍي ڇڏ. ڀالا هڻ ۽ دشمن کي ڀڪ وجهي، ساڻس وڙهہ ۽ پنهنجي اڳيان ڀال نہ جهل تون دشمن جي ترار مٿان پنهنجي ترار ڦهڪائي هڻ تہ سورمو ڳڻجڻ ۾ اَچين. (تون پنهنجو بچاءُ ڀال سان نہ ڪر پر ترار سان ڪر.)

(12)

ڪَڪِرا ڪَربَلا جا، مادَرِ تي ميڙِياسِ،
ڦُنَنِ تان رَتَ ڦُڙا، عَلِيءَ تي اُگهِياسِ،
مِڙئِي معافُ ڪَياسِ، خالِقَ بَدِلي خُونَ جي.

سندس (امام حسين جي) ماءُ (بيبي فاطمه) سندس جسم تان ڪربلا جي دز پئي اُگهي ۽ حضرت عليءَ (سندس پيءُ سڳوري). سندس زخمن تان رت پئي اُگهيو. سندس خون جي عيوض، خدا مڙني مومنن جا گناهہ بخشي ڇڏيا .

(13)

حَسَنَ، مِيرَ حُسينَ کي، رُنو ٽِنِ ٽولَنِ،
گهَرِ ماڙُهين، جهَنگِ مِرُوئين، اُيَنِ ۾ مَلَڪَنِ؛
پَکِيُنِ پاڻُ پَڇاڙِيو، تہ لَڏِيو هوتَ وَڃَنِ،
اَلا! شَهزادَنِ، سوڀُون ڏِئين سَچا ڌَڻِي!

اِمام حسن ۽ امام حسين جي شهادت تي ٽن ڌرين هنجون هاريون: گهر ۾ ماڻهن، جهنگ ۾ مرن ۽ عرش ۾ فرشتن. پکين ماتم ۾ پاڻ کي بيحال ڪري واويلا ڪئي تہ، ”محب لڏيون ٿا وڃن!“ اي سچا رب! تون شل شهزادن کي سوڀون عطا ڪرين!

# سُر سارنگ

سُرُ سارنگ، ميگھہ راڳ جي اَٺن پٽن مان هڪ آهي. ملهار وري ميگھہ جي پنجن زالن مان هڪ آهي. ميگھہ ملهار ۽ سارنگ، ٻوليءَ جي لحاظ کان هڪ ئي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن. ٽنهي کي باترتيب ڳائڻ سان، آسمان ۾ جهڙ لڳيو وڃي ۽ مينهن اچيو وسي. ڪن صاحبن جو چوڻ آهي ته 'سارنگ' هڪ پکيءَ جو نالو آهي، جنهن جي مٺن ۽ درديلن آلاپن مان هي سر ورتو ويو آهي.

هن سر ۾ شاهہ، مينهن جي مند ۾ قدرت جي رنگ ۽ رونق جو بيان ڪيو آهي. مينهن ساري عالم ۾ آسودگي ٿو آڻي. ۽ انهيءَ ڪري اِلاهي مهر جو نشان آهي. ساري ڪائنات مينهن لاءِ سڪي ٿي. شاهہ، مينهن ۾ حقيقي محبوب جو حسن ٿو پسي. ملهار جي مند ۾ چوڌاري موج ۽ مستي ڇانئجيو وڃن. جهنگن، ٻرن ۽ پٽن ۾ سارنگيون ۽ سرندا پيا ٻرن ۽ سنگهار خوشيءَ ۾ مست ٿيو وڃي. عاشقن جي اَندر ۾ اَپار جهڙ لڳيو وڃن ۽ هو پنهنجن محبوبن کي ساريو اکين مان مينهن پيا وسائين. شاهہ صاحب هن سر ۾ ساري دنيا لاءِ حب جو اِظهار ڪيو آهي ۽ اُن جي آسودگيءَ لاءِ ڌڻيءَ جي در تي سوال ڪيو آتس. ساڳئي وقت پنهنجي ساٽيهہ سنڌ جي سک لاءِ خاص اِلتجا ڪئي آتس.

(1)

آگَمَ اِيَ نہ اَنگَ، جَھڙو پَسَڻُ پِرينءَ جو،
سيڻَنِ رِءَ سَيّدُ چئي، رُوحَ نہ رچَنِ رَنگَ،
سَهَسين تِيا سارَنگَ، جانِي آيو جوءِ ۾.

جهڙ جو اهڙو رنگ روپ ناهي (جهڙ ۾ قدرت کي اُهو حسن ناهي) جهڙو جانب جو ديدار آهي. شاهہ صاحب ٿو فرمائي تہ محبوبن کان سواءِ روح کي سارنگ جي مند وارا رنگ بہ ڪا راحت نہ ٿا ڏين. جڏهن پرين پکي ۾ پيهي آيا، تڏهن جڻ سهسين مينهن وسيا (يا سارنگ جا مٺا آلاپ ٿيا.)

(2)

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، تاڙي کِي ٽنوارَ،
هارِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ،
اَڄُ پڻ مُنهنجي يارَ، وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

اَڄ پڻ اُتر طرف تاڙي (چاتڪ پکيءَ، جو مينهن لاءِ ماندو هوندو آهي)، لاتيون ڪيون آهن. هارين پنهنجا هر سهيڙيا آهن ۽ مالدار بهار ٿيا آهن. اَڄ منهنجي پرينءَ، مينهن جا لباس پهريا آهن. (شاه صاحب، مينهن ۾ قدرت جي رنگ ۾ حقيقي پرينءَ جو حسن ٿو ڏسي.)

(3)

اَڄُ پڻ اُتَرَ پارَ ڏي، ڪارا ڪَڪَرَ ڪيسَ،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيون، ڪَري لَعلُ لِبيسَ،
پِرِينَ جي پَرِديسَ، مُون کي مِينهَن ميڙِيا.

اَڄ پڻ اُتر طرف ڪارن وارن جهڙا ڪڪر بيٺا آهن. وڄون، ڳاڙها ويس ڪري، جهلڪا ڏيڻ آيون آهن. منهنجا جاني جي

پرديس ۾ آهن، تن سان مون کي مينهن ملايو. (مينهن ۾ پرينءَ لاءِ سيني ۾ آهڙي سِڪَ اُٿي، جو هُو جڻ هنئين ۾ حل تي ويا.)

(4)

اَڄُ پڻ اُميدُون، آگَمَ سَنديُون اُبَ ۾،
ساوَڻُ پَسِي، سَرَتِيون! سَجَڻُ سارِيو مون،
آئُون آسائِتِي آهِيان، مانَ پِجائي پِوُن،
گهرِ تہ گهُرجين تُون، مَندَ مِڙيئِي مِينهَن جِي.

اڄ پڻ آسمان ۾ جهڙ جون اُميدون اَٿم. اي سرتيون! ساوڻ جي مند ڏسي، مون پنهنجي سپرينءَ کي ياد ڪيو آهي. مان آسائتي آهيان تہ شل مينهن اَچي پٽ پسائي. اي پرين! مون کي ساوڻ جي ساري رت، پنهنجي گهر ۾ رڳو تون ئي گهرجين.

(5)

وَسَڻُ اَگِڙيُن جِئَن، جي هوُندَ سِکِئين مِينهَن!
تہ هوُندَ راتو ڏِينهَن، بَسِ بُوندَيَنِئُون نہ ڪَرِين.

اي مينهن! تون (عاشقن جي) اکين وانگر وسڻ سکين تہ جيڪر ساري رات ۽ سارو ڏينهن بوندون وهائڻ بند نہ ڪرين. (عاشق راتو ڏينهان عجيب لاءِ روئن پيا.)

(6)

اَگڻِ تازي، ٻَهَرِ ڪُنڊِيون، ٻَکا پَٽِ سُنهَن،
سُرَهِي سيجَ، پاسي پِرين، مَرُ پِيا مِينهَن وَسَن،
اَسان ۽ پِرِيَن، شالَ هُوَنِ بَرابَرِ ڏِينهَڙا.

پڌر ۾ تازي گهوڙا، ٻاهر وريل سڱن سان مينهون ۽ پٽن تي پکا (جهوپڙا) سونهن. سيج سڳنڌ سان واسيل هجي ۽ ير ۾ سپرين هجن ۽ پل تہ مينهن پيا وسن. آسان ۽ محبوبن جا ڏينهن، ساندهہ ائين گذرن.

پنهنجي ڪئي تي ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ دشمن مان ڦري، سندس معتقد ٿي پيو. چون ٿا تہ ميان نور محمد ڪي ميان غلام شاھہ ڪلهوڙو شاھہ جي دعا سان ڄائو.

## شاھہ جي ڀٽ وسائڻ

شاھہ کي هاڻ خلوت جي عشق، ڪونڙيءَ ۾ آرام نہ ڏنو. پنهنجي سير جي دوران نون هالن کان ٻن ڪوهن جي مفاصلي تي، ڪراڙ ڍنڍ نزديڪ، هڪ دڙي ۽ دڙي جي وچ ۾ بيٺل ۽ ڪرڙن ۽ ڪنڊن ۾ ويڙهيل، واريءَ جو دڙو چٽائي چڏيو هئائين. سندس نظر ۾ اهو سچهرو عبادت لاءِ هڪ آدرشي آستان هو. نهايت ڪشالي ۽ محنت سان ان کي پنهنجي محبوب "ڀٽ" جي صورت ڏنائين. فقيرن سان گڏ انهيءَ واريءَ جي دڙي مٿان ڇيڪي مٽي وڌائين، ۽ پوءِ پنهنجي لاءِ هڪ جهوپڙو اڏيائين. هڪ ننڍڙي مسجد ۽ پنهنجي اَبي ۽ اَمڙ لاءِ هڪ حويلي بہ اڏرايائين ۽ فقيرن کي بہ رهڻ لاءِ حدون مقرر ڪري ڏنائين. مينهن جي موسم ۾ ڀٽ هڪ رونقدار ويس پهريندي هئي. شاھہ "سر سارنگ" ۾ اُن رونق ڏانهن کي اشارا فرمايا آهن.

چون ٿا تہ شاھہ عبدالڪريمؒ هڪ لڱا انهيءَ هنڌان لنگهندي، اتي نماز پڙهي هئي ۽ پڻ فرمايو هئائين تہ، "اسان جي اولاد مان هڪ ولي ۽ وڏو شاعر، هن هنڌ پنهنجو آستانو جوڙيندو." اُن وقت شاھہ عبدالڪريم، هالن واري مخدوم نوح کي ملڻ لاءِ ويجي رهيو هو ڇو تہ مخدوم صاحب ۽ شاھہ عبدالڪريم پاڻ ۾ گهرا دوست هوندا هئا.

## شاھہ حبيب جو بيمار ٿيڻ ۽ وفات

شاھہ اڃا ڀٽ کي تيار ڪرڻ جي ڪم ۾ ئي لڳل هو تہ پنهنجي والد سڳوري جي سخت بيماريءَ جي خبر مليس. شاھہ حبيب قاصد هٿان ڀٽ ڏانهن هي نياپو ڏياري موڪليو:

ڪنهن جنهن نينهن نندآه، جي مون واجهائيندي نہ ورو،
جيڪي مئي ڪنداه، سو جانب ڪريو جيئري.

(7)

سارَنگَ! سارَ لَهيجِ، اَللهَ لَڳِ اُڃِيَنِ جِي،
پاڻِي پُوڄَ پَٽَنِ ۾، اَرزان اَنَّ ڪَريجِ،
وَطَنُ وَسائيجِ، تہ سَنگهارَنِ سُڪُ ٿِئي.

اي مينهن! ڏٽيءَ جي واسطي، تون اُڃايلن جي سنڀار لهج، پٽن ۾ جام پاڻي وسائج ۽ آن سستو ڪج. سارو ڏيهہ سرسبز ۽ آباد ڪج تہ مالدارن لاءِ سک ٿئي. (هُو سکيا ستابا ٿين.)

(8)

سارَنگَ ڪي سارِينِ، ماڙهوُ، مِرِڳهُ، مينهِيون،
آڙِيوُن اَبَرَ آسِرِي، تاڙا تَنوارِينِ،
سِپوُن جي سَمُوندَ ۾، نَئِين سِجَ نِهارِينِ،
پَلَرُ پِيارِينِ، تہ سَنگهارَنِ، سُڪُ ٿِئي.

مينهن کي ماڻهو هرڻ ۽ مينهون ياد ٿيون ڪن. آڙيون بہ مينهن جي آڌار آهن ۽ تاڙا پڪي تنوارين پيا. سپُون جي سمنڊ ۾ ٿيون گهارين، سي بہ نت نئون ٿيون واجهائين. سنگهارن کي مينهن جو پاڻي پيار تہ هنن لاءِ سک (آسودگي) ٿئي.

(9)

اَڄُ رَسِيلا رَنگَ، بادَل ڪَڍِيا بُرِجَنِ سين،
سازَ، سارَنگِيوُن، سُرَنْدا، وَڄائِي بَرُ چَنگَ،
صُراحِيوُن سارَنگَ، پَلِٽِيوُن راتِ پَڏامَ تي.

اڄ ڪڪرن، پنهنجين چوٽين (وڄن جي شعاعن) سان سهڻا رنگ ڪڍيا آهن. سارو ٽر، ساز، سارنگيون، سرندا ۽ چنگ پيو وڄائي (مينهن جي خوشيءَ ۾ ٽري ماڻهو پٽن تي طرحين طرحين جا ساز پيا وڄائين.) رات سارنگ پڏام مٿان صراحيون (وسڪارون) اوتيون آهن.

(10)

مِينهان ۽ نِينهان، ٻَئِي آڳَر هيڪڙي،
جي وَسَڻَ جا ويسَ ڪَري، تہ ڪَڪَرَ ڪَنِ ڪِيهان،
بادَلُ تِي بِيهان، جي آڱِرِ اَچَڻَ جا ڪَرِين.

’مينهن‘ ۽ ’نيهن‘، ٻئي هڪ ئي معنيٰ وارا لفظ آهن. جي سارنگ وسڻ جا لباس تو پهري، تہ ڪڪر ريهون ٿا ڪن. (جئن عاشق، معشوق جا ويس ورن ڏسي، آهون ۽ صدائون ڪندو آهي) اي پرين! تون جي اچڻ جا سعيا ڪرين (سانباها ڪرين) تہ مان جيڪر ڪڪر تي بيهان (بادل وانگر اڪين مان آب اوتيان)

(11)

مُندَ تِي مَندَلَ مَندِيا، تاڙي ڪِي تَنوارَ،
هارِيُنِ هَرَ سَنباهِيا، سَرَها ٿِيا سَنگهارَ،
اَڄُ مُنهِنجي يارَ، وسَڻَ جا ويسَ ڪَيا.

مينهن جي مند تي آهي ۽ سارن جا ساٿ ٿيا آهن ۽ تاڙي پکيءَ تنوار ڪئي آهي. هارين پنهنجا هر تيار ڪيا آهن ۽ مالدار خوش ٿيا آهن. اڄ منهنجي محبوب، وسڻ جا لباس پهريا آهن. (شاهہ سارنگ ۽ اُن جي پيدا ڪيل رنگ ۾ حقيقي محبوب جو حسن ۽ جمال ٿو ڏسي.)

(12)

مُحبَّ مَنهنجا سُپرين! آٽيئِي اَللهُ،
توکي سارِيو ساهُ، اُڪَندِيو آهُون ڪَري.

اي منهنجا منٺڙا جانب! توکي شل الله اسان وٽ آڻي. توکي ياد ڪري، اسان جي جان سڪيو صدائون پيئي ڪري.

(13)

اوچَڻُ گهُرِجي آجِڪو، جُهوپو سَهي نہ سِيُ،
سُٽائِجِ سُوَرَ ڪي، حالُ مُنهِنجو هِيُ،
اَگُڻِ آيو تِيُ، تہ ڏولِيا! ڪَنهن ڏِنگ تِيان.

مون کي اَجهوءِ سمر گهرجي ۽ منهنجي جهوپڙي سردي نہ ٿي سهي سگهي. منهنجي گٽائتي پِتار کي منهنجو اِهو حال ٻڌائج. اي جاني منهنجي اَڱڻ ۾ پيهي اچ تہ ڪنهن حال ۾ ٿيان.

(14)

سَڄو صافُ نہ اُپري، سَرِلِي وِڃان سِڄُ،
مُنهُن چڙهيو ماڙهن کي، ڏِئي واڏايُون وِڄُ،
هِنئڙا! ڪَپُ مَ ڪِڄُ، سِگهه مِلَندءِ سُپرين.

سِڄ، جهڙ جي آندران، سڄو ۽ چٽو نہ ٿو اُپري. ڪنوڻ پنهنجو ديدار پسائي، ماڙهن کي مبارڪون پيئي ڏئي، اي دل! تون ڳڻتيءَ ۾ نہ ڳر ۽ جهج، جاڻ جانب ملندءِ.

(15)

مونِي ماندِاڻِ جي، واري ڪيائين وارَ،
وِڄُـون وَسَـڻَ آئِـيـون، چَـوڏِسِ ۽ چَـوڌارِ،
ڪي اُٿِي وِيئِيون اِستَنبولَ ڏي، ڪي مُٽِيُون مَغرَبَ پارَ،
ڪي چِمڪَنِ چِينَ تي، ڪي لَهَنِ سَمَرِقَنديُن سارَ،
ڪي رَمِي وِيئِيون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَندارَ،
ڪي دَهلِيءَ، ڪي دَکَنِ، ڪي گُڙَنِ مَٿي گِرنارَ،
کَنهين جُنبي جيسَلمِيرَ تان، ڏِنا بيڪانير بَڪارَ،
کَنهين ڀُڄُ ڀِڄائِيو، ڪَنهين ڍَٽَ مَٿي ڍارَ،
کَنهين اُڄي اَمَرڪوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ،
سائنيم! سَدائين ڪَرين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ،
دوسَت! مِٺا دِلدارَ! عالَمُ سَڀِ آبادِ ڪَرين.

ڏٽيءَ وري جهڙ ڦڙ جي وسڪار لاتي. ڪنوڏيون چؤطرف مينهن وسائڻ آيون. ڪي اسنتبول (ترڪيءَ جي تخت گاهہ) ڏي اُتي ويئون ۽ ڪي اولهہ طرف (مغرب يعني يورپ) روانيون ٿيون. ڪي چين ولايت مٿان ٿيون چمڪن ۽ ڪي سمرقند (سمرقند جي ماڻهن) جي سنڀار ٿيون لهن. ڪي روم ڏانهن هلي ويئون ڪي ڪابل ڏانهن، ڪي قنڌار ڏانهن، ڪي دهليءَ ويئون، ڪي دکن ڏانهن، ڪي گرنار مٿان ٿيون گجن، ڪنهن بارش جيسلمير مٿان جوش مان وسائي، ڪن بيڪانير مٿان وسڪارون لاتيون. ڪنهن ڀڄ شهر کي پسايو ۽ ڪنهن ڍٽ (ٿر) ڏانهن لاڙو ڪيو. ڪنهن اَمر ڪوٽ مٿان اَچي ساوا پٽ آباد ڪيا. اي منهنجا سائين! تون شل هميشه سنڌ مٿان سُڪار ڪرين! اي منهنجا مٺا دوست دلدار! تون شل ساري جهان کي آباد (سکيو ستابو) ڪرين! (هتي شاهہ سنڌ جي حب سان گڏ، ساري جهان لاءِ قرب جو اظهار ڪيو آهي. سندس دل ۾ ساري عالم لاءِ درد هو ۽ هتي اُن جي آسودگيءَ لاءِ ڏٽيءَ در وينتي ڪئي اَٿس.)

(16)

حُڪُمُ ٿيو ٻادَلَ کي، تہ سارنگَ ساڻَ ڪَجَنِ،
وِڄُون وَسَڻَ آئِيون، ٿَهَ ٿَهَ مينهَن ٿِمَنِ،
جِنِ مَهانگو لَهِي ميڙيو، سي تا هَٿَ هٽَنِ،
پَنجَنِ مَنجهان پَندِرهَن ٿِيا، اِئَن تا وَرقَ وَرَنِ،
ڏُڪارِيا ڏِيهَ مان، شالَ موُذِي سَڀُ مَرَنِ،
وَري وَڏِيَ وَسَ جون، ڪَيون ڳالِهيون ڳنوارَنِ،
سَيّدُ چوي سَيَنِ، آهِ توهِ تُنهنجِي آسِرو.

ڪڪرن کي اَمر (الاهي حڪم) ٿيو تہ مينهن جا سانباها ڪجن. وڄون برسات وسائڻ آيون. مينهن ڏما ڏم پيا وسن. جن (واپارين) اَن مهانگو خريد ڪري، سانڍي رکيو سي هاڻ

پڇتائين ٿا. پنجن مان پندرهن ٿي ويا (اگهه تيٽو رٽي ويٺا)، ائين سندن بندين جا پنا ٿا اُٿلن. شال سپ ڏکاري ۽ مڙيئي مؤذي ملڪ مان نابود ٿي وڃن. ڳنوارن وري وڏي وسڪاري جون ڳالهيون ڪيون آهن. شاهه صاحب تو چوي ته، "اي ڏٽي! مڙني لاءِ تنهنجي مهر ئي آڌار آهي." (ڏسجي ٿو ته اُنهيءَ زماني ۾ به خلق، واپارين جي آزاريل هئي.)

## وائي

آئِي مُندَ مَلارَ، آئون ڳُهنبا ڪَنديَسِ ڪَپڙا.
وَسَڻَ جا ويسَ ڪَيا، اَجُ مُنهنجي يارَ،
لارَ لائيندي وَڄُڙا، پِنَڙَسِ پَنيا وارَ،
پَکي آءُ پِرين تون، لَهُ مُنهنجي سَيدَ! سارَ.

سارنگ جي رت آئي آهي، مان ڳاڙها ڪپڙا پهريندس. (ڪَهنبو شاديءَ جو ويس آهي.) اَج منهنجي جانب، وسڻ جا لباس پهريا آهن. (حقيقي محبوب، مينهن جي صورت ۾ ديدار ڏنو آهي.) وڄڙين ڪي چڙيون ٻڌندي، سندس ڪارا گهنڊيدار وار مينهن ۾ پسي پيا. (نو ورني سنگهارڻ ڏانهن اِشارو.) اي جانب! منهنجي جهوپڙيءَ ۾ اَچ. اي نبي سڳورا! اَچي منهنجي سنيار لهه.

# سُر آسا

’آسا‘ هڪ مٺي راڳڻي آهي، جا آسر جو ڳائبي آهي. اُنهيءَ وقت ساري ڪائنات ڏڻيءَ جي وڏائي تي ڳائي. ڪي صاحب فرمائين ٿا تہ ’آسا‘ هڪ راجڪماريءَ جو نالو آهي، جا پريات جو ڏڻيءَ جي ساراهہ ۾ گيت ڳائيندي هئي. جنهن سر ۾ هوءَ ڳائيندي هئي، تنهن تي ’آسا‘ نالو پئجي ويو. شاهہ جي سر ’آسا‘ جو مضمون هي آهي:

لاحد ۾ لوچڻ سان هاديءَ جي حد نہ ٿي لڀي. سپرينءَ جي سُونهن جو نہ آهي قد نہ مد. هِت عاشق وٽ سڪڻ بي عدد، هُت پرينءَ کي ڪابہ پرواهہ ناهي.

’آئون‘ يعني خوديءَ سان ڪوبہ هُن پار نہ پهتو. ڏڻيءَ کي هيڪڙائي وڻندڙ آهي، اي طالب! تون بہ هيڪڙائيءَ وٽ وڃي ’هئڻ‘ (خوديءَ) جون هنجون هار. ڏڻيءَ کي سيوئي جمال آهي ۽ ڪيس ئي ’تون‘ رسي. ٻي هت ’آئون‘ ۽ ’تون‘ آهي ئي ڪانہ. ’انسان ڏڻيءَ جو ڳجهہ آهي ۽ ڏڻي انسان جو‘. اِها تنوار سڀ عالم ۾ عارف ڪند اويا. اِنسان، عبد (بندو) آهي، ڏڻي معبود (مالڪ). معبود (ڏڻيءَ) وانگر عبد (انسان) جي بہ نہ آهي ابتدا نہ انتها، ڇو تہ سندس روح، حق (خدا) جو جزو آهي.

(1)

جان جان پَسين پاڻَ کي، تان تان ناهِ نِمازَ،
سَڀِ وڃائي سازَ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَؤ.

جيسين پاڻ کي تو ڏسين (جيسين پنهنجي هستيءَ کي الڳ تو سمجهين)، تيسين تنهنجي نماز بحال ناهي. سيئي حيلا وسيلا وڃائي، (ڏٺيءَ ۾ محو ٿي)، پوءِ ڏٺيءَ جي و ڏائيءَ جو نعرو هڻ (پوءِ "الله اڪبر" چؤ.)

(2)

جان جان پَسين پاڻَ کي، تان تان ناهِ سُجُودُ،
وڃائي وُجُودُ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چَؤ.

جيسين پاڻ کي تو ڏسين تيسين تنهنجو سجدو روا ناهي. پنهنجي هستي وڃائي، پوءِ ڏٺيءَ جي وڏائي جو نعرو هڻ.

(3)

اُپِرَنّدي ئِي سِڄِ، پرين جي نہ پَسَندِيون،
ڪَڍِي ٻيئِي ڏِڄِ، اڳڙِيون ڪانگن کي.

سج اُڀرڻ سان، جي اکيون محبوب کي نہ ڏسن، سي ٻئي ڪڍي ڪٽي ڪانوَن حوالي ڪج.

(4)

نيرانائِي نيڻَ، نيئِي آڇِ پرِيُن کي،
سَتَرِ ڪاڏا کيڻَ، جُ ڏِٺو مُنهُن مَحبُوبَ جو.

نيراني ئي پنهنجون اکيون ڪٽي محبوب جي حوالي ڪر. جڏهن پرينءَ جي منهن جو ديدار ٿيو، تڏهن جڻ ستر طعام ڪاڏا ويا.

(5)

وَسَنِ ۽ وِهسَنِ، ڏيهاڙِي ڏِسَڻَ لَءِ،
ڏِسِي ڏِسِي آئِيون، توءِ تَلاشُون ڪَنِ،
ڊاپِيو نہ ڊاپَنِ، پَسَڻَ مَنجهان پِرينءَ جي.

اَکيون، محبوب کي ڏسڻ لاءِ ڏهاڙي هنجون تيون هارين ۽ سرهيون تيون تين. اُهي پرينءَ کي ور ور ڏسي آيون، تہ بہ وتن ڳولائون ڪنديون. هو دلبر جي ديدار مان نہ ڊاپيو نہ ڊاپن.

(6)

اَکِيُنِ کي آئُونَ، جان کِي جُهلوُن پائِيان،
لوڪُ لَتاڙي نِنڊَ ۾، ساڃَنُ سونائُون،
مون کي ماريائُونَ، پاڻَ پَرچِي آئِيون.

اکين کي آءٌ ڪيترين بہ روڪون وجهان، ننڊ ۾ جهان لتاڙي وڃي پرين لڏائون. مون کي فراق ۾ ماريائون، پر پاڻ وصل ماڻي راضي ٿي آيون. (پاڻ تہ ننڊ ۾ پرين ڏسي آيون، پر منهنجي دل وجهلندي وتي.)

(7)

اَکِيُنِ پَنهنجِي مَتِ، پاڻَ سين پاٽِهين ڪَئِي،
اُتي وَڃِي لَڳِيُون، جِتي جانِ ڪَپَتِ،
نہ ڪا ڳَالِهہ نہ ٻَتِ، جِيَ ڏِني رِءُ نہ جُڙي.

اَکين پاڻ ۾ پاٽيهي پنهنجي مصلحت ڪئي، اُتي وڃي محبت اَڙايائون، جتي جان جو جوکو آهي. (جتي جان وڃائڻي آهي). اُتي ٻي ڪا ڳالهہ ٻولهہ يا سڏ سماءُ ناهي. جان ڏيڻ کان سواءِ، سؤدو نہ ٿو ٿئي.

(8)

اَڪَڙِيُنِ آرو، مُونهان پُڇي نہ ڪَيو،
اُتي وَڃِي اَڙِيُون، جَتي چَوَڻَ نہ چارو،
هِنئڙو ويچارو، واٽُون جَهلِيو وِجُهلي.

آڪڙين مون کان پڇي، محبت نہ آڙائي، اُتي وڃي گرفتار ٿيون، جتي چوڻڪاري جي نہ وائي، نہ واٽ. ويچارو هنئون، پرينءَ جون راهون جهليو پيو جهڄي ۽ ڳري.

(9)

تان جي تِيَنِ سامُهان، پُنِيرا سُونهنِ،
سَنئون وَرائي سُپِرين، مُنهُن جي مانڊي ڪَنِ،
رَڳُوُن سَڀِ رَچَنِ، تَنَ ۾ تازائِي ٿِئي.

محبوب، پنيرائي سونهن پيا، پر جي سامهون ٿين ۽ مُنهن ورائي مون ڏانهن ڪن تہ منهنجون سڀ رڳون رچي لال ٿين ۽ جسم ۾ تازگي اچي وڃيم.

(10)

اڪِيُون سيئِي ڏارِ، جِنِ سان پَسين پِرينءَ کي،
ٻِئي ڏانهن ڪِيمَ نِهارِ، گهَڻو ريسارا سُپِرين.

اکيون اُهيئي اختيار ڪر، جن سان رڳو محبوب کي ڏسين. ٻئي ڏانهن نظر نہ وراءِ، پرين نهايت غيرت وارا اٿيئي.

(11)

اَکِيُنِ ۾ تِي ويهُ، تہ آئُوُن واري ڍَڪِيان،
توکي ڏِسي نہ ڏيهُ، آئُوُن نہ پَسان کِي ٻِيو.

اي پرين! تون آچي منهنجين اکين ۾ ويهہ تہ مان اُنهن کي ورائي پوري ڇڏيان. توکي جهان نہ ڏسي ۽ مان تو بنا ٻيو ڪي بہ نہ ڏسان.

(12)

مُئي هاٿيءَ تي مامِرو، اَچِي ڪَيو اَنڌَنِ،
مَناڙِينِ هَٿَنِ سين، اَڪِئين ڪِينَ پَسَنِ،
"فِــي اَلَحَقِيقَتَ" فِيــلَ ڪي، سَڄا سُڃاڻَنِ،
سَندي سَرِّدَارِنِ، بَصِيرَتَ بِينا ڪَري.

مئل هاٿيءَ تي اَچي انڌن تڪرار ڪيو. هو هٿن سان پيا ڇهن ۽ اکين سان ڏسن نه ٿا. در حقيقت هاٿيءَ کي اکين وارا ئي سڃاڻي ٿا سگهن. روحاني سردارن جي نظر ئي اَسان کي ڏسندڙ ٿي بنائي. (سچ کي رواجي انسان اَهڙو پروڙين، جهڙو انڌا مئل هاٿيءَ کي. انڌا رڳو اُن کي هٿن سان ڇهي، اُن جي ڪنهن عضوي جو بيان ڪندا ۽ سو به غلط. روحاني رهبر ئي اسان کي سچي نظر ڏيئي ٿا سگهن.)

(13)

اِنَ پَرِ نه اِيمانُ، جِئَن ڪَلِمي گو ڪوٺائيين،
دَغا تُنهنجي دل ۾، شِرڪُ ۽ شيطَانُ،
مُنهَن ۾ مُسلِمانُ، اَندَرِ آذَرُ آهِئين.

انهيءَ ريت مسلماني ناهي، جو تون پاڻ کي ڪلمو چوندڙ ٿو سڏائين. تنهنجي قلب ۾ فريب، شرڪ ۽ شيطان پيا وسن. منهن ۾ مسلمان ٿو ڏسجين، پر اندر ۾ آذر (بت پرست يا نفس پرست) آهين.

(14)

ڪُوڙو تُون ڪُفرَ سين، ڪافرُ ۾ ڪوناءِ،
هِندُو هَڏِ نه آهِئين، جَڻِيو تو نه جُڳاءِ،
تِلَڪُ تِنِين کي لاءِ، سَچا جي شِرِڪَ سين.

تون ڪفر (غير مسلمانيءَ) سان به سچو ناهين. تون پاڻ کي ڪافر (خدا جي هستيءَ کي نه مڃيندڙ) نه سڏاءِ، تون هندو

شاهہ پنهنجي والد کي گڏجڻ لاءِ بيحد بيتاب ٿيو ۽ قاصد کي جواب ۾ هي بيت ڏنائين:

متان ٿئين ملور، ڪين اڳاهون آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور، حد ٻنهي جي هيڪڙي.

شاهہ حبيب کي پٽ جو نياپو مليو تہ اندر کي آرام اچي ويس. شاهہ نياپي موڪلڻ کان ترت ئي پوءِ پنهنجي والد سڳوري کي ملڻ لاءِ روانو ٿيو. افسوس جو سندس پهچڻ کان اڳيئي شاهہ حبيب جو روح وڃي حق سان هِڪ ٿيو. پيءُ جي وفات ڪري شاهہ کي ڏاڍو ڏکيو ٿيو ۽ هو ڪيترا ڏينهن ماتم ۾ رهيو.

شاهہ حبيب جي وفات کان پوءِ، کيس شاهہ جي هدايت موجب محمود فقير جي سيرانديءَ کان دفن ڪيائون. هاڻي مقبري مٿان گنبذ ٺهيل آهي. اهو گنبذ شاهہ صاحب جي مقبري کان اُتر طرف اٺن نون وکن جي مفاصلي آهي. شاهہ حبيب سن 1742ع ۾ وفات ڪئي. اها تاريخ محمد صادق نقشبنديءَ جي عربي مصرع مان نڪري ٿي:

"اَلموت جسرٌ يوصل الحبيب الیٰ لقاءَ الحبيب"

يعني، موت هڪ پُل آهي، جنهن تان هڪ دوست لنگهي وڃي ٻئي دوست کي ملي ٿو.

## شاهہ جا آخري ڏينهن ۽ وفات

شاهہ صاحب، پيءُ جي وفات کان پوءِ رڳو ڏهہ ورهيہ زنده رهيو. پيءُ جي گذرئي کان پوءِ اڻالي سميت ڪوٺڙي ڇڏي وڃي پٽ تي رهيو. سندس هاڪ هيٺئر هنڌين ماڳين پکڙجي ويئي، ۽ ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو سندس ديدار لاءِ آيا ٿي.

وٽس سارو ڏينهن سرود ۽ سماع جاري رهندو هو. دهليءَ جا ٻہ مشهور گويا، اٽل ۽ چنچل بہ آچي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيا. راڳ، شاهہ صاحب جي جان هو. موسيقي يا گائڪيءَ جو ڪامل

هرگز (سچي معنيٰ ۾) ناهين، توکي جڏهين پائڻ نہ جڳائي. تلڪ اُهي مستڪ تي لائين، جي شرڪ (خدا جي هستيءَ سان ٻئي ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ) سان سچا هجن.

(15)

مُنهُن تہ آهرِيان ئِي اُجِرو، قَلبَ ۾ ڪارو،
ٻَهَران زيبُ زِبانَ سين، دِلِ ۾ هَچارو،
اِنَ پَرِ ويچارو، ويجهو ناهِ وِصالَ سين.

منهن تہ آرسيءَ کان ئي وڌيڪ صاف آهيئي، پر دل جو ڪارو آهين. ٻاهران زبان سان سهڻي گفتار تو ڪرين. پر دل ۾ ڪڏو ۽ ٻي قياس آهين. اهڙيءَ ريت ويچارو انسان، ڌڻيءَ جي وصل کي ويجهو ناهي.

(16)

سُرمون سُفيديءَ جو، جَڏهن وِڌو جَنِ،
تَڏهن ڏِٺِيِ تن، اَڇائِي عالَمَ ۾.

جڏهن جن اَڇاڻ جو سرمو اکين ۾ وڌو تڏهن تِن جهان ۾ سفيدي ڏٺي. (ويدانت وارا اُن کي 'اَڇ' چوندا آهن. سيئي عاشق رڳي اَڇ تا ڏسن. ٻيا مڙيئي رنگ ۽ روپ، هنن لاءِ ميسارجيو وڃن.)

(17)

مُون کي مُون پرينِ، ٻَڌي وِڌو بارِ ۾،
اُيا اِيئَن چَوَنِ، مَجُڻِ پاندُ پُسائِين.

منهنجن محبوبن مونکي ٻڌي، اونهي پاڻيءَ ۾ وڌو. پاڻ ائين بيٺا چون تہ "متان پنهنجو پلاند آلو ڪيو آهيئي." (ڌڻيءَ اِنسان کي دنيوي حرصن جي سمنڊ ۾ اُڇليو آهي ۽ پوءِ کيس هدايت تو ڪري تہ متان پاڻ کي آلودو ڪيو آهيئي!)

(18)

جي ٿِيا حَلُ حَبيبَ سين، سُمَهَڻُ تن ثَوابُ،
نيڻَ هيرائي نِنڊَ سين، خوش ڪَيائون خَوابُ،
اوسيڙو عذابُ، دِلِيان تِنين دوُرِ ٿِيو.

جي محبوب سان رلي هڪ ٿيا. تن لاءِ ننڊ نيڪ يا روا آهي. اُنهن پنهنجين اکين کي ننڊ تي هرائي، متي ننڊ ڪئي. اُنهن جي دل مان انتظار ۽ پيڙا هتي پري ٿي. (سندن دل مان غم اَلم غائب ٿيا.)

(19)

تَنُ تَسبِيحَ، مَنُ مَڻِيو، دِلِ دَنبوُرو جَنِ،
تَندوُن جي طَلَبَ جون، وَحدَتَ سِرِ وَڄَنِ،
"وَحدَهُ لاَ شَرِيڪَ لَهٗ"، اَهو راڳُ رَڳَنِ،
سي سُتائي جاڳَنِ، نِنڊَ عِبادَتَ اُنِ جِي.

جن جو جسم مالها آهي، ۽ من مالها جو ڏاڻو ۽ دل تنبورو جنهن جي طلب جون تارون، ڌڻيءَ جي هيڪڙائيءَ جي راز سان پيئون وڄن. "هُو (ڌڻي) هڪ آهي ۽ سندس ڪو شريڪ (مٽ ناهي)." اِهو ئيِ راڳ سندن رڳون پيئون ڳائين. اُهي سمهي پيئي بہ سجاڳ آهن ۽ اُنهن جي ننڊ بہ بندگي آهي.

# سُرُ رِپَ

’رپ‘ لفظ جي معنيٰ آهي ڳري آفت. هن سر ۾ فراق يا ڦوڙائي جو ذڪر آيل آهي. عاشق لاءِ هڪ ساعت جي جدائي به ڪاريهر جي ڏنگ مثل آهي. مطلب ته وڇوڙو عاشق لاءِ وڏو مامرو آهي. اِنهيءَ لحاظ کان ئي هن سر تي اِهو نالو رکيو ويو آهي.

هن سر ۾ شاهه صاحب نينهن کي اندر ۾ سانڍڻ جي هدايت ڪئي آهي. جڏهن نهائين سارو ڏينهن پيئي سڙي، پر ٻاهر ٻاڦ نه ٿي ڪڍي، تڏهن سچن عاشقن کي به پنهنجي محبت پنهان (لڪل) رکڻ کپي. جي نهائين ٿورو ئي وقت کليل رهي ته تئو جهيڻو ٿي ويندو ۽ ٿانوَ پچڻ کان رهجي ويندا. سچا سالڪ به سڪ کي اندر ۾ سوگهو رکندا ٿا اَچن. ۽ ڪنهن کي ڪين چون ته ”آسين آديسي آهيون.“ جي هڪواريءَ جي محبت جي پڌر ٿي، ته اُن جو سمورو ساءُ هليو ويندو ۽ پوءِ عشق پچندو ئي ڪين ۽ عاشق خام رهجي ويندو. سچن عاشقن جو قلب پنهنجي رب سان ائين رليو پيو آهي، جڏهن نار مان وهندڙ پاڻي، مٽيءَ ۽ واري سان.

هنئڙو پريان ڏار، نبيريانس نه نبري.

(1)

جاءِ نہ سَجو ڏينهُن، هِنئڙو اوني وَگَ جِئَن،
مون پِريان سين نِينهُن، چِنَڻَ ڪارَڻِ نہ ڪَيو.

منهنجو هنئون اُنن جي ولر وانگر هڪ هنڌ (قرار ۾) ناهي (اُنن جي ولر وانگر پٽڪي پيو). مون پرينءَ سان محبت ٽوڙڻ لاءِ نہ ڪئي آهي.

(2)

پَلَ پَلَ ۾ پَلِيانسِ، پَلُ نہ رَهي پِرينءَ ري،
جِئَن جهورِيءَ ڪان جهَلِيانسِ، جهِجِيو تِئَن جهورِيءَ پوَي.

پل پل ۾ روڪيانس پيو (هنئين ڪي)، پر پرينءَ ڪان سواءِ هڪ پل بہ نہ ٿو رهي. جئن ڳاراٽي ڪان روڪيانس، تئن ورهہ ۾ ڳريو وڃي ڳاراٽي ۾ پوي.

(3)

ڪَڪَرَ مَنجِهہ ڪَپارَ، جُهڙُ نيٽَنِئُون نہ لَهي،
اَجُ مُنهنجي چِتَ ۾، اُنا پِرين اپارَ،
آءُ سَجَڻَ! لَهہُ سارَ، وِرِهَ ويڙهِي آهِيان.

منهنجي ڪاپار ۾ ڪڪر آهن ۽ آکين مان جهڙ ئي نہ ٿو غائب ٿئي. اَڄ منهنجي هنئين ۾ محبوب بيحد اُڪير ڪان وسيا (ياد پيا). اي جانب! آچي منهنجي سنيار لهہ، مان برهہ ۾ وڪوڙيل آ هيان.

(4)

مُون مَنجهيئِي مِينهُن، ڪوهُ ڪَرِينديَسِ ڪَکَرين؟
سَرَلو سارو ڏِينهُن، مُون پِريان جو نہ لَهي.

مون منجهه ئي مينهن پيو وسي، مان ڪڪرن کي ڇا ڪنديس؟ (منهنجن نيڻن مان هميشه جر جاري آهي.) جانب جو جهڙ (سندس جدائيءَ ۾ وجهلڻ)، منهنجي آندر مان سارو ڏينهن لهي ئي نہ ٿو.

(5)

چيتارِيان چُڻڪَنِ، وِسارِيان نہ وِسِرِي،
ويروتارَ ڏُکَنِ، سَڄَڻَ يَڳي هَڏَ ڄِئَن.

پرين کي ساريان تہ آچيو هنئين ۾ وسن. کين وسارڻ جي ڪريان تہ نہ ٿا وسرن. محبوب جي ياد مونکي ڀڳل هڏي جيان هميشه ڏکوئي ٿي.

(6)

چيتاري چَوَندِياسِ، ڳالهِيُون سَيوئِي سَڄَڻين،
جُ مُقابِلِ ٿِياسِ، تہ سَڀِ وَڃَنِمِ وِسِري.

سيئي ڳالهيون ساري، اُهي پرينءَ کي چونديس. جان ئي سندس سامهون ٿيس (جڏهن کيس ملان)، تان ئي سموريون ڳالهيون وسريو وڃنم. (عاشق کي معشوق آڳيان ڪجهه بہ ڪچڻ نہ ٿو ٿئي.)

(7)

ڳالِهيُون پيٽَ وَرَنِ ۾، وَڏِي وَڻَ ٿِيُون،
پَرَ سين مُون نہ ڪَيُون، گوشي پِرين نہ گَڏِيا.

ڳالهيون پيٽ جي وڪڙن ۾ سلن مان وڏي وڻ ٿي ويئون آهن (ڳالهين جو انداز وڏي ويو آهي). مون ڪنهن ڏارئي سان اُهي نہ ڪيون ۽ جانب بہ مون کي سائت اڪيلائيءَ ۾ نہ گڏيا.

(8)

جِئَن سي ڪوُهِيءَ نارَ، وَهَنِ وارِيءَ گاڏُئان،
هِنئَڙو پِرِيان ڏارَ، نِبيرِيانسِ نہ نِبري.

جئن ڪوهن تي چڙهيل نار مان واريءَ سان گڏيل پاڻيءَ جا وهڪرا وهندا آهن، تهڙيءَ طرح هنئين ڪي پرينءَ ڪان ڇني ڏار توڪريان ته نه تو ڏار ٿئي. (جئن پاڻي واريءَ ڪان.)

(9)

أتَرَ ڏِنِي اوتَ، نہ مُون سَوَڙِ، نہ گبَرو،
چارَئِي چُنِيءَ پوتَ، مُون ريڙهيندي راتِ گئِي.

اُتر جي سيءَ لُوهه ڏني آهي، مون ڪي نہ سوڙ آهي، نہ گودڙي. پوتيءَ جا چارئي پلاند ريڙهيندي، ساري رات گذري ويئي.

(10)

نِهائينءَ ڪان نِينهُن، سِڪُ مُنهِنجا سُپرِين!
سَڙِي سارو ڏِينهُن، بَهَرِ ڀاڦَ نہ نِڪري.

اي منهنجا مٺل! عشق نهائينءَ ڪان سک. اوءَ سارو ڏينهن سڙي ٿي، پر منجهانئس ڀاڦ ٻاهر نہ ٿي نڪري.

(11)

نينِ نِهائينءَ جان، سُتي لوڪَ ڍَڪِيان،
اُجهامِيو ٻَران، توکي سارِيو سُپرين!

ماٺهن جي سمهڻ مهل مان پنهنجون آکيون نهائينءَ وانگر بند تو ڪريان. اي جانب! توکي ياد ڪري، مان اندر ۾ نهائين وانگر پيو اُجهامان ۽ ٻران.

# سُر کاهوڙي

’کاهوڙي‘ لفظ جي معنيٰ آهي ”جبلن ۾ ڏٽ ڏوريندڙ“. هن سر ۾ اُنهن سنياسين جو ذڪر آهي، جي ڏيهه ڪان ڏور ڏونگرن ۾ اَلک پيا ڏورين ۽ تن ڪي تسيا ڏيندا وتن. هن سر تي اِهو نالو اُن جي مضمون مطابق پيو آهي. هن سر ۾، شاهه گنجي ٽڪر جي واکاڻ ڪئي آهي، ڇو تہ انهيءَ ٽڪر رستي ئي، هو ڪن جوڳين جي سنگ ۾ هنگلاج جي تيرٿ تي ويو هو. گنجي ٽڪر تي روحاني اسرار بہ ڏٺائين ۽ ڪاپڙين جي پر بہ جاچيائين. هتي ’گنجي‘ جي معنيٰ ’روحاني ديس يا راهہ‘ وٺڻ گهرجي. هي سر ’سر رامڪلي‘ سان گڏي پڙهڻ گهرجي، ڇو تہ ٻنهي ۾ آديسين جو ورنن ۽ شاهہ جي روحاني سفر جو وستار آهي. گنجو ٽڪر حيدرآباد سنڌ جي ڏکڻ طرف آهي ۽ اُن جي دامن ۾ ڪاليءَ جو مندر آهي.

(1)

سُکا مُنهَن سَندِنِ، پيرين پُراٽا کيتڙا،
سا جوُءِ ڏوري آئِيا، سُونهان جِتِ مُنجهَنِ،
ڳُجها ڳُجهيُون ڪَنِ، تِهان پَراهين پَنڌ جون.

ڪاهوڙين جا مهانڊا سڪل آهن ۽ پيرن ۾ پراٽا ڪلتر پيا آٿن. هو اُها منزل لهي آيا، جتي سونهان (رهبر) بہ منجهيو پون. هي ڳجها فقير اِنهيءَ ڪان بہ ڏورانهين منزل جون ڳجهيون ڳالهيون پيا ڪن.

(2)

جِتِ نہ پَکِيءَ پيرُ، تِتِ تِمڪي باهِڙي،
بِيو ٻاريندو ڪيرُ، ڪاهوڙِڪِيءَ ڪيرَ ري؟

جتي ڪنهن پکيءَ جي پير جو بہ نشان ناهي، تتي آديسين جي آگ پيئي جهلڪا ڏئي. ڪاهوڙين جي ساٿ ڪانسواءِ اهڙي هنڌ ٻيو ڪير باهہ ٻاريندو؟

(3)

ڏوري ڏوري ڏيهَ، ماءِ! ڪاهوڙِي آئِيا،
مَيَنِ پيرين ڪيهَ، ڪُهُ ڄاڻان ڪَنهن پارَ جِي.

اي جيجل! ڪاهوڙي ڪيئن ولايتون ووڙي، واپس وريا آهن، نہ ڄاڻان تہ هنن جُنگن جي پيرن تي ڪهڙي پاسي جي لٽ چڙهيل آهي.

(4)

جَهنگلُ هَلِيا، سي نہ پُلِيا، راهَ هَلِيا پُرِجَنِ،
اَوَجَهڙِ سي نہ پَوَنِ، بيئي جِنين ڇڏِيون.

جي جهنگل ڏانهن منهن ڪري هليا، سي گمراهہ نہ ٿيا. راهہ تان هلندڙ ئي ڦرجن ٿا. جن ٻئي جهان ترڪ ڪيا، سي گمراهيءَ ۾ نہ ٿا پون.

(5)

وَرُ سا سُڄِي ويڙهہِ، جنهن ۾ سَڄَڻُ هيڪڙو،
سو ماڳهہِ ئِي ڦيرِ، جِتي ڪوڙِ ڪُماڙُهيئن.

اُها سڄي جاءِ ئي ڀلي، جتي هڪڙو سپرين وسندڙ هجي، اهو هنڌ ئي مٺاءِ، جتي نا اَهلن (ٻڇڙن اِنسانن) جو اَنداز ڪروڙ هجي.

# سُرُ بَروو سِنڌي

هندوستاني راڳ جي علم موجب 'بروو' هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جنهن کي شاه نج سنڌي رنگ ڏنو آهي. هن سُرَ ۾ مجازي عشق جو گهڻو وستار آهي. اَلبت، اُن ۾ حقيقي محبوب جو بہ ذڪر آيل آهي. عاشق جي نياز ۽ بيقراريءَ ۽ معشوق جي ناز ۽ حسن کي نهايت سهڻي ۽ دلڪش نوع ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

ڇاڻو هو. پاڻ به پنهنجو چيل ڪلام ڳائيندو هو. چون ٿا ته وفات کان ٿورو اڳ، گهڻو ڪري هيٺين ڪافي چوندو رهندو هو. اِها ڪافي ”سر سهڻي“ جي پهرئين داستان کان پوءِ آچي ٿي.

ڪهڙي منجهه حساب؟ هُتَ منهنجو هوت ري، لا...

حياتيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ اچي سڪ ٿيس ته ڪربلا شريف جي زيارت ڪري اَچان. قضا سان واٽ ۾ هڪ خدا رسيدو مريد گڏيس، جنهن چيس ته ”سائين سڳورا! اوهين ماڻهو ڪينَ چوندا آهيو ته اوهان جو ڪفن دفن پٽ تي ٿيندو. پوءِ هينئر ڪيئن پڇاڙيءَ جي وقت هيڏي سفر تي نڪتا آهيو؟“ شاهه جي دل ۾ اِهي سخن تير مثل پيهي ويا، ۽ هو ڪربلا جي زيارت جو خيال ترڪ ڪري، پٽ ڏانهن واپس وريو. پٽ تي پهچڻ سان ڪارو ويس ڪري، اَمامن جي ماتم ۾ ”سر ڪيڏارو“ چيائين. پورا ايڪيهه ڏينهن اڪيلائپ ۾ رهيو ۽ اُنهيءَ عرصي ۾ بن ويلن جيتري ماني مس کاڌائين. جڏهين ٻاهر نڪتو تڏهين غسل ڪري هڪ چادر مٿان وجهي، مراقبي ۾ ويهي رهيو. پوءِ سرود ۽ سَماع جو اِشارو فرمايائين. ٽي ڏينهن برابر فقيرن جو راڳ روپ پئي هليو. آخر راڳ ختم ٿيو پوءِ شاهه جي ويجهو ڇا وڃي ڏسن ته سندس روح مبارڪ پرواز ڪري، وڃي رب سان مليو هو!

شاهه صاحب صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ سن 1165هه مطابق 1752ع ۾ جهان مان لاڏاڻو ڪيو. سندس عمر حضرت محمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم ۽ حضرت علي عليه السلام جي عمر جيتري ٿي، يعني 63 ورهيه.

شاهه صاحب جو لاش مبارڪ، سندس وصيت موجب، پٽ تي، محمود شاهه جي پيراندي‌ءَ کان دفن ڪيو ويو. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، پنهنجي خرچ سان سندس تربت مٿان سنه 1754ع ۾ هڪ عاليشان مقبرو، وقت جي ناميارِي عيدن رازي کان جوڙائي راس ڪرايو. ميرن جي صاحبيءَ ۾ مير

(1)

ڪي اوڏائي ڏورِ، ڪي ڏورِ بہ اوڏا سُپرِين،
ڪي سَنپِرجَنِ نہ ڪَڏهين، ڪي نہ وِسرَنِ مُورِ،
جِئَن مينهِن ڪُنڍِيءَ پوُرِ، تِئَن دوسِتَ وَراڪو دِلِ سين.

ڪي ويجها بہ پري، ڪي پرين (پيارا) پري بہ ويجها. ڪي ڪڏهن ياد نہ ٿا پون، ڪي هرگز نہ ٿا وسرن. جيئن وريل سڱن واري مينهن جي سڱن جو پيچ، تيئن دلبر جي محبت جو پيچ. منهنجي دل کي پيل آهي.

(2)

ماڙهوُ گهُرَنِ مالُ، آئوُن سَي ڏينهَن گهران سُپرين،
دُنِيا تَنهن دوسِتَ تان، فِدا ڪَرِيان فِي الحالُ،
ڪَيَسِ نامَ نِهالُ، پَسَڻُ تان پَري تِيو.

ماڻهو دنيوي خزانو طلبين، مان مڙيئي ڏينهن محبوب طلبيان. اُنهيءَ دلبر تان مان ساري دنيا کي في الحال گهوري ڇڏيان. مونکي سندس نالي ئي خوش ڪري ڇڏيو آهي. (سندس نالي ڳنهندي ئي مان خوشيءَ سان تار ٿي ويو آهيان.) ڪيس ڏسڻ تہ اَجا پري رهيو!

(3)

ڪَڏهِن طاقِيوُن ڏِينِ، ڪَڏهِن ڪُلَنِ دَرَ دوسِتَنِ جا،
ڪَڏهِن اَچان، اَچَڻُ نہ لَهان، ڪَڏهِن ڪوٺِيو نِينِ،
ڪَڏهِن سِڪان سَڏُ ڪي، ڪَڏهِن ڳُجهاندَرَ ڳِرهين،
اَهڙا ئِي آهِينِ، صاحِبَ مُنهنجا سُپرين.

محبوب ڪڏهن درن کي طاقيون ڏيو بند ڪيو ڇڏين، ڪڏهن سندن در کلن ٿا. ڪڏهن (سندن در تي) اچان تہ

آچڻ جي اِجازت نہ مليم. ڪڏهن پاڻ مونکي سڏيو ساڻ وٺيو وڃن. ڪڏهن سندن سڏ لاءِ سڪان پيو. ڪڏهن هو مون سان ڳجها راز آچيو سلين. منهنجا صاحب سپرين اهڙي رنگ جائي آهن.

(4)

صُورَتَ گهٽو سُهِٽا، ٽاٽا سَندَنِ ٿوُهَ،
ريلو ڏِئي روحَ، جو ڪائِي، سو ڪامِي مَري.

هُو صورت جا سهٽا آهن، پر سندن لچڻ ٿوهن جهڙا آهن (ڪي شخص شڪل جا سهٽا ۽ موهيندڙ آهن، پر سندن لچڻ اَهڙا اُگرا آهن، جهڙو ٿوهہ جو ذائقو.) جنهنجو روح ڏانهن ڇڪجي وڃي ۽ جو سندن صحبت جو ساءُ وٺي، سو جلي خاڪ ٿئي.

(5)

جانِبَ! مُنهنجي جِيءَ ۾، تُنهنجِي طَمَعَ پوءِ،
وَٿُ ڪاتِي، وَڍِ اَنگڙا، اَدَبُ ڪَرِ مَ ڪوءِ،
پانيان پالُ سَندوءِ، جي ساجَنَ! سَنئون نِهارِئين.

اي محب! منهنجي جيءَ ۾ تنهنجي ئي تمنا آهي. تون مون کان ڪاتي وٺ، منهنجا اَنگ (عضوا) وڍ ۽ ڪوبہ لحاظ نہ ڪر. اي سپرين! مان تنهنجو ٿورو مجندس، جي مون ڏانهن سنئون منهن ڪري نهاريندين.

(6)

جانِبَ! اِيئَن نہ جُڳاءِ، جِيئَن مارِيو، موٽِيو نہ پُڇين،
رَتِيءَ رَتُ نہ سنجُري، سِڪَ تُنهنجي ساءِ،
اَسان توئِي لاءِ، تي پَرِ ۾ پوُڄائوُن ڳِيوُن.

اي جاني! توکي اِئين نہ جڳائي، جو مون کي ماري، وري منهنجي پڇا ئي نہ ٿو ڪرين. تنهنجي عشق جَي سوز ۾ مون ۾ رتي جيتري رت بہ موجود ناهي (رڳن ۾ جاري ناهي.) اَسان تنهنجي لاءِ ئي ڳجهہ ئي ڳجهہ پوڄائون ڪيون.

(7)

جَڏهِن پَوي يادِ، صُحبَتَ سُپيرِيُنِ جي،
فَرِيادُون فرِيادِ، ناگهَ وَجَنِ نِڳيو.

جڏهن محبوب جي صحبت جي يادگيري تي پويم. تڏهن اوچتو اندر مان دانهن تي دانهون نڪريو ٿيو وڃن.

(8)

ڪَڙو مَنجِهه ڪَڙي، جيئَن لُهارَ لَپيٽِيو،
مُنهِنجو جِيُ جَڙي، سُپيرِيان سوگهو ڪَيو.

جيئَن لُهار زنجير جو هڪ ڪڙو ٻئي سان جڪڙيندو آهي، تيئَن جانب منهنجو جيءُ پاڻ سان جڪڙي سوگهو ڪيو آهي.

(9)

نازَ منجهاران نِڪرِي، جَڏهِن پِرين ڪَري ٿو پَنڌُ،
پُون پڻ 'بِسمِ اَللّٰهَ' چئِي، راهَ چُمي تِي رَنڌُ،
اُپيوُن. گهَٽي اَدَبَ سين، حوُروُن حَيرَتَ هَنڌُ،
سائينءَ جو سَوڳَندُ، ساجَنُ سَيَنئان سُهڻو.

جڏهن منهنجو سپرين، ناز منجهان نڪري پنڌ ٿو ڪري، تڏهن زمين پڻ 'بسم الله' چئي، سندس گس تي چمي ۽ حورون حيرت جي مڪان ۾، ادب وچان اُڀيون تي ٿيون بيهن. سائينءَ جو قسم تہ جانب مڙني شين کان سهڻو آهي. (ڪائنات جي سيني شين کان وڌيڪ حسين آهي.)

(10)

فانِي نِي فانِي، دُنيا دَمُ نہ هيڪِڙو،
لَٽي لوڙهُ لَٽُنِ سين، جوڙِيندَءِ جانِي!
ڪوڏرِ ۽ ڪانِي، آهي سِرِ سَيَڪَنهين.

دنيا فاني آهي ڙيءَ! فاني! اُن ۾ جيئڻ هڪ پل مثل آهي. اي سجڻ! ماڻهو تنهنجي لاش مٿان لتن سان مٽي ڏئي قبر جوڙيندا. سڀ ڪنهن جي سر مٿان ڪوڏر ۽ ڪانو آهي. (ڪوڏر قبر کوٽڻ لاءِ ۽ ڪانو مئت جي ماپ وٺڻ لاءِ: اهي ٻه شيون، مئي ڪانپوءِ هر ڪنهن جي نصيب ۾ آهن.)

(11)

آدِمِيُن اِخلاصُ، مٿائي مانو ڪَيو،
هاڻِ ڪائي سَيُڪو، سندو ماڙُهُوءَ ماسُ،
دَلَبَر! هِنَ دُنيا ۾، وَجِي رَهندو واسُ،
ٻئي سَڀُ لوڪَ لِباسُ، ڪو هِڪَدِلِ هوُندو هيڪِڙو.

ماڻهن پنهنجي سُپت ۽ سچائي مٿائي جهيٽي ڪري ڇڏي آهي. هينئر هرڪو ماڻهو ٻئي ماڻهو جو ماس پيو ڪائي (هرڪو ٻئي جو رت پيو چوسي.) اي جانب! هن جهان ۾ هر ڪنهن جي نيڪيءَ جي سرهاڻ وڃي رهندي. ٻين مڙني ماڻهن کي ظاهري ڏيک آهي. (ٻيا مڙيئي ماڻهو دولابي آهن)، دل جو سچو ڪو هڪڙو (ڪروڙن ۾ هڪڙو) هوندو.

(12)

يارُ سَڏائي سَيُڪو، جانِي زِبانِي،
آهي آسانِي، ڪَمَ پِئي تِي ڪَلَ پَوي.

زبان سان هرڪو پاڻ کي جاني يار (جگري دوست) پيو سڏائي. اها ڳالهه آسان آهي. (يعني زبان سان پاڻ کي دوست سڏائڻ)، پر جڏهن ڪم تو پوي، تڏهن سُڌ تي پوي. (دوستيءَ يا نہ دوستيءَ جي پروڙ تي پوي.)

(13)

شُڪُرُ گَڏِياسُون، سُپرِين! جِئُري جانِي يارَ!
وِيئي جن جي وَٽِ ۾، ڪوڙين تِيا قَرارَ،
ڏِٺِيَمِ! ڪَرِ مَ ڏارَ، پاڙو تِنِ پِرِيُن ڪان.

اي مٺا دلبر! شڪر جو جيئري ئي پاڻ ۾ گڏياسون. جن جي پر ۾ ويٺي ڪروڙين آرام حاصل ڪن (آنند پائين). تن جانبن جي پاڙي ڪان, اي منهنجا ڏٽي! شل مونکي پري نہ ڪرين!

# سُر رامڪلي

’رامڪلي‘ هندول، راڳ جي پنجن ڙالن مان آهي. هن سر ۾ جوڳ ۽ ويراڳ جا خيال سمايل آهن. شاهه صاحب، سامين جي سنگ ۾ ٽي سال گذاريو ۽ گنجي ٽڪر وارو پنڌ ونئي، ساڻن هنگلاج جي ياترا تي بہ ويو هو. ’سر رامڪلي‘ ۾ جوڳين جي وڏائي ڳائي آٿس ۽ سندن ڪريائن، گڻن ۽ روحاني سونهن جو وستار ڪيو آٿس. جيڪي بہ آديسين جي صحبت مان پرايائين، تنهن جو هتي اظهار ڪيو آٿس. ڪين ڪيترن ئي نالن سان سڏيو آٿس: جوڳي، لاهوتي، ويراڳي، ڪاپڙي، بيراڳي، بابو بيڪاري، نانگا، سامي، آديسي، سنياسي، ڪن ڪٽ، ڪنوٽيا، ڪن چير، عاشق، فقير، لانگوٽيا، ٻوڙا، ريگڙيارا (پيوتيا)، گودڙيا، قوت ڪڙايا، آوَسر آجا، مهيسي، راول، صابري، جبروتي، هر ڪيس، وغيره.

(1)

نُوري ۽ نارِي، جوگِيڙَا جَهانَ ۾،
بَري جن بارِي، آئُون نہ جِئنَدِي اُنِ رِي.

جهان ۾ جمالي توڙي جلالي جوڳي آهن. جن جي ڪچهري نينهن جي نور سان پيئي ڀڪي، تن کان سواءِ مان نہ جيئنديس.

(2)

وَتِنِ وينِي آهِيان، ڏِسيو ڪِينَ ڏِسانِ،
جَنهِن جِهوئِي ناهِ ڪِي، سا ڪا سُونهَن سَندِيانِ،
پَسِيو ڪِينَ پَسانِ، آئُون نہ جِئندي اُنِ رِي.

سندن سنگ ۾ ويٺي آهيان، ۽ ڪين ڏسڻ هوندي بہ ڪانئن سواءِ ٻيو ڪي ڪين ٿي ڏسان. سندن جا سونهن آهي، سا اهڙي آهي، جنهن جي مٽ ٻيو ڪي ڪين آهي. ڪين پسيو ٻيو ڪي ڪين ٿي پسان. هنن کان سواءِ مان نہ جيئنديس.

(3)

سامِي ڪامِي پِرِينءَ لَءِ، ڪُسِي تِيا ڪَبابُ،
جَهڙو ڏِسَنِ ڏوهَ ڪي، تَهڙو تِنِ ثُوابُ،
اوتِين اَرتِي گاڏُئون، مَنجهان اَکِيُنِ آبُ،
سَندو ذاتِ جَوابُ، توُن ڪِئَن پُڇِين تِنِ ڪي؟

جوڳي پنهنجي جانب لاءِ جلي ڪباب ٿا ٿين. هو جهڙو پاپ ڪي ٿا ڏسن، تهڙو پيچ ڪي، (هنن جي نظر ۾ ڏوهہ ۽ ثواب ساڳيا آهن.) هُو پنهنجن نيڻن مان رت گاڏئون پاڻي (رت جا ڳوڙها) ٿا ڳاڙين. تون انهن کان ذات پات جو کهڙو ٿو حساب ڪتاب پڇين؟

۾ جي ڪن آهن، تون انهن سان پيغام ٻڌ. (باطني ڪنن سان روحاني نياپو سڻ.)

(8)

مُنهُن مِحرابُ پرِينءَ جو، جامعَ سَڀَ جَهانُ،
فَرَهِيءَ تان فُرقانَ جي، ڪاتِيائُون قُرآنُ،
اُڏامِي اُتِ وِيو، عَقُلُ ۽ عِرفانُ،
سَيوئِي سُبُحانُ، ڪاڏي وِجي نِيتيان.

محبوب جو منهن ئي محراب (مسجد جي سڳوري ڪمان) آهي ۽ سارو جهان هڪ عظيم مسجد (سجده گاهه) آهي. (جتي سجدو ڪر، تتي صاحب جو حضور آهي.) هنن (ڪاملن) پنهنجي سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ فرق ڏيکاريندڙ تختيءَ (قلب يا لوح محفوظ) تان پاڪ ڪتاب جو دؤر ميساري ڇڏيو (جو ته هو شريعت جي منزل کان مٿي چڙهي ويا.) اُتي (اُنهيءَ منزل تي) عقل ۽ علم پَرَ ڪري اُڏامي ويا. هي سمورو رب جو مشاهدو آهي، ڪٿي وڃي نماز ۾ سر جهڪايان!

(9)

ڪيهي ڪامَ ڪاپڙِي، تا اهڙِي رَوَشِ رَوَنِ؟
نَڪا دِلِ دوزَخَ ڏي، نَڪِي بِهِشتُ گهُرنِ،
نَڪو ڪَمُ ڪُفارَ سين، نَڪا مُسلمانِي مَنِ،
اُيا اِيئَن چَوَن، تہ پرِين ڪَجو پانهِنجو.

سنياسي، ڪهڙي ڪارج يا مقصد لاءِ اهڙي هلت ٿا هلن؟ سندن دل ۾ نہ ڪڏهن دوزخ (نرڳ) جو خيال آچي، نہ هو ڪڏهن بهشت (سرڳ) ئي گهرن. نہ سندن واسطو ڪفرِ سان آهي، ۽ نہ سندن من ۾ مسلماني يا اِسلام ڏانهن رغبت آهي. هو ائين بيٺا چون تہ "پنهنجي محبوب (رب) کي ريجهائي، پنهنجو ڪجو." (جوڳي ڪنهن بہ ڌرم يا مذهب جا ناهن ۽ رڳو الله جا پوڄاري آهن.)

(10)

ناأميدي آجِڪو، اوڇَڻُ آديسِيَنِ،
ڪَڏهِين تازِيءَ پُٺِ تي، ڪَڏهِين هيٺِ هَلَنِ،
سامِيَڙا سَمُونڊَ ۾، ٽُنبي جِئَن ٽَرَنِ،
جي واڳوءَ واتِ وَڃَنِ، تہ ڪُسَنِ، ڪُڇَنِ ڪِينَ ڪِي.

جوڳين جو اوڇڻ (چادر) ناأميدي (مڙني ترشنائن جو تياڳ) آهي. هو ڪڏهن تازي گهوڙي تي سوار آهن، ڪڏهن پٽ تي پنڌ ٿا ڪن. (هنن لاءِ اوج توڙي زوال ٻئي هڪ آهن.) سامي هن سنسار جي ساگر ۾، ٽنبي وانگر ٿا ترن (هنن کي دنيا جي ساگر ۾ نہ لهر نہ لوڏو). جي واڳهوءَ جي وات ۾ وڃن تہ بہ زبان مان حرف نہ ڪچن. (هو ڪهڙي بہ آفت هيٺ اچن تہ نہ ڪرڪن، نہ ڪنجهن.)

(11)

آديسِي آديسُ، هِتان ڪَري هليا،
ڪاپَڙِيُنِ قَلَبَ ۾، ڪَيو ڏُوراڻو ڏيسُ،
ويراڳِي نئُون ويسُ، راوَلَ ڍَڪي رَمِيا.

جوڳي نمسڪار ڪري، هتان (هن ديس يعني جهان مان) روانا ٿيا. سامين پنهنجي چت ۾ ڪو پرانهون ڏيهہ چتايو. (روحاني ولايت خيال ۾ رکيائون) هي روحاني راجائون نئون لباس پهري (نوراني ويس ڍڪي) روانا ٿيا.

(12)

رَهِيا اَٿيئِي راتِ، صُبُحَ ويندَءِ صابِري،
لُنءَ لُنءَ مَنجهہ لَطيفُ چئي، ڪَرِ تِنين جِي تاتِ،
سَندِي جوڳِيانِ ذاتِ، ٻئي پيري مَسَ مِڙي.

تو وٽ رات رهيا آهن، هي صبر وارا صبح جو تو وٽان روانا ٿي ويندا. تون پنهنجي رڳ رڳ منجهہ انهن جي پچار ڪر.

جوڳين جي ذات، ٻئي دفعي مس (مشڪل يا ڪنهن نصيب سان) ملي. (هنن جي صحبت اوچتو ڪنهن پيچ سان تي ملي)

(13)

تان ڪِي ساٿَنِ اورِ، جان آهِينِ اوطاقُنِ ۾،
ڏه ڏه پيرا ڏينهَن ۾، پاڻُ مَتانئُنِ گهورِ،
وِيا جي هِنگلورِ، تہ ڪَرَمِ مِلَندءِ ڪاپڙِي.

تيسين ساٿن روح رهاڻ ڪر، جيسين اوطاقن (پنهنجن آستانن) تي آهن. تون پاڻ کي ڏهاڙي ڏهہ ڀيرا متانئن گهور. (تون متانئن ور ور ڏيئي قربان پيو وڃ.) جوڳي، جي هنگلاج ڏانهن هليا ويا تہ پوءِ وري ڪنهن پيچ يا نصيب سان ملندءِ. (سندن ملڻ پوءِ محال آهي.)

(14)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، طالِبَ تَنوارِينِ،
آديسِي اُتِي وِيا، مَڙهِيوُن مون مارِينِ،
جي جِيَ کي جِيارِينِ، سي لاهوُتِي لڏي وِيا.

اَڄ، حقيقي عاشق پنهنجي آستانن تي، مٺي گفتار نہ ٿا ڪن. جوڳي لڏي هليا ويا ۽ سندن خالي مڙهيون (اوتارا) مون کي ماري (جهوري) ٿيون ڇڏين. اُهي جوڳي، جي جان بخشيندڙ هئا، سي لاڏاڻو ڪري ويا. (هي ۽ پٺيان ايندڙ بيت شاه عنايت شهيد جي فراق ۾ چيل ٿا ڏسجن.)

(15)

اَڄُ نہ اوطاقُنِ ۾، دُونهِين، ڌُنڌُ، نہ لاٽَ،
وِيا ويراڳِي نِڪِرِي، چِتَ چِڪائي چاٽَ،
آئوُن مارِيَسِ تَنهين ماٽَ، جيِجان! جو ڳِيَڙَنِ جي.

اَڄ مڙهين ۾ نہ جوڳين جي دونهين تي ڏسجي، نہ اُن جو دونهون، نہ شعاع. سنياسي، منهنجي دل کي پنهنجي صحبت جو ساءُ

نصير خان انهيءَ مقبري ۽ مسجد جي عمدي مرمت ڪرائي. سندس سوٽ مير محمد خان قبي کي چانديءَ جو دروازو وجهايو جو اڄ تائين قائم آهي. دروازي مٿان توڙي ديوارن تي ڪيترائي سهڻا فارسي بيت نقش ڪيل آهن، جن مان شاهہ صاحب جي وفات جي تاريخ ملي ٿي.

شاهہ صاحب جي تربت سڳوري، هينئر عام و خاص لاءِ هڪ زيارتگاهہ آهي. اُن جو ديدار قلب کي آرام ڏيندڙ آهي.

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
اُن جي عبداللطيف چئي، مٿيءَ لڏو مان،
ڪوڙيين ڪن سلام، آڳهہ اَچيو اُن جي.

هر جمعرات، ڀٽ شريف تي فقير، شاهہ صاحب جو ڪلام ڳائيندا آهن. ڪلام رات جو ڏهين بجي ڌاري شروع ٿيندو آهي ۽ صاف صبوح تائين هلندو آهي.

## شاهہ جي رسالي جو جنم

"شاهہ جو رسالو" ۾ ڪلام، وجد واريءَ حالت ۾ چيل آهي. شاهہ صاحب جڏهين انهيءَ حالت ۾ ايندو هو، تڏهين ويندو هو شعر چوندو جي سندس فقير بروقت قلم بند ڪندا ويندا هئا. هڪ روايت آهي تہ وفات کان ٿورو وقت اڳ، سارو رسالو ڪراڙ ڍنڍ ۾ داخل ڪري ڇڏيائين، ڇو تہ اهو خيال اچي ٿيس تہ متان ماڻهو سندس رمزون نہ سمجهي، وڃي گمراهيءَ ۾ پون. چون ٿا تہ شاهہ جي ائين ڪرڻ تي فقيرن کي ماتم وٺي ويو ۽ پاڻ مٿن رحم آڻي هڪ مريدياڻي، مائي نيامت (نعمت) کي فرمايائين تہ فقيرن کي اُهو لکارائي ڇڏ. چون ٿا تہ انهيءَ مائيءَ کي شاهہ جي ڪلام جو ڪجهہ حصو ياد هو. پوءِ انهيءَ نئين سر تيار ٿيل رساليَ کي "گنج"[1] ڪري سڏيائون ۽ تمر فقير جي حفاظت ۾ ڇڏيائون. فقير جا پويان اڄا تائين اُن جي حفاظت ڪندا ٿا اچن.

[1] "گنج" هاڻ ويجهڙ ۾ ئي، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

چڱائي، لڏي هليا ويا. اي جيجل! مونکي جوڳين جي اُنهيءَ
ڀلائي يا جدائي جي ڳوڙهن ماريو آهي.

(16)

ٻُکَ وِڏائُوُن ٻُکَرِيِين، جوڳِي ڪَندا جُڳَ،
طَلَبَ نَہ رَکَنِ طَعَامَ جِي، اوتِيو پِيَنِ اُڃَ،
لاهُوتِيُنِ، لَطِيفُ چئي، مَنُ ماري ڪَيو مُڃَ،
سامِي جهاڳِي سُڄَ، وسَنتُن کي ويجها ٿِيا.

جوڳين پنهنجين گودڙين ۾ بک وڏي (سندن گودڙيون، سيڏي
پاڏي کان خالي آهن ۽ کين دائمي ورت (روزو) آهي.) جوڳي
اِئين ئي جشن ڪندا وتن. هو طعام جي تمنا نہ ٿا رکن ۽ اڃ
پيئو پيا پيئن. (نہ کين کاڌي جي گهرج آهي، نہ پيتي جي.)
جوڳين پنهنجو من ماري مات ڪري ڇڏيو. سامي،
سڄ جو سفر لتاڙي، وڃي وسنديءَ کي ويجها ٿيا. (هنن پاڻ کي
تسيا ڏيئي، وڃي جانب جي جوءِ لڌي.)

(17)

ڪَڃي ڪاڇوٽِي، نانگَنِ ٻَڌِي نينهَن جِي،
جَهِڙا آيا جَڳَ ۾، تَهِڙا وِيا موٽِي،
اُنِين جِي چوٽِي، پُورَبِ ٿيندِي پَڌِرِي.

نانگن، نينهن (سچي عشق) جي لانگوٽي ڪشي ٻڌي. هو جهڙا
جڳ ۾ اَڀوجهہ ۽ پوتر آيا. تهڙائي جڳ مان روانا ٿيا. اُنهن جي
ڏيا يا ڪماليت، آتمڪ ديس (روحاني ولايت) ۾ نروار ٿيندي.

(18)

جَنهن سَناسِيءَ ساندِيو، گندِي ۾ گِراهُ،
اُنهيءَ کان اَللهُ، اَجا اَڳاهُون ٿِيو.

جنهن جوڳيءَ رلي ۾ لقمو سانڍيو (اوچڻ ۾ اَن جي اون ڪئي)،
تنهن کان الله اَجا پري آهي.

(19)

ڏورِ مَ ڏِٺان ڏارَ، ڏورڻُ گهَٽو ڏاکِڙو،
کوڙين لَکَ هَزارَ، اِنَ اونداهِيءَ اَنڌا کَيا.

ڏيئي کان سواءِ (ڪامل گروءَ يا مرشد جي روشنيءَ کان سواءِ) تلاش ڪرڻ نهايت ڪٺن ڪم آهي. هن اونداهيءَ (دنيا جي ڏنڌ) لکين ڪروڙين اِنسانن کي انڌو ڪري ڇڏيو.

(20)

تو جو ڏِيو ٻانئِيو، سا سُورجَ سَهائي،
اَنڌنِ اونداهِي، جي راتِ وِهامِي ڏينهُن ٿِيو.

جنهن کي تو ڏيئو سمجهيو سا سج جي روشني آٿيئي، (يعني ڏيئي مان مراد. گروءَ يا مرشد جو نور آٿيئي، جو سج جيان تجليدار آهي) اَنڌن لاءِ اُهائي اونداهي آهي، جي رات گذري وڃي ۽ روشن ڏينهن اُڀري.

# سُرُ ڪاپائتي

’ڪاپائتي‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’ڪتڻ واري‘ يا ’ڪاتار‘. هن سُرَ ۾ اَئٺ يا چرخي ۾ ڪتڻ وارين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اِنسان جو من چرخو آهي، چرخي چورڻ مان مراد آهي، ڏٽيءَ جو اِسم اُچارڻ ۾ سالڪ آهي، ڪاتار. سٽ مان مراد آهي ”روحاني ڪمائي“. ڪامل آهن، اُهي صراف جي هر هڪ سلڪ جو ملهہ سندس ڪمائيءَ موجب ڪٿيندا.

(1)

ڪَتَڻَ جِي ڪانہ ڪَرين، سُتي ساهين هَڌُ،
صُباحَ اِيندَءِ اوچتي، عيدَ اُگهاڙن گڏُ،
جِتِ سَرَتيُون ڪَندَءِ سَڌُ، اُتِ سِڪَندِينءِ سِينگارَ کي.

تون ڪتڻ جي نہ ٿي ڪرين. سمهيو پيئي جيءَ کي آرام ڏين. سياڻ جڏهن اوچتي عيد ايندي (قيامت ڏينهن ايندو) تہ اگهاڙن (گنگهارن) سان گڏ اُٿيندينءَ. جتي سهيليون سڏينديءَ، تتي سينگار لاءِ پيئي سڪندينءَ.

(2)

چائُتِ پائي چِتَ ۾، سَنهو ڪِتو جَن،
تِن جو صَرافَنِ، ڏُکو داخِلِ نہ ڪَيو.

من ۾ غير رکي، جن سنهو (نفيس ۽ سهڻو) سٽ ڪتيو تن جو هڪ تولو بہ صرافن نہ اگهايو.

(3)

مُحَبَّتَ پائيِ مَنَ ۾، رَنڍا روڙِيا جَن،
تن جو صَرافَنِ، اَڻَ توريو ئِي اگهائِيو.

جن من ۾ محبت رکي، سادو سٽ ڪتيو تن جو صرافن تورڻ بنا ئي تسليم (قبول) ڪيو.

(4)

نہ سي وَؤڻ وَٽَنِ ۾، نہ سي ڪاتارِيُون،
پَسِيو بازارِيُون، هِنئڙو مون لوُڻ ٿِئي.

نہ وٽن ۾ اُهي وونئڻ آهن. نہ اُهي ڪتڻ واريون ئي مَوجود آهن. اُنهن ريءَ بازاريون سڪڻيون ڏسي، منهنجو هنئون ڏک کان ڳريو وڃي.

# سُر پُورَبُ

هندول راڳ جي آڳن پٽن مان هڪ جو نالو ’پوربي‘ آهي. هن سر ۾ شاه ’پورب‘، پرينءَ جي ديس ۽ آديسين جي آتمڪ منزل (روحاني ولايت) کي ٿو سڏي، جوڳين کي ’پُوربيا‘ سڏيو آتس، ڇو جو سندن پنڌ، پُورب ڏانهن آهي. اِنهيءَ لحاظ کان ئي هن سر تي اِهو نالو رکيو ويو آهي. سر جو مضمون هي آهي:

اي ڪانگ! قريبن کي ڪرنشون ڪري، پيرين پئج ۽ جي سنيها ڏيانءِ، سي کين ساري ڏج. الله.لڳ ساڻن ڳجهو ڳالهائج. وچ ۾ ويلو نہ ڪج ۽ ساري ڳجهي ڳالهہ وڃي قريبن کي ڪهج. جي پرين ڏيسارو پيا ڏسجن، تن کي اُڏامي مون وٽ آڻ. اَوهان جي ڪُل جي جا فضيلت آهي، سا نہ وسارج، جي پرين پرديس ويا آهن، سي اُڏامي هت آڻج. تون پرديس ۾ ويل پرينءَ جي گهر مٿان گهمي پارنيا ڏج، تہ پوءِ اي پکي! تنهنجا سپ پر سون سان مڙهايان.

(1)

وَهِلو وَرُ، وَرِيا پِرِينِ، آءُ ڪانگا! لَڱُن لاتِ،
وِيا جي ڦلات، سي اُڏامِي آڻِ پِرِينِ.

اي ڪانگل! ترت موٽ ۽ اچي اِها لات ڪر تہ ”محبوب ڇاڻ واپس آيا“ جي ڦلاتَ (ڏورانهين ديس) ۾ ويا آهن، تن کي اُڏامي واپس آڻ.

(2)

پِرِين جي پَرَديسَ ۾، تن جِي ڪانگا! ڪَجِ خَبَرَ،
تہ سَڀِ مَڙهايان سونَ سين، پَکِي! تُنهنجا پَرَ،
گُهمِي مَٿان گهرَ، ڏِج پارانيا پِرينءَ کي.

اي ڪانگل! محبوب، جي پرانهين ديس ۾ آهن، تن جي خبر سڻائج تہ اي پکي! تنهنجن پرن تي سموري سون جي جڙت ڪرايان. پرينءَ جي گهر مٿان ڦيرا ڏيئي، کين سنيها ڏج.

(3)

ڪانگلَ ڦريبَنِ جا! اَچِي وائِيءَ وَڻُ،
تو ۾ بُوءِ بَهارَ جي، مُشڪَ ڪَٿُورِيءَ مَڻُ،
اَچِي عَجيبَنِ جو، اورانگهِج اگڻُ،
توکي پَسِي تَڻُ، سوُرَنِئان صافُ ٿِئي.

اي پرينءَ جا ڪانگل! تون ڪا آچي وڻندڙ وائي ڪر. تو ۾ بهار جي سرهاڻ آهي ۽ مشڪ يا ڪٿوريءَ جي مڻ جيتري خوشبوءِ آهي. تون محبوبن جي اڱڻ مٿان اُڏامي پار ويجهِ. توکي ڏسي، منهنجو سرير سورن کان صاف (آجو) ٿو ٿئي.

(4)

ڪَڍي، ڪانگا! تو ڏِيان هِنئون ساڻُ هَٿَنِ،
وَڃِي ڪاڻُ وِلاتِ ۾، اَڳِيان عَجِيبَنِ،
پِرِين مانَ چَوَنِ، هِئَن قُربانُ ڪيرَ ٿِئِي.

اي ڪانگا! مان توکي پنهنجي دل، پنهنجن هٿن سان ڪوري ڪڍي ڏيان. تون جانبن اڳيان ولايت (پرديس) ۾ وڃي اُن کي ڪاڻ تہ من محبوب چون تہ، "هھڙي نموني ڪير ڪسجي، قربان ٿي آهي؟"

(5)

آنڊِيُون ڪانگَ قَريبَ جون، اَڄُ واڏايُون واهَ،
مَنَ مُرادوُن پُنِيوُن، ٿِيوُن سَرَهائِيوُن ساهَ،
آندا پِرِين اَللهَ، سَڏُ مُنهنجا سابِ پِيا.

اَڄ ڪانگل، پرينءَ وٽان واهہ جون واڌايون آنديون آهن. منهنجي اَندر جون آسون پنيون ۽ منهنجي جان ۾ خوشيون لڳي ويئون. ڏٽيءَ محبوبن کي واپس آندو ۽ منهنجا سڏ سجايا ٿيا.

(6)

ڪانگلَ! نيئِي ڪانگ، مُنهنجي ڏي مَحبوُبَ کي،
"لالَنَ! لايَئِي ڏينهَڙا، ڪَنهِن سَنَاٽي سانگِ،
آوان رءَ اَڙانگِ، وينِي وِرِهَ وسَائِيان".

اي ڪانگل! منهنجو هي پيغام وڃي پرينءَ کي رساءِ: "اي جانب! تو ڪنهن ضروري سانگي وڃي هيترا ڏينهن لاتا آهن! اَوهان کان سواءِ مان ڏکي، وڇوڙي جي پچ ۾ ويني گهاريان".

# سُر ڪارايَلُ

’ڪارايل‘ لفظ جي معنيٰ آهي مور يا هنج (هنس). هن سر ۾ هنج جي گڻن جي ساراهه آهي، تنهن ڪري ئي ان تي اِهو نالو رکيو ويو آهي. حقيقت ۾ سچن عاشقن کي هنس سان، عام ماڻهن کي ڪنگن ۽ ٻگهن سان ۽ دنيا کي ڍنڍ يا ڍوري سان تشبيهه ڏني وئي آهي.

(1)

وَڃين نہ پيهِي، پٿُنِ لَءِ پاتارَ ۾ ؟
ڪَنڌِيءَ ۾ ڪيهِي، هاجَ تُنهِنجِي هَنجَڙا؟

موتين ڪاڻ تون سمنڊ جي تري ۾ نہ تو پيهي وڃين؟ اي هنج! ڪنڌيءَ سان تنهنجو ڪهڙو ڪم يا تعلق آهي؟

(2)

اَڇو پاڻِي لُڙُ تِيو، ڪالُورِيو ڪَنگَنِ،
اِيندي لَڄَ مَرَنِ، تَنهِن سَرَ مَٿي هَنجَڙا!

صاف پاڻي ميرو ٿيو چو تہ اُن کي ڪنگن اَچي خراب ڪيو (جئن ڪُوڙن اَچي روحاني مجلسن تي پنهنجو سڪو ڄمايو آهي.) اُنهيءَ چشمي تي ويچارا هنج ايندي ئي پنهنجي شرم ۾ پيا مرن.

(3)

هَنجَنِ سين هيڪارَ، جي ڳَڻَ ڪَري نِهارِئين،
ٻَگهنِ ساڻ ٻِيهارَ، ٻِيلهہَ نہ ٻَڌين ڪَڌِهِين.

جي تون (اي اِنسان!) هڪواريءَ تڪي توري، هنجن (سچن فقيرن) سان نهاري هلين (سندن صحبت ۾ رهين) تہ وري ڪڏهن بہ ٻگهن (دولابين) جي سنگت اِختيار نہ ڪرين.

(4)

آءُ اُڏامِي، هَنجَڙا! سَرَ ۾ سارِينَئِي،
مَتان مارِيهنئِي، پاڙِهيرِي پَهہُ ڪَري.

اي هنج! (سچا اِنسان!) تون اُڏامي هليو اَچ، چو تہ توکي (روحاني ولايت) ۾ ياد پيا ڪن. (روحاني سردار توکي سارين پيا.) متان شڪاري ڪو منصوبو رچي، يا حرفت هلائي، توکي ماري (هتي شڪار معنيٰ دنيوي حرص.)

(5)

ڪَوَنُرَ پاڙُون پاتارَ ۾، پَونرُ پِري آڪاسِ،
ٻِنين سَندِي ڳالهڙِي، رازِقَ آندي راسِ،
تَنهِن عِشقَ کي شاباسِ، جَنهِن مُحَبَتِي ميڙِيا.

ڪنول گل جون پاڙون پاتال (ڌرتيءَ) ۾ آهن. ۽ پؤنر (اُن جو عاشق) آسمانِ ۾ پرواز ڪندڙ آهي. ٻنهي جي سڪ. مالڪ پوري ڪئي. اُنهيءَ عشق کي آفرين هجي، جنهن نينهن وارن کي هڪ ٻئي سان ملايو. (جئن ڪنول ۽ پؤنر هڪ ٿيو وڃن.)

(6)

وِيا مورَ مَرِي، هَنجُ نہ رَهيو هيڪڙو،
وَطَنُ ٿِيو وَرِي، ڪُوڙَنِ ڪانيَرَنِ جو.

مڙيئي مور (سچا اِنسانِ) مري ويا ۽ هڪڙو بہ هنج (ڪامل درويش) هينئر نہ رهيو آهي. هي ساٽيهہ (جهانِ) وري ڪوڙن ڪانيرن (دولابي ۽ ڪميڻن اِنسانن) جو ٿي پيو آهي.

(7)

سَنها پانءِ مَ سَپَ، وِياءَ واسِينگَنِ جا،
جنين جي جَهڙَپَ، هاٿِي هَنڌان ئِي نہ چُرِي.

واسينگن جيِ ٻچن کي سنها نانگ نہ ڪري سمجهہ. جن جي ڏنگ لڳي، هاٿي بہ جيڪر پنهنجي جاءِ تان چُري نہ سگهي.

(8)

ڪُپَرَ! گاروڙِيُنِ سين، وَڏو وِڌُءِ ويرُ،
نانگَ! نہ ويندين نِڪِري، تو ڏَرَ مَٿي پيرُ،
هِيَ تنين جو ڏيرُ، جن جُهونا ڳَڙُه جَلائِيو.

اي ڪُپَرَ! تون منڊ منڊيندڙ جوڳين سان دشمني رکيِ آهي. اي نانگ! تون وٿائن پاڻ بچائي واپس نہ ويندين. تو وڏي خطري مٿان پنهنجو پير رکيو آهي. هو اُنهن جو ديرو آهي (اُنهن جوڳين جو آستان آهي) جن ساري جهونا ڳڙهہ جي جهنگ کي يوگ ٻل سان جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو.

## شاهہ جا صحبتي

شاهہ صاحب وڏيءَ ڏيا ۽ حشمت جو صاحب هو. سندس حضوريءَ ۾ ڪنهن کي بہ ڪا گستاخي ڪرڻ جي مجال نہ هئي. هميشہ ڳورو ۽ ڳنڀير گذاريندو هو. آلبت 'وڳند' يا 'ورو فقير' سان وقتي چرچا گهڀا ڪندو هو. "سر بلاول" ۾ اِنهيءَ "جسم ۾ جڏي" فقير سان چڱو مذاق ڪيو آتس. شاهہ صاحب جي هن جڏڙي سان اهڙي ڪا خاطر هئي، جو هن جي صدقي ظريفانو شعر بہ چيو آتس. وڳند کي گهڻن ئي مذاقي لفظن سان ياد فرمايو آتس: "بدو"، "نسورو ئي نرڳ"، "بي نماز"، "ڪلاٺ"، "نرڳي". هن جي گدلائيءَ ۽ پيتوڙپائپ تي چڱائي چرچا گهڀا ڪيا آتس. اِهو فقير ڪوتڙيءَ جو ئي هو.

ٻيا فقير جي شاهہ صاحب جي مريدن ۾ داخل هئا، سي هئا: تمر فقير، سندس خاص خليفو جنهنجو اولاد اَج ڏينهن تائين سندس درگاهہ ۾ مجاور آهي؛ محمود شاهہ، جو اَميري ترڪ ڪري فقير ٿيو هو ۽ جنهن لاءِ شاهہ صاحب کي ايڏي عزت هئي، جو پنهنجي تربت هن جي پيرانديءَ کان ڪرڻ جي وصيت ڪئي هئائين؛ شاهہ عنايت، هڪ وڏي زميندار جو پٽ، ميون هاشم علوي ريحان پوٽو، جو راڳيندڙ بہ هو ۽ لکپڙهہ جو ڪم بہ ڪندو هو. ۽ بلال جنهن سان ايڏي محبت هيس، جو ڪڏهين ڪڏهين هن جي ملاقات لاءِ هن جي ڳوٺ ڪهي ويندو هو.

شاهہ کي ڪامل درويشن سان رهاڻين ۽ ملاقاتن ڪرڻ جو شوق هو ۽ اڪثر پاڻ وٽن ڪهي ويندو هو. شاهہ جي زماني ۾ سنڌ ۾ گهڻيئي ڪامل فقير هئا. شاهہ صاحب پنهنجي حياتيءَ جي عرصي ۾ گهڻن ئي الله لوڪن سان ملاقاتون ۽ رهاڻيون ڪيون. ڦوهہ جوانيءَ جي زماني ۾ شاهہ عنايت جهوڪ واري سان ملاقات ڪيائين. چون ٿا تہ شاهہ عنايت کيس ڏسندي ئي هينيون بيت چيو. اُن ۾ سالڪ کي طريقت

# سُر پرياتي

لس بيلي جو حاڪم سپڙ سخي، سخاوت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن هڪ ڏڏ مڱڻهار کي هڪ سؤ تازي گهوڙا اِنعام ۾ ڏنا. ڏٺي بہ اهڙوئي سخي آهي، جو اَڻوجهن کي ڏايو ڇڏي.

'پرياتي' هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جا پرڀات يعني اَسر جو ڳائبي آهي. هن سر ۾ شاهہ اِنسان کي بندگيءَ جو تاڪيد ٿو ڪري ۽ ڏٺيءَ جي اَپار سخاوت کي ٿو ساراهي. هتي سپڙ سخيءَ مان مراد ڏٺي آهي، جو رب العالمين آهي ۽ سڀ کي روزي ٿو رسائي. سپڙ سخيءَ هڪ جڏي جاچڪ کي تازي گهوڙا اِنعام طور عطا ڪري ڇڏيا. ساڳيءَ طرح اِنسان ڪيترن بہ عيبن سان ڀريل هجي، پر جي سائينءَ اڳيان ٻاڏائي، تہ هو ڪيس مالا مال ڪري ڇڏي.

(1)

سُتو ڪِئَن نندوُن ڪَرِين، رو وِهاڻِيءَ روءِ،
سُيان سازُ سَندوءِ، پيو هوُندو پَٽ ۾.

تون سمهي ڪئَن ٿو ننڊون ڪرين؛ آسر جو اُٿي رويو روءُ. سيان تنهنجي مٿي پڇاڻا، تنهنجو ساز پٽ تي بيڪار پيو هوندو (اُن کي وڄائڻ وارو ئي نہ هوندو). (هتي اِشارو اِنسان جي ڪايا ڏانهن آهي، جا اَڄ نہ سڀان ڌهي پٽ پوڻي آهي.)

(2)

جِنين سُکُ ناهي ڪو، چارَڻَ سي چَئِجَنِ،
رُجُنِ راَهَ پُڇَنِ، مَٿي ڪُلَهن ڪِينَرا.

چارڻ اُنهن کي چئجي، جن کي ڪا ويساند يا آرام ناهي. چارڻ اهي چئجن، جي ڪلهن تي سارنگيون ڪري، رڃن جي واٽ ڳولين.

(3)

توُن سَپَڙُ، آئوُن سيڪَڙوُ، توُن صاحِبُ، آئوُن سَڳُ،
پُڇِي تُنهِنجو پَڳُ، ڪُلهي پاٿُم ڪِينَرو.

تون سپڙ سردار آهين، مان مڱڻهار آهيان، تون صاحب آهين مان تنهنجو ڪتو آهيان. تنهنجي پر پڇي (ڏس پڇي)، ڪلهي تي سرندو رکيو اٿم.

(4)

توُن سَپَڙُ، آئوُن سيڪَڙوُ، تُون ڏاتارُ، آئوُن ڏوهُ،
توُن پارِسُ، آئوُن لوهُ، جي سَڄِين، تہ سونُ ٿِيان.

تون سپڙ سردار آهين مان مڱڻهار، تون سخي آهين، مان سراپا گناهہ ئي گناهہ آهيان. تون پارس آهين، مان لوهہ؛ جي نظر سان نوازين تہ سون ٿي پوان.

# سُر ڏهر

ٽڙ ۾ ٻن ٽڻن جي وچ ۾ ماٺڙ يا ڏاڍي مٺيءَ واري سڏي ميدان کي ڏهر چوندا آهن. هن سر تي اِهو نالو اِنهيءَ ڪري آيل آهي، جو اُن ۾ سمايل خيال، شاهه صاحب کي هن ڏهر مان لنگهندي آيا آهن. اڳي اُتان درياهه وهندو هو ۽ شاهوڪاري مال ايندو ويندو هو. جسودا جُنگ واپاري هئا. اَفسوس جو هينئر اُتي سڃ لڳي پيئي آهي. نه درياهه آهي نه مڪڙي، نه جسودا نه سونگي. اُتي هينئر رڳو ڪنڊن جا وڻ ۽ اَڪ ڦلاريا پيا ڏسجن. شاهه هڪ ڪنڊي کي ڏسندي ئي ساڻس رهاڻ ته ڪري، چي:

هن سر ۾ جتي ڊوري، ڪنڊي ۽ جسودن جو ذڪر ته آچي، تتي دنيا جي بي بقائيءَ ۽ الله جي مردن جي اٽاٽ ڏانهن اِشارا آهن. ڏهر هيءَ دنيا آهي، جتي ڪڏهين اوج آهي ته ڪڏهين زوال. جنهن هنڌ اَڄ شاهوڪاري آهي، تنهن هنڌ سيان سڃ وسندي جو اَڄ ڳاڙهو گهوٽ آهي، سو سيان مقام ۾ لٿبو. جٽن جسودن جو زور هينئر ناهي، تئن روحاني وٽجارن جو بہ قحط (ڏڪر) آهي. رڳو صاحب ئي ساراهه جو لايق آهي.

(1)

ڪَرِڪي ڳالَهڙِيُون، ڪَندا! ڍورَ ڏٽِيُنِ جوُن،
ڪِئَن سي راتَڙِيُون، ڪَنِهن پَرِ ڏينهَن گُذارِئين؟

اي ڪنڊا وڻ! تون مهراڻ جي مالڪن (شاهوڪار وڻجارن) جون مونکي ڳالهيون سڻاءِ. اُتي اوج واريون راتيون ۽ ڏينهن ڪهڙيءَ ريت گذاريندو هئين؟.

(2)

مَتو آهين، مَڇَ! ٿُلهو تو توُنا هَٽين،
جا تو ڏِنِي اَڃَ، تَنهِن پاٽِيءَ پُنا ڏِينهَڙا.

اي مڇ! مڇي ٿلهو ٿيو آهين ۽ وتين تو مستيءَ ۾ ٿُونا هٽندو. جنهن تار پاٽيءَ جي اَڃ کي ڏسي تون پلئين، تنهن هن جا ڏينهن پورا ٿي ويا.

(3)

ڪُنڍِي ڪَلِيُنِ وِچَ ۾، جَڏهِن هَنيائوُن،
موتِ نه ماريائوُن، ڏورِ ڏيئِي وِيا ڏُکَ جِي.

جڏهن منهنجي پرينءَ مونکي ڪلين ۾ قرب جي ڪنڍي هنئي، تڏهن مونکي اُڪت نه ماريائون، پر هميشه لاءِ مونکي جهوريءَ جو ڏاڍو وجهي ويا.

(4)

نيڻَ جي نِهارِينِ، سي اَڄُ نه اوٺِي آئِيا،
هَنجوُن نه هارِينِ، پاٽِي پُنهُونءَ جامَ ري.

جن اوٺين لاءِ منهنجا نيڻ واجهائي پيا نهارين، سي اَڄ نه آيا. پنهون ڄام جي جدائيءَ ۾ اُهي پاٽيءَ جا ڳوڙها نه ٿا وهائين.

(5)

اَللهَ جِئَن نالوءِ، تِئَن مون وَڏو آسِرو،
خالِقَ! تُنهنجِيءَ كانذِ جو، پَرو پانڌُ نہ كوءِ،
نالو، رَبَّ! سَندوءِ، رَهِيو آهِہِ رُوحَ ۾.

جئن تہ تنهنجو نالو ئي اَلله آهي، تئن مونکي تو ۾ وڏو آسرو آهي. اي اُپائڻهار! تنهنجي ٻاجهہ جو ڪو حساب ۽ حد ئي ناهي. اي رب! تنهنجو ئي نانءُ منهنجي روح ۾ وچي رهيو آهي.

(6)

صاحِبَ! تُنهنجِي صاحِبِي، عَجَبُ ڏِنِي سُون،
پَنَ ٻوڙِين پاتالَ ۾، پَهَڻَ تارِين. تُون،
جيڪَرَ اَچِين مُون، تہ ميرِيائِي مانُ لَهان.

اي رب! تنهنجي ليلا (قدرت) عجيب ڏٺيسون. ڪڏهن پنن کي پاتار ۾ ٻوڙيو ڇڏين، تہ ڪڏهن پٿرن کي تاريو ڇڏين. جي منهنجي در پيهي اَچين تہ مان جيڪر هن ميري حال بہ مانائتي ٿيان.

(7)

جيڏو تُنهنجو نانءُ، ٻاجَهہ بہ اوڏِيائِي مَڱانءِ،
رِءَ ٿُنيين، رِءَ ٿُوڙِيين، تون ڇَپَرُ، تون ڇانءِ،
ڪُڄاڙو ڪَهانءِ؟ توکي مَعلُومُ سَيَڪا.

جيڏو تنهنجو نالو آهي، تيڏيائي مهر توکان ٿو پنان. تون بنا کنهن ٿنيي ۽ توڙيءَ (پاڙ وهيڙو) سيني جو پردو ۽ پناهہ آهين. ڇا چوانءِ؟ توکي سمورو حال چاتل آهي.

(8)

سَتُرُ ڪَرِ سَتارَ! آئُون اُگهاڙِي آهِيان،
ڍَڪِئين ڍَڪڻهارَ! ڏيئِي پانڌُ پَناهَ جو.

اي پردو رکندڙ! مان بي پوش آهيان، تون ئي منهنجو پردو ڍڪ. اي ڍڪ ڍڪيندڙ! تون منهنجي مٿان پناهہ جو پردو وجهي مونکي ڍڪيندين.

(9)

ڪَرِ ڪو پيرو ڪانڌَ! مون نِماڻيءَ جي نِجُهري،
پِرين! تُنهنجي پاندَ، ڍولا! ڍَڪِي آهِيان.

اي پيتار! تون ڪو هن نماڻيءَ جي پڪي ۾ هڪواريءَ پيهي اَچ.
سپرين! تنهنجي پلاند ئي مون کي پردو ڍڪيو آهي.

(10)

سُتا! اُٿِي جاڳُ، ننڊَ نہ ڪَجي ايتِري،
سُلطانِي سُهاڳُ، ننڊُنِ ڪَندي نہ ٿِئي.

اي سُتل! اُٿي جاڳ. ايتري ننڊ ڪرڻ واجب ناهي. راجائي ور جو سک (ڌڻيءَ جو وصل) ننڊن ڪرڻ سان حاصل نہ ٿو ٿئي.

(11)

ڪِي سُمهُ، ڪِي جاڳُ، ننڊَ نہ ڪَجي ايتِري،
اِيُ مانجهاندي جو ماڳُ، جو تو ساڻيہُ ڀانئيو.

ڪي ننڊ ڪر، ڪي سجاڳ رهہ. ايتري ننڊ ڪرڻ واجب ناهي. هي جهان، جنهن کي تو پنهنجو دائمي وطن سمجهيو آهي، سو تنهنجو ٿوري وير لاءِ آستان آهي.

(12)

هي تان ٿورَڙِيُون، جي ٿُون، ڀورا! پَسِي پُلِئين،
راتِيُون بِيُون گهَڻِيُون، جي تو اِينديُون هيڪِلي.

اي ڀورڙا! هي جي جهان جون راتيون (جيئڻ جون) ڏسي ڀنيليو آهين، سي ٿوريون آهن. اُهي راتيون جي توکي اَڪيلي سر (قبر ۾) ڪاٽڻيون آهن، سي گهڻيون آهن.

(13)

سُمَهَڻان ساڙو، جيڏِيون! جيڏوئِي ٿِيو،
پرِيُن سين پاڙو، مُنهنجو ننڊَ نِبيرِيو.

اي سرتيون! سمهڻ مان مون کي نهايت گهڻو پڇ پڙپيو آهي. ننڊ ئي مون کي پرينءَ جي پاڙي (ڏٺيءَ جي وصل) کان پري ڪيو آهي.

(14)

پيئي جا پِرِياتِ، سا ماکَ مَ پَسو ماڙُها!
روئِي چُڙِي راتِ، ڏِسِي ڏُکوئَنِ کي.

اي لوڪو! هيءَ ماڪ، جا رات پيئي آهي، تنهن کي ماڪ نه ڄاڻو. ڏکويلن کي ڏسي، رات خود اکين مان آب جي اُڇل اوتي آهي.

(15)

ڍولُ مَ کٽي بانهَنڙِي، پِرهَ مَ کٽي پاندُ،
آئُون پَنهِنجو کانڌُ، لوڪان لِڪِي رانئِيان.

شل پرين مون مٿان پنهنجي ٻانهن (هٿ) نه کٽي ۽ پرڀات مون مٿان پنهنجو پلاند پري نه ڪري، جئن مان پنهنجي پيتار کي لوڪ کان لڪائي ريجهائيان.

(16)

ڦِريا پَسِي ڦِيڻُ، گرِيَنِ ڪِيرُ نه چَکِيو،
دُنِيا ڪارَڻِ دِينُ، وِڃائي وِلَها ٿِيا.

بگڙيل ماڻهو کير مٿان ڦيڻ ڏسي، اُن تي موهجي ويا ۽ کير جو ساءُ نه ورتائون. هُو دنيا جي مزن ڪاڻ، پنهنجو روحاني خزانو وڃائي، سڃا ٿيا.

(17)

وَڳُرُ وِساري، وينِينءَ ڪِئَن ماٺَ ڪَري؟
ڪِ تو نه ماري، رُڏُ جُهڻُ سَندِي سَڄَڻين؟

اي ڪونجڙي! پنهنجي وڳر کي وساري، تُون ڪئن سُن ۾ ويهي رهينءَ؟ توکي سپيرين جي مني رهاڻ جي ياد نه تي ماري؟

(18)

وَڳَرَ وِيا وَهِي، ڪالهہَ تُنهنجا، ڪُونجڙِي!
ڳَندينءَ ڪوهُ رَهِي، سَرَ ۾ سُپيرِيُنِ ري؟

اي ڪونجڙي! ڪالهہ تنهنجا وڳر پرواز ڪري هليا ويا. هاڻي سڄڻ کان سواءِ سر ۾ گهاري ڇا ڪندينءَ؟

(19)

وَڳَرَ ڪَيو وَتَنِ، پِرتِ نہ ڇِنَنِ پاڻَ ۾،
پَسو پَکِيَڙَنِ، ماڙُهنئان ميٺُ گهَڻو.

پکي پاڻ ۾ وڳر ڪري گڏ ٿا گهمن. ڏسو تہ پکين منجهہ ماڻهن کان بہ وڌيڪ ميناج آهي.

(20)

مَ لَنئُن ڪُونجِي! ماٺِ ڪَرِ، چورِ مَ هِنئين چاڪَ،
ڦِٽيوُن جي فِراقَ، سي گهَرِ گهارينديُون ڪيترو؟

اي ڪونج! ماٺ ڪر ۽ لاتيون نہ لنوءِ منهنجي اندر جي ڦٽ کي نہ اُٿلاءِ. جي وڇوڙي جون وڍيل آهن، سي گهر ۾ ڪيترو گذارينديون؟

(21)

ڪُونجَڙِيءَ ڪالهہَ لَنئِي، سَڄَڻَ وِڌَمِ چِتِ،
آئوُن جنين رِءَ هِتِ، گهنگرُ گهارِيان ڏينهَڙا.

ڪونج ڪالهہ لاتيون لنئي منهنجي دل ۾ سپرينءَ جي سار ڇيڙي، جنهن بنا مان هت پنهنجا ڏينهن ڏک ۾ ويٺي گذاريان.

(22)

اُتَرَ ڏي آلاپُ، ڪالهُون ڪَرَ ڪُونجَ ڪَري،
پِرين پَسِي مَنجِهہ خوابَ، وهاڻِيءَ وايُون ڪَري.

ڪالهہ ڪان وني ڪونج اُتر پار ڪان ورلاپ پيئي ڪري.
پنهنجا سجڻ سپني ۾ ڏسي اَسر جو آلاپ پيئي ڪري.

(23)

مارِي، مَرِين شالَ! ڍَبِ وَجنئِي ڍِبِيوُن،
جِئَن تو اَچي ڪالَ، وِڌو وِڇُ وِرهَنِ ڪي.

اي ماري! تون شال مري فنا ٿي وڃين! تنهنجا شڪار وارا سمورا ساز شل نابود ٿين! ڇو تہ تو ڪالهہ قرب وارن جي وچ ۾ اَچي وڇوڙو وڌو. (پکين جو پاڻ ۾ پريم هو. تو اَچي اُن ۾ خلل وڌو. موت، محبتين جي وچ ۾ جدائي آڻيو ڇڏي)

(24)

جاڳو، جاڙيجا! سَما! سُکِ مَ سُمهو،
پَسو آن پاريا، لاکو ٿو لوڙيوُن ڪَري.

اي جاڙيجن جي ذات جا سما! (سما اصل راجپوت هئا) سجاڳ رهو ۽ بي فڪرا ٿي ننڊون نہ ڪريو. ڏسو تہ اَهان جي طرف لاکو ڌاڙيل لٽون لايو ويٺو آهي. (هتي لاکي مان مراد نفس آهي.)

Shah Abdul Latif Bhittai (1689 – 1752) is the greatest Sufi poet and saint who preached for peace, harmony, love, humanity and well being of all humans beyond their identity. Bhittai is icon of values imbedded in the society and culture of Sindh, who equally inspires people from all ages regardless of their caste, creed and religion.

Learning about the teachings of Shah Abdul Latif Bhittai is integral part of learning outcomes of students at their early age. Keeping in view the phenomenal importance of Bhittai, *Sarangga* is pleased to offer this selection under its project "Books for a Bright Future". We hope this will contribute to the learning of youth about the message of Shah Abdul Latif Bhittai.

Sarangaa Literary and Cultural Society is a group of poets, writers, artists, cultural activists, educationists, media personnel and academics from Sindh. Since its establishment in 2008, Sarangaa has earned a unique identity and for its quality contribution in the field of literature, culture, art, education and using these creative means for promoting peace, tolerance, harmony and respect for human rights democratic values in the society. This organization owns the cultural values of Sindh imbedded in concepts of Sufism such as humanism, love, tolerance, harmony, diversity and equality.

The publication of this selection has been made possible with the assistance of American people through a USAID grant under Ambassador Fund.

USAID FROM THE AMERICAN PEOPLE

ISBN: 978-696-8699-24-6

A CREATIVE CHANGE سارنگا SARANGAA

## شاهه جا صحبتي

شاهه صاحب وڏيءَ ڏيا ۽ حشمت جو صاحب هو. سندس حضوريءَ ۾ ڪنهن کي بہ ڪا گستاخي ڪرڻ جي مجال نہ هئي. هميشہ ڳورو ۽ ڳنڀير گذاريندو هو. آلبت 'وڳند' يا 'ورو فقير' سان وقتي چرچا گهڻا ڪندو هو. "سر بلاول" ۾ اِنهيءَ "جسم ۾ جڏي" فقير سان چڱو مذاق ڪيو آٿس. شاهه صاحب جي هن جڏڙي سان اهڙي ڪا خاطر هئي، جو هن جي صدقي ظريفانو شعر بہ چيو آٿس. وڳند کي گهڻن ئي مذاقي لفظن سان ياد فرمايو آٿس: "بدو"، "نسورو ئي نرڳ"، "بي نماز"، "ڪلاٺ"، "نرڳي". هن جي گدلائيءَ ۽ پيٽوڙپائپ تي چڱائي چرچا گهڻا ڪيا آٿس. اِهو فقير ڪوتڙيءَ جو ئي هو.

ٻيا فقير جي شاهه صاحب جي مريدن ۾ داخل هئا، سي هئا: تمر فقير، سندس خاص خليفو جنهنجو اولاد اَڄ ڏينهن تائين سندس درگاهه ۾ مجاور آهي؛ محمود شاهه، جو اَميري ترڪ ڪري فقير ٿيو هو ۽ جنهن لاءِ شاهه صاحب کي ايڏي عزت هئي، جو پنهنجي تربت هن جي پيرانديءَ کان ڪرڻ جي وصيت ڪئي هئائين؛ شاهه عنايت، هڪ وڏي زميندار جو پٽ، ميون هاشمُ علوي ريحان پوٽو جو راڳيندڙ بہ هو ۽ لکپڙهہ جو ڪم بہ ڪندو هو؛ ۽ بلال جنهن سان ايڏي محبت هيس، جو ڪڏهين ڪڏهين هن جي ملاقات لاءِ هن جي ڳوٺ کهي ويندو هو.

شاهه کي ڪامل درويشن سان رهاڻين ۽ ملاقاتن ڪرڻ جو شوق هو ۽ اڪثر پاڻ وٽن ڪهي ويندو هو. شاهه جي زماني ۾ سنڌ ۾ گهڻيئي ڪامل فقير هئا. شاهه صاحب پنهنجي حياتيءَ جي عرصي ۾ گهڻن ئي الله لوڪن سان ملاقاتون ۽ رهاڻيون ڪيون. ڦوهہ جوانيءَ جي زماني ۾ شاهِہ عنايت جهوڪ واري سان ملاقات ڪيائين. چون ٿا تہ شاهہ عنايت کيس ڏسندي ئي هينيون بيت چيو اُن ۾ سالڪ کي طريقت

جي واٽ وارين مشڪلاتن جو شيردليءَ سان مقابلو ڪرڻ بابت هدايت فرمايل آهي:

ڏسي ڏونگر ڏار، متان هلڻ ۾ هيٺي ٿئين،
ڪي مجازاڻيون موٽيون، سٽي پنڌ پچار،
پويون پائج پرينءَ ڪي، حقيقت جو هار،
سِگهي لهندءِ سار، آريچا عنايت چئي.

شاهه صاحب جواب ۾ هيٺيون بيت فرمايو:

پسي ڏونگر ڏاهه! جمَ هلڻ ۾ هيٺي وهين،
لانچي لڪ، لطيف چئي، پنيءَ ڪيچين ڪاهه،
پڇي پورج، سسئي! بلوچاڻي باهه،
اِن وڙائتي ور جي، آسر هڏ م لاهه،
جو اکنئون اوڏو آهِ، سو پرين پرانهون م چئو.

شاهه عنايت جي شهادت وقت، شاه 31 سالن جو هو. خواجہ محمد زمان لواريءَ جي ملاقات لاءِ بہ پاڻ ڪهي ويو هو جيتوڻيڪ عمر جي لحاظ کان، خواجہ صاحب، شاه صاحب کان گهڻو ننڍو هو. شاهہ صاحب خواجہ صاحب جي ڪماليت کان آهڙو تہ متاثر ٿيو هو جو جڏهين بہ وٽس هن صاحب جو ذڪر نڪرندو هو، تڏهين ازخود زبان مان هي بيت چئڪي نڪرندو هوس:

مون سني ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ ڪي،
ڪري نہ سگهان ڪاءِ، اُنين سندي ڳالڙي.

شاهہ صاحب، مخدوم محمد معين، ٺٽي جي مشهور عارف وٽ، گهڻو ايندو ويندو هو.

مخدوم صاحب، جو "اويسيہ" نالي رسالو لکيو، سو بہ شاهہ صاحب جي اِستدعا تي، ڇو جو شاهہ صاحب جو اويسي طريقي سان خاص پيوند هو. بلڪ اِئين چئجي، تہ شاهہ صاحب پاڻ هڪ اويسي عارف هو. شاهہ صاحب جي مرشد

## شاهہ جو مذهب

شاهہ صاحب نَڪِي هو شيعو نَڪِي هو سني. هڪ لڱا، سوال پڇيو ويس تہ، "سائين اوهين سني آهيو يا شيعا؟" جواب ۾ فرمايائين تہ، "مان ٻنهي جي وچ ۾ آهيان." چيائونس تہ "قبلا! ٻنهي جي وچ ۾ تہ ڪي ڪين آهي." فرمايائين: "آهيان بہ اِهو ڪِي ڪِينَ."

پڇيو ئي جان دوست، تان پاسي ڪر پرهيز کي،
جنين ڏٺو هوت، تن دين سيئي دوُر ڪيا.

جيتوڻيڪ باطن ۾ هڪ صوفي عارف هو تہ بہ ظاهري طرح ماڻهن جي صحيح هدايت لاءِ شريعت جا سڀ حق پوريءَ ريت بجا آڻيندو هو. باطن ۾ توڙي ظاهر ۾ هڪ ڪامل هادي ۽ رهبر هو. سندس هدايت آهي:

ڪر طريقت تڪيو، شريعت سجاڻ،
هنئون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ماڻ،
هوءِ ثابوتي ساڻ، تہ پسڻ ڪان پالهو رهين.

## ڪلياڻي آڏواڻي

# اکر پڑھ الف جو

(ٻارن لاءِ شاھ جي رسالي
مان چونڊ ڪلام)

# سُر ڪَلِياڻُ

’ڪلياڻ‘ سنسڪرت لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس سک يا شانتي. هي سر من کي سڪون ٿو بخشي. گائڪيءَ موجب هي سر، ديپڪ راڳ جي اٺن پٽن مان هڪ آهي ۽ سنجها جو ڳائبو آهي. ڪن صاحبن جو رايو آهي تہ هي سر آسر جو بہ ڳائڻ ۾ ايندو آهي، جو تہ سنجها ۽ آسر، ٻئي سڳوريون مهلون آهن ۽ بندگيءَ لاءِ رتيل آهن.

رسالي ۾ هي سر ڏٺيءَ جي ساراهہ سان شروع ٿو ٿئي. شاهہ صاحب، پيغمبر صاحب اڳيان سر ٿو نوائي ۽ کيس ’ڪارڻي‘ ۽ هيڪڙائيءَ جو پيغام رسائيندڙ ٿو مڃي.

(1)

اَول اَللهَ عَلِيمُ، اعلىٰ، عالَمَ جو ڌڻي؛
قادِرُ پنهنجي قُدرت سين، قائم آهِ قَدِيم،
والِي، واحِدُ، وَحدَهٗ، رازِقُ، رَبُّ رَحِيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چَئِي حَمدُ حَڪِيمُ؛
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جهانَ جِي.

پهرين نالو سائينءَ جو جو سڀ ڪجهه ڄاڻيندڙ سڀ کان وڏو ۽ ساري جهان جو مالڪ آهي. هو سگهارو پنهنجي ئي سگهه سان اصل کان موجود آهي ۽ سڀ کان اڳاتو آهي. هو جڳ جو والي آهي. هو هڪ آهي ۽ سڀني جو پالينڌڙ ۽ ٻاجهارو آهي. اُنهيءَ سچي سائينءَ جي ساراهه ڳاءِ ۽ اُنهيءَ ڏاهي صاحب جي واکاڻ ڪر. هو مهر ڀريو پنهنجي ڪاريگريءَ سان ساري جهان جو جنسار تو جوڙي.

(2)

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُ؛
حَــقُ حقيقي هيڪڙو، ٻوليءَ ٻيءَ مَ ڀُلُ؛
هُو هُلاچو هُلُ، باالله سنَدو سڄڻين.

ــڪڙائيءَ مان ئي گهڻائي ٿي؛ هيءَ گهڻائي، سموري هيڪڙائي (ڌڻيءَ جي هيڪڙائي) آهي. ڌڻي هڪ آهي، ٻي ڪنهن ٻـ ڳالهه تي ڀلجي نـ وڃ. سائينءَ جو سنهن تـ هي سمورو هل ۽ شغل هڪ پرينءَ جوئي آهي.

(3)

پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيءَ جو جِي لَهِين،
هُئا اڳِهين گَڏُ، ٻُڌڻ ۾ ٻـ ٿيا.

جي وليءَ جي رمزيا پيچ پروڙين تہ جو اصل ۾ سڌ آهي، سوئي پڙاڏو آهي. اصل ۾ ٻئي هڪ آهن، پر ڳوڻ ۾ ٻہ ٿا اچن.

(4)

ايڪ قَصَرُ، دَرَ لَکَ، ڪوڙين ڪَٽِسِ کُڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پَرَکَ، تيڏانهن صاحب سامُهون.

محل هڪ آهي، پر ان کي لکين ڪروڙين دريون آهن. جيڏانهن تو نظر ڪريان، تيڏانهن صاحب (ڌڻي) کي سامهون ٿو ڏسان.

(5)

ڪوڙين ڪاياءُنَ تُنهنجيون، لکَن لَکَ هزارَ،
جيءُ سيڪنهن جيءَ سين، دَرسن ڌارون ڌارَ،
پِريمِ تُنهنجا پارَ، ڪهڙا چَئِي ڪيئن چوان.

تنهنجا لکين هزارين، بلڪ ڪروڙين روپ آهن. سڀ ڪنهن اندر اُهو هڪ (صاحب) ئي ٿو وسي. هر ڪنهن جيوَ مان سندس نيارو نيارو درشن ٿو ملي. اي منهنجا پرين! تنهنجي اُهڃاڻن (نشانن) جو ڪهڙوءِ ڪيئن وستار (دستان) ڪريان.

(6)

پِريان سَندي پارَ جي، مِڙيئي مِٺائي،
ڪانهي ڪَڙائي، چَکِين جي چيتُ ڪري.

پرينءَ جي طرفان جيڪي پڙيي، سو مڙيوئي مٺائي آهي. اُن ۾ ڪابہ ڪوڙاڻ نہ آهي، جي تون هوش ڌاري اُن جو ساءُ وٺين.

(7)

ڪونِي ڪُهِي سُپِرِين، ڪونِي ڪُهڻَ ساڻُ،
نيزي هينان نينهَن جي، پاسي ڪرمَ پاڻُ،
جُلُ، وِجائي جاڻُ، عاشقَ! اَجَلَ سامُهون.

سپرين ڪونڻ سان ڳهي تو ۽ ڳهڻ سان ڪوٺي تو. (ڪهي، پاڻ سان تو ملائي) تون عشق جي نيزي هيٺان هٽي پاسو نہ ڪر. اي عاشق! تون پنهنجي هستي وڃائي، اڳتي هل.

(8)

ڪُهَنِ تان ڪَرَ لَهَنِ، ڪَرَ لَهَنِ تان ڪُهَنِ،
سيئي، ماءِ ! مُهَنِ، سيئي راحتَ روحَ جِي.

جي ڳهن ٿا تہ جڻ سارَ ٿا لهن، جي سار ٿا لهڻ چاهين تہ جڻ ڳهن ٿا. اي امڙ! اُهي ئي وڍين ٿا ۽ اُهي ئي جان جي فرحت ۽ آرام آهن.

# سُر يمن ڪلياڻ

يمن ڪلياڻ بہ 'ڪلياڻ' جو قسم آهي. 'يمن' جي معنيٰ آهي "من کي روڪڻ". هن سر ۾ شاهہ صاحب من کي وس ۾ آڻڻ لاءِ هدايتون ڏنيون آهن. ڏمر ڏک آهي ۽ صبر ۾ سک. سيني سان من ماري ميڻ ڪرڻ گهرجي. چوندڙن جو چيو وسارجي ۽ اڻ چوندڙن کي ڪجهہ نہ چئجي. اٺ ئي پهر آدب سان اِها پر پاڙڻ گهرجي. جن جي صحبت ۾ من جو آزار وڌي، تن کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي، ۽ جن جي سنگ ۾ دل جو درد دُور ٿئي، تن جي ويجهو پڪا اَڏجن.

هن سُرَ جي پنجين داستان ۾ شاهہ صاحب سمجهايو آهي تہ 'صوفي' ڪنهن کي چوڻ روا آهي ۽ صوفي ٿيڻ لاءِ ڪهڙيون وصفون گهرجن. صوفي اُهو آهي، جو سموريون سڌون ساڙي ۽ وجود جو ورق ڌوئي صاف ڪري. صوفيءَ جو ڪم آهي ذڪر فڪر ۾ گهارڻ ۽ سموري ڪثرت کان ڪنارو ڪرڻ. هن سموري ڪثرت جو 'سر' هڪ الک آهي ۽ ساري ڪائنات سندس ڳولائو آهي. اِهو روميءَ جو رايو آهي. روميءَ کي شاه روحاني رهبر ڪري مڃيو آهي. سندس مثنويءَ جو سار ٿورن بيتن ۾ سمائي ڇڏيو اٿس.

(1)

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا،
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾، آزارَ جا اَنوا،
صاحبَ! ڏي شَفا، ميان! مريضنِ کي.

تون ئي پرين، تون ئي ويج ۽ تون ئي مرض جو علاج آهين. اي جاني! منهنجي جيءَ ۾ انيڪ قسمن جا عذاب ۽ پيڙائون آهن. اي صاحب! تون ئي آگهن کي اگهائيءَ کان ڇوٽڪارو بخش.

(2)

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُوَن کي دَردَنِ،
تون ڏِئين، تون لاهئين، ڏاتَرَ! کي ڏُکندَنِ،
تڏهين ڦَڪِيُون فَرَق ڪن، جڏهين اَمُرَ ڪريو اُنِ کي.

تون ئي پرين، تون ئي ويج ۽ تون ئي مرض جي دوا آهين. اي ڏاتار! تون ئي پيڙائون ڏيندڙ آهين ۽ تون ئي اُهي لاهيندڙ آهين. دوائون ۽ سُتيون بہ اگهائيءَ ۾ تڏهن ڦيرو آڻين، جڏهن اُنهن کي تنهنجو حڪم ٿو ٿئي.

(3)

رهِي اَڇجي راتڙِي، تن وادِوڙِينِ وَٺاءَ،
جن کي سورُ سرير ۾، گهَڻَ مَنجهاران گهاءَ،
لِڪائي لوڪاءَ، پاڙهين پَڏنِ پَٽِيُون.

اُنهن وڍيلن وٽ هڪ رات گهاري اڇجي، جن جي (جسم) ۾ سور ۽ گهڻن ۾ (اندر ۾) گهاءُ آهي. هو ماڻهن کان پاڻ لڪائي، پاڻ ئي پاڻ کي پٽيون پيا ٻڌن.

(4)

آيَلَ! اُنِ نہ وِسَھانَ، هَنجون جي هارِينِ،
آڏيو آبُ اکين ۾، ڏيھہَ کي ڏيکارِينِ،
سَجَڻُ جي سارِينِ، سي نَکي روئِنِ، نہ چونِ کِي.

اي جيجل! مان اُنهن تي ويساهہ نٿو ڪريان، جي پڌري پٽ ڳوڙها ٿا ڳاڙين، ۽ جي اکين ۾ پاڻي آڻي، دنيا کي ٿا ڏيکارين. جي پرينءَ کي ياد ٿا ڪن، سي نِڪي روئن ٿا، نڪي زبان سان ڪجهہ چون ٿا.

(5)

جي پائِين پرينءَ مِڙان، تہ سِڪُ چوران کِي ڏاتِ.
جاڳَڻُ جَشَنُ جن کي، سُڪُ نہ ساري راتِ،
اُجهي ٻُوجهي آئيا، وائي ڪَنِ نہ واتِ،
سَلي سُوريءَ چاڙهيا، ٻَيان ڪَنِ نہ باتِ،
توڻي ڪُسَنِ ڪاتِ، تہ بہ ساڳِي سَلَنِ ڪينَ کي.

جي چاهين تہ پرينءَ سان ملان تہ چورن جي رَوَشِ سِڪُ. هنن لاءِ ساري رات جاڳڻ، جشن آهي ۽ ذرو بہ آرام نہ اَٿن. هو جاڻي ٻجهي ٻاهر نڪريو پون ۽ زبان سان حرف بہ نہ ٿا ڪڇن. هو هڪ ٻئي سان سلهاڙجي، وڃيو سُوريءَ تي چڙهن، پر وات مان ٻڙڪ بہ نہ ٿا ٻولين. هُو ڪاتَ سان ڪسجيو وڃن، تہ بہ سچي ڳالھ نہ ٿا سلين. (عارف بہ اِئين آهن ۽ منجهن ساڳيون وصفون آهن).

(6)

وَڏي ڄِنِ وِڏياسِ، وَري ويجَ ئِي سي ٿِيا،
ٽُرتُ ٻَڌائُون ٻَٽِيُون، روزِ ڪيائُون راسِ،
هينئڙا! تِنينَ پاسِ، گهارِ تہ گهايَلُ نہ ٿِئين.

جن وڏي وڏو هو سي ئي وري طبيب ٻڌيا. ترت ئي ملم پٽي ڪيائون ۽ هڪ ڏينهن ۾ ئي چڱائي چاڪ ڪيائون. اي دل! اُنهن وٽ گهار تہ وري ڪو گهاءُ نہ رسئي. (هتي روحاني طبيبن ڏانهن اِشارو آهي).

(7)

ڪُنِيس ڪُويجَنِ، تَنَ طبيبَ نہ گڏيا،
ڏيئِي ڏنبَ ڏُڏَنِ، پاڻان ڏِيلُ ڏکوئِيو.

نيم طبيبن منهنجي جسم ۾ وڏ وڏا ۽ منهنجي تن کي طبيب نہ مليا. اُنهن اڻ ڄاڻن مون کي مورڳو ڏنبَ ڏيئي، منهنجو جسم جهوريو.

(8)

دارُون ۽ ڪارُون، جان ڪِي ڪيا ويجَ مون،
ٻُڪِي ڏيندا ٻاجَھ جِي، نِهاري نارُون،
جن جون سيڻَ لَهن سارُون، تن تان ڏُکندو ڏُور ٿئي.

ويج مون تي ڪيئي ستيون آزمايون ۽ وس هلايا. هو (پرين) منهنجي نبض جاچي مون کي مهر جي دوا ڏيندا. جن جي پرين سنڀارون ٿا لهن، تن جي پيڙا لهيو وڃي.

(9)

اَگهَن مِڙِي اَڄُ، ڪيو سَڏُ صِحَتَ ڪي،
ڏُور ڏُکندا يَڄُ، مِهريءَ مُنهن ڏيکاريو.

اڄ ناچاڪن (بيمارن) گڏجي چڱيلائيءَ کي سنڀاريو. اي اَگهائي! هينئر تون پري يڄ، ڇو تہ مهر پريي پرينءَ منهن ڏيکاريو آهي.

(10)

يُڄُ يَتنگِن ڪي، سنڌِيُون ڪامَڻَ خَبَرُون،
آڻِيو وِجهَنِ آگِ ۾، جيءُ پَنهنجو جي،
جيري جنين جي، لڳا نيزا نِينهَن جا!

جلڻ جي سڌ پتنگن کان پڇ، جي پنهنجو جسم آچيو آگ ۾ وجهن ۽ جن جي جيري ۾ عشق جون نائڪون لڳل آهن.

(11)

پَتنگُ چائين پاڻَ کي، تہ اَچي آگِ اُجهاءِ!
پَچَڻَ گهٽا پَچائِيا، تون پَچَڻَ کي پَچاءِ!
واقُف تِي وِساءِ، آگِ نہ ڏِجي عامَ کي.

جي پاڻ کي پتنگ تو ڪوٺائين تہ اچي آڳ کي وساءِ. پچڻ (آتش) گهڻن کي جلايو آهي، پر تون خود پچڻ کي پچاءِ (آڳ کي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏ). هوشيار تي، آڳ کي جهپي وٺ، اُن جو اَنت ماڻهن کي ڏيڻ نہ گهرجي.

(12)

پَتنگن پَهُ ڪيو، مِڙيا مَتي مَچَ،
پَسِي لَهسَ نہ لِڇيا، سَڙيا مَتي سَچَ،
سندا ڳِچين ڳَچَ، ويچارن وِڃائِيا.

پتنگن پاڻ ۾ پهہ ڪيو ۽ اچي مچ جي مٿان مڙيا. هو تاب ڏسي ڪين لڏيا، پر آڳ روپي سچ مٿان جلي جان ڏنائون. ويچارن ڪيئي سسيون قربان ڪري ڇڏيون.

(13)

سَرها ڏنم سي، جن ساجاءَ سِراڻِ سين،
تيغَ تِنين جي کي، کَٽُ نہ لڳي کڏهين.

اُهي خوش ڏٺم، جن جي ڏيٺ، سِراڻ سان آهي. اُنهن جي ترار کي کڏهن بہ زنگ يا کٽ نہ ٿي چڙهي (سچن طالبن جي قلب تي ڪا کس نہ ٿي چڙهي.)

(14)

آٽي اُتر واءَ، موڪِيءَ مَٺ اُپِٽيا،
متارا تنهن ساءَ، اَچن سِرَ سَنباهِيو.

اُتر جي هوا تي ڪلال مٺ کوليا آهن. پياڪ اُن جي سواد وٺڻ لاءِ، پنهنجا سِرَ تيار ڪيو پيا اچن.

(15)

صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئِي ورق وُجوُد جو،
تِهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

صوفيءَ پنهنجي اَندر جو پنو اُجاري صاف ڪيو ۽ تنهن کان پوءِ جيئري ئي پرينءَ جو ديدار ڪيائين.

(16)

جن ڪي ڏورُ ڏردَ جو، سبق سوُرَ پڙهن،
فُڪرَ فَرهِي هٿ ۾، ماٺ مُطالع ڪن،
پَنو سو پڙهن، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

جيڪي آندر ۾ درد جي درس جو دؤر ٿا ڪن، سي سور جو ئي سبق پيا پڙهن. اُنهن جي هٿ ۾ خيال جي پٽي آهي ۽ هو ماٺ جو ابياس پيا ڪن. هو اهوئي ورق پيا پڙهن، جنهن ۾ پرينءَ کي ٿا ڏسن.

(17)

عاشق عَزازِيل، بِيا مڙيئي سَڌڙِيا،
منجهان سِڪَ سَبِيلَ، لعنتي لال ٿيو.

عاشق ته ابليس ئي آهي، بيا مڙيئي ڪوڙي سڌ ڪندڙ آهن. هن جهڙو لال (سچي عشق ۾ رڱيل) اَپار (حد کان وڌيل) محبت جي ڪري ئي لعنت يا ڦٽڪار جو لائق ٿيو.

(18)

پَڙهيو تا پڙهنِ، ڪَڙهن ڪِينَ قُلُوبَ ۾،
پاڻان ڏوهَ چڙهنِ، جئَن وَرَقَ ورائِين وِتَرا.

عالم ورقن جا ورق پيا پڙهن، پر دل سان ذرو بہ نہ ٿا هنڊائين. هو اُٿلو پاڻ تي گناهہ پيا چاڙهين، جئَن جئَن گهڻا پنا ٿا اُٿلائين.

(19)

اکر پَڙُهُ اَلفَ جو، وَرَقَ سڀ وِسارِ،
اَندرُ تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

تون هڪ الف جو ئي اَکر پڙهہ، پيا سڀ پنا دل تان ميساري ڇڏ. تون پنهنجو اندر ڏوئي صاف ڪر. گهڻا ورق پڙهي گهڻا پڙهندين؟

(20)

ڪاتِبَ! لِکِين جِئَن، لايو لامَ اَلف سين،
اَسان سڄڻُ تِئَن، رهيو آهي روح ۾.

اي لکندڙ! جئَن تون الف سان لام لائي (لا) تو لکين (الف ۽ لام بئي هڪبئي سان جڙيل آهن ۽ هڪجهڙا پيا لڳن)، تئَن اسان جي اندر ۾ بہ سپرين اسان سان اِئين رليو پيو آهي.

(21)

او قابِيلَ! اکين ۾، توکي باري بانَ،
اُيو اَگرايُن ڪرين، ماگِ هٽيو مَستانَ،
جانبَ! تون زيانَ، اکين سين ايڏا ڪرين!

او قابيل! (قابيل جهڙا قاتل!) توکي اَکين ۾ ڳرا تير آهن. تون مستانن متان سندن ماڳ تي ئي وچيو ڏاڍايون ڪرين. اي جاني! تون نيڻن سان هيڏا هاڃا تو ڪرين!

(22)

پائي ڪانُ ڪَمانَ ۾، ميان! مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئِي توکي لڳي.

اي سائين! ڪمان ۾ ڪان وجهي، مونکي فنا نہ ڪر. مون ۾ تون ئي موجود آهين؛ متان تنهنجو تير توکي ئي لڳي. (هتي شاھہ صاحب جي نازڪ خيالي بينظير آهي.)

(23)

محبّت جي ميدان ۾، سِرَ جو ڪر مَ سانگُ،
سوريءَ سُپيرينِ جي، چَڙهُ تہ ٿئين چانگُ،
عشق آهي نانگُ، خبر ڪاڏنِ ڪي پوي.

عشق جي پِڙ ۾ سر جو سانگو نہ ڪر. محبوب جي سُوريءَ تي چڙهہ تہ سچي صحت مليئي. عشق ڪاريهر آهي. اُن جي سڌ انهن ڪي ٿي پوي، جن کي اُن ڏنگيو آهي.

(24)

عشق نہ آهي راند، تہ ڪي ڪَنسِ ٻيِرُو،
جِيَ جُسي ۽ جانِ جِي، پيچي جو هيڪاندِ،
سِسِي نيزي پاندِ، اُڇل تہ اَڏ ٿئي.

عشق، جو جيءَ جسم ۽ جان جو پاڻ ۾ ناتوئي ٽوڙيو ڇڏي، سو ڪا معمولي راند نہ آهي، جا ڪي نوجوان ڪندا وتن. پنهنجي سسي نيزي جي نوڪ تي اُڇل تہ وڃي بہ اڏ ٿئي.

(25)

سِڪَڻُ ۽ سوري، ٻئي اَڪرِ هيڪڙي،
وِهڻُ وانٹِيُنِ تي، ڪارَڻُ ضرورِي،
ٻنهي جي پُورِي، جِيءَ ڏني رِيءَ نہ جُڙي.

’سڪڻ‘ ۽ ’سوريءَ‘ ٻنهي هڪ ئي اکر يعني ’س‘ سان شروع ٿا ٿين. پرينءَ خاطر واٽن تي وهڻ، عاشقن لاءِ لازم آهي. جان ڏيڻ کان سواءِ انهن جي پورائي ٿيڻي نہ آهي. (شاه جي نظر ۾ ’سڪڻ‘ ۽ ’سوري‘ ٻنهي هڪ ئي معنيٰ وارا لفظ آهن، ڇو تہ ٻنهي جي پورائي، شهادت کانسواءِ ٿيڻ جي نہ آهي.)

(26)

سُورُ جنِين کي سَريو، سَري تن صِحتَ،
مِٺِي مصيبت، آهي عاشقن کي.

جن کي درد پڙپيو (سنجريو)، تن کي چڱيلائي حاصل ٿي. عاشقن کي مصيبت پياري آهي. (سچي صحت سور ۾ ۽ سچي راحت مصيبت ۾ آهي.)

(27)

هُو چَوَنئِي، تون مَ چئُ، واتان وَرائي،
اَڳُ اَگرائِي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاندَ ۾ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪينَ کِي.

جي اڳلا توکي ڪي چون تہ تون موٽ ۾ ڪين واتان ڪي ڪين چئُ. جيڪو بہ پهرين اڳرائي تو ڪري، سوئي ڇيهي ۾ تو اچي. ساڙ وارو اِنسان ڪِي ڪين ٿو حاصل ڪري. (پلاند ۾ ڪي بہ وجهي نہ ٿو وجي.)

(28)

ڪِنين ڪِينَ پرائيو، ڪِيني منجهان ڪِينُ،
جي هوءَ سَٽاٽي سِيڱُ، تہ زِه ڇِني جوکو ٿئي.

ڪن بہ بغض مان ڪي ڪين حاصل ڪيو. جي ڪمان سخت ڇڪيل هوندي تہ اُن جي زِهِ (ڏوهر) ڇڇڻ سان ضرب رسندي.

(29)

وينني جِنين وَٽِ، ڏُکندو ڏاڍو ٿِئي،
سا مَجِلس ئِي مَٽِ، جي حاصل هوءِ هَزارَ جو.

جن جي ويجهو وهڻ سان مورڳو پيڙا وڌي وڃي، تن جي کچهريءَ کان ئي پاسو ڪر، پوءِ ڀل اُن مان هزار جو فائدو حاصل ٿئي.

(30)

وينني جِنين وَٽِ، ڏُکندو ڏوُر ٿِئي،
تَنَ! تِنِين سين ڪَٽِ، اوڏا آڏي پَکڙا.

اي منهنجا جسم! جن جي ويجهو وهڻ سان، پيڙا لهي وڃي، تن جي ويجهو پنهنجا پکا آڏي، وڃي اُنهن سان (وقت) ڪاٽ.

# سُر کنيات

’سر کنيات‘ کي ’سر کماچ‘ بہ چوندا آهن. چون ٿا تہ اِهو نالو متس اِنهيءَ ڪري پيو آهي، جو گجرات جي کنيات شهر جي هڪ مشهور گوئيي اُن کي رچيو هو. هي سر رات جو ڏهين بجي ڌاري ڳائبو آهي ۽ من کي آرام ڏيندڙ آهي.

رسالي ۾ هن سر جو مضمون ٻن نمونن جو آهي: عاشقاڻو ۽ اخلاقي.

شاه پنهنجي پرينءَ جي سونهن جي ساراهہ هئن ڪئي آهي: سندس حسن سان سهسين سجن ۽ چنڊن جي بہ جاءِ ناهي. مڙيئي ستارا لالڻ اڳيان لڄي ٿيو پاڻ لڪايو ڇڏين. جوهر جو جمال بہ جانب اڳيان جهڪو ٿيو وڃي. چنڊ گهٽوئي سهڻو پر اُن کي معشوق جهڙيون موهيندڙ اکيون نزاڪت پريو نڪ ناهي. سندس چهري تي خط ۽ خال اِئين آهن، جيئن آسمان ۾ تارن جي جهرمر.

شاه پارسي شاعرن وانگر باد صبا کي نہ، پر چنڊ کي پنهنجو قاصد تو ڪري ۽ اُن کي سڄڻ لاءِ سنيها تو ڏئي. اُن کان اڳ کيس تاڪيد تو ڪري تہ ”جانيءَ کي نينهن جو نياپو پوري نياز ۽ آدب سان رسائج ۽ جهيڻو ڳالهائج.“

(1)

چوڏهِينءَ چَندَ! تون اُيرِين، سَهسين ڪَرِئين سِينگارَ،
پَلَڪَ پِريان جي نہ پُڙين، جي حيلنِ ڪَرِئين هَزارَ،
جهڙو تون سَڀَ ڄمارَ، تهڙو دَمُ دوست جو.

اي چوڏهينءَ جا چنڊ! تون سهسين سينگار ڪري، نروار ٿو ٿين، پر تون پرينءَ جي صحبت جي هڪ دم برابر ٿي نہ سگهندين، توڙي ڪٿي هزارين حيلا هلائين. جو جلوو تو ۾ ساري عمر (اول ڪان آخر تائين) آهي، سو محبوب جي هڪ پل جي سوجهري ۾ آهي.

(2)

سَهسين سِجَنِ اُيري، چوراسِي چَندَنِ،
باللہ ري پِريَنِ، سَڀَ اُونداهِي ڀانئِيان.

سهسين سورج ۽ چوراسي چنڊ اُيرن تہ بہ سائينءَ جو سنهن! تہ پرينءَ بنا جيڪر ساريءَ خدائيءَ کي اونداهي سمجهان.

(3)

چَندَ! تنهنجِي ذاتِ، پاڙِيان نہ پرِيُنِ سِين،
تون اُڃو ۾ راتِ، سَجَڻَ نِتُ سوجهِرو.

اي چنڊ! تنهنجي حسن ۽ خوبيءَ کي سپرينءَ جي سونهن ۽ سوڀيا جو مٽ نہ ٿو سمجهان. تون رڳو رات جو ٿو ڀهڪين، اسان جو پرين ٻارهوئي پيو ڀهڪي.

(4)

چَندَ! چوانءِ سَچُ، جي مَنِي مور نہ ڀانئِين،
ڪڏهن اُيرِين سَنهڙو، ڪڏهن اُيرِين ڳچُ،
مُنهَن ۾ بَرَئِي مَچُ، تو ۾ ناهِ پيشانِي پرِينءَ جِي.

اي چنڊ! سچ چوانءِ، جي بري ڳالهہ نہ سمجهين. ڪڏهين

معمولي تہ ڪڏهن سرس تو اُپرين. تنهنجي چهري ۾ چمڪ آهي، پر پرينءَ جو سهڻو مستڪ (نراڙ) توکي ناهي.

(5)

ڪٽِي نيڻَ خُمارَ مان، جان ڪيائون نازُ نَظَرُ،
سُورجَ شاخُون جَهڪِيُون، ڪُوماڻو قَمَرُ،
تارا ڪَتِيوُن تائِبُ ٿيا، ديکِيندي دِلبَرُ،
جَهڪو ٿيو جَوهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.

جڏهين نشيلا نيڻ ڪٽي، ناز واري نظر اُچليائون، تڏهن سورج جا ڪرڻا جهڪا ٿي ويا ۽ چنڊ ڪومائجي ويو. پرينءَ کي ڏسندي ٿي تارا ۽ ڪتيون آدب سان پيش پيا. سپرينءَ جي ڏِسڻ سان جوهر جي جوت بہ جهڪي ٿي ويئي.

(6)

هُنَ تاري، هُنَ هَندِ، هُتِ منهنجا سُپرِين،
سَجَڻَ ماکِيءَ مَندِ، ڪَؤڙا تِيَن نہ ڪڏهين.

منهنجو سپرين هن ڏورانهين تاري هيٺ آهي. منهنجن محبوبن ۾ ماکيءَ جو ميٺاج آهي ۽ هو ڪڏهن بہ ڪؤڙا ٿيڻ جا نہ آهن.

(7)

تارا، تِرَ، تِروڪِٽيوُن، مِتن قُلَرِيوُن،
کوءِ! سي راتڙِيوُن، جي مون پِرينءَ پڄاڻان پيئِيُون.

پرينءَ جي منهن تي سنها تِرَ، خال ۽ قليون آهن. ٻَنِ پون اُهي راتيون، جي پرينءَ ري گهارٽيون پون.

(8)

چِگًا چَندَ! چَئيجِ، سَنِيها کي سَجَٽين،
مَتان اگڻ اُيرِي، پِرينِ جي پَئيجِ،
جِهيٽو ڳالهائيجِ، پيرين وجهي هَتَڙا.

اي پلارا چنڊ! پرين کي اسان جا پيغام پهچائج. سندن آڳڻ مٿان مهڪي، ۽ سندن پيرن تي هٿ رکي، نهايت نرمائيءَ سان ڳالهائج.

(9)

اُبرُ چَنڊَ! پَسُ پرين، تو اوڏا، مُون ڏُور،
سَجَڻَ سُتا وِلهَ ۾، چوٿا پَري کَپُور،
پيرين آئُون نہ پُڄِڻي، بابَلُ ڏِئي نہ ٻُور،
جنهن تي چڙهي اَسوُرِ، سَنجهي سَجَڻ سيڻِيان.

اي چنڊ! تون اُڀر ۽ اُتي پرينءَ جو درشن ڪر. توکي ويجهو آهي، پر مون کان پري، محبوب وارن کي چندن سان واسي، ڪُليءَ هير ۾ سمهيا پيا آهن. مان پيرن سان پنڌ ڪري، وٽن پڄڻ جهڙي نہ آهيان ۽ بابل ڪو اُٺ بہ نہ ٿو ڏئيم. جنهن تي سوار ٿي، اَسر جو سوير ئي پرينءَ جي پار ڏي ڪاهيان.

(10)

مَيا! تو مَهارَ، سڄي پايان سونَ جي،
چارِيَنءِ چَندَنَ چوٽِيُون، نايو مينڌِيءَ ڏارَ،
سَنڌِي پِيَ پَچارَ، جي مُون رات رُساڻِئين.

اي چانگا! توکي سڄي سون جي گهڙيل مهار پايان، چندن جون مکڙيون کارايانءَ ۽ مينڌيءَ مٿان جهڪائي، اُنجون ٽاريون چاريانءِ، جي تون رات جو هلي، مون کي پرينءَ وٽ پڄائين

(11)

وِهي مَنجهِين وَڳَ، ڪَتُورِيءَ ڏارَ چَري،
ماءِ! منهنجي ڪَرَهي، پَڏَرِ پَڳَ نہ لَڳَ،
جَڳَ سين جهڙو جَڳَ، هِنئين سين هُتِ چَري.

هاٺي اُٺ وڳر منجهہ ئي ٿو وهي ۽ ڪٿوريءَ جون ٽاريون ٿو چري. اي اَمڙ! منهنجي اٺ جو ڪوبہ ظاهر ظهور نشان نہ ٿو

پسجي، جهانَ سان جهانَ جهڳڙو آهي ۽ اَندر ۾ هتي (پرينءَ وٽ) تو چري. (سڏريل من ڏانهن اِشارو)

(12)

کائـي نہ کَنٽِھارَ، چَنـدَنَ جا چُوپـا ڪري،
اَگـرَ اوڏو نہ وجي، سِـر ڪَندَ لَھـي نہ سارَ،
لاٽِـيءَ جـي لَغـارَ، مَـيو مَـتارو ڪيـو.

هُو کنٽهار نہ تو کائي ۽ چندن مان چوپا پري اُن کي توڪاريو چڏي. اگر جي ويجهو نہ تو وجي ۽ چندن کي ڪوپچي بہ نہ تو. لاٽيءَ جي چش اُٿ کي مچائي متارو ڪيو آهي.

## وائي

سَڏين سينڻَ نہ هونِ، نينهُن نياپي نہ ٿِئي.
ڪارِيءَ رات رَتَ ڦڙا، جان جان نينڻَ نہ رُوَنِ،
مونڻُ جِنين مَيهِڻو، پِڙَ تي سيئي پُونِ،
جِنِ مُسافرَ سُپرِين، سي مَرُ رويو رُونِ.

رڳو سڏن ڪرڻ سان پرين نہ ٿا ملن ۽ رڳو نياپن سان پريم جي پورائي نہ ٿيندي آهي. جيسين اونداهيءَ رات ۾ اکيون رت نہ ٿيون روئن، (تيسين پرين نہ ملندا آهن ۽ نہ سچي محبت ٿيندي آهي.) محبت جي ميدان تي اُهي ڪڏي اچن، جن لاءِ مونڻ عيب آهي. جن جا پرين مسافر (ٿورو وقت رهندڙ) آهن، سي پل رويو روئن.

# سُر سريراڳ

سر سريراڳ، هندستان جي مکيه راڳن مان هڪ آهي. اُن جي ڳائڻ جو وقت، شام جو ڇئين بجي کان ائين بجي تائين آهي. هي هڪڙوئي مکيه راڳ آهي، جو رسالي ۾ آيل آهي.

مثالن وسيلي اِنسان کي روحاني هدايتون ڏنو ڏئي. مهراڻ مان ڀني مراد آهي: حقيقت جو بحر ۽ هي سنسار مها ساگر. اِنسان پاڻ ساموندي يا ملاح آهي: ۽ ڪامل مرد غواص ۽ معلم آهن، جن کي روحاني عميق جي آگاهي (خبر) آهي. هيءَ ديهي ٻيڙيءَ مثل آهي.

جتن سمنڊ ۾ نه لهرن جو ليکو آهي، نه آب جو آنت، نه خطرن جو حساب، تئن دنيا ۾ بہ حرصن، هوسن ۽ اولاڪن جي حد ئي ناهي. ملاح جو فرض آهي سچيت رهڻ، ۽ سکان کي پختو جهلي، پاڻيءَ مٿان ٻيڙيءَ کي تارڻ. اِنسان جو ڪم آهي تہ هو هر وقت بيدار رهي ۽ نفساني آچارن ۽ ڪنن کان پاڻ سنڀالي. اِنهيءَ لاءِ جي ڪنهن معلم (ڪامل) جي هدايت وٺندو تہ هرگز توائي نه ٿيندو.

(1)

سِڙهَ سَنوان، لاڄوُ نوان، مُهاڻا سندن مِيرَ،
ساٿي سَفَرِ هليا، ٿِيا سَٽاوا سِيرَ،
جي اَچَنِ ساڻُ اُڪِيرَ، سي ٻيڙا رَکِين ٻاجهہَ سين!

سندن سِڙهہ سدا، رسا نوان ۽ ملاح ملُوڪ آهن. سوداگر، سٽائي واءَ تي سمنڊ جي سفر تي اُسهيا آهن. اُهي جهاز جي وڏي سڪ سان واپس ٿا ورن، تن کي شل پنهنجي مهر سان سلامت رکين!

(2)

جيڪِي منجِهہ جَهانَ، سو تارِيءَ تِڱي تنهنجي،
لُطفَ جِي لطِيفُ چئي، تو وٽ ڪَمي ڪانَ،
عَدُلَ چُٽان آئُون نہ، ڪو ڦيرو ڪَج فَضَلَ جو!

جڪي بہ جهان ۾ آهي، سو تنهنجي ئي آڌار تي پيو هلي. تو وٽ ٻاجهہ جي ڪمي ڪانهي. نياءَ (اِنصاف) سان منهنجو سزا کان ڇٽڻ ڪونهي: تون پنهنجي مهر سان ڪو وڙ ڪر.

(3)

سارِي راتِ سُبحانُ، جاڳِي جن ياد ڪيو،
اُنِ جي عبداللطيفُ چئي، مِٽيءَ لڌو مانُ،
ڪوڙين ڪَنِ سَلامُ، آڳهِ اَچيو اُنِ جي.

جن ساري رات اوجاڳو ڪيو، سائينءَ کي سنياريو، تن جي مٽي کان پوءِ سندن خاڪ کي بہ مانُ مليو. اُنهن جي آستان تي ڪروڙين اَچيو سجدا ڪن. (ڏٽيءَ جي عاشقن جي خاڪ ڪيميا آهي ۽ سندن آستان زيارتگاهہ آهن.)

(4)

سيوا ڪر سمنڊَ جِي، جِت جَرُ وهي تو جالَ،
سَئين وَهَن سِيرَ ۾، ماڻڪ، موتِي، لالَ،
جي ماسو جُڙيئي مالَ، تہ پوُڄارا! پُرِ تئين.

تون سمنڊ جي سيوا ڪر، جنهن ۾ اَٿاهہ جل پيو وهي. اُن جي سير ۾ اَڪيچار ماڻڪ، موتي ۽ لال وهندا ٿا وڃن. جي اِنهيءَ خزاني مان رتي ئي ملي ويئي تہ بہ اي پوڄارا! جيڪر مالا مال ٿي پوين.

(5)

اِيَ گَتِ غوّاصَنِ، جئَن سَمنڊُ سوجِهياڻُون،
پيهي منجهہ پاتارَ جي، ماڻِڪَ ميڙيائُون،
آڻي ڏنـائُون، هيـــرو لال هَٿن سين.

اِها ڄاڻ تون کي ئي آهي تہ ڪهڙيءَ پر سمنڊ ۾ پيهي تلاشون ڪجن. هُو اونهي ٿُبي هڻي ماڻڪ ميڙي آيا ۽ پنهنجن هٿن سان هيرا ۽ لال (بي بها موتي) آڻي حاضر ڪيائون. (اها ڄاڻ عارفن کي آهي تہ ڪِئن حقيقي عميق ۾ ٽُبيون هڻجن ۽ سچا موتي لهجن.)

(6)

وَکَرُ سو وِهاءِ، جو پَئي پُراڻو نہ ٿئي،
ويچِيندي وِلاتَ ۾، ذرو ٿئي نہ ضاءِ،
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آگِهِ جَنهنجي اَبَهِين.

اُنهيءَ وکر جو سودو ڪر، جو رکئي خراب نہ ٿئي ۽ جو ولايت ۾ وڪڻندي، رتيءَ جيترو بہ زيان نہ ٿئي. اهڙو ڪو ناڻو واپراءِ، جنهنجي آڏار تي چوٽڪارو پائين. (روحاني ڏن ميڙ تہ نجات يا ڇوٽڪارو مليئي.)

(7)

بيڙياتا! بيئِي، تو نہ ڦبِندَيُون ڳالُهڙِيُون،
سَجِيُون راتِيُوَن سُمهِين، پَرُ سُکانَڻ ڏيئي،
صُباحَ سيئِيئِي، پارِ پُڇَندَءِ خَبرُوَن.

.اي ملاح! توکي ٻئي ڳالهيون (سمهڻ ۽ ٻيڙي هلائڻ) هٿ نہ ايندڙيون. تون سکان کي پاسو ڏيئي، ساري رات سمهيو تو رهي. سڀان هن پار توکان سموريون خبرون (حساب) وٺندا. (ٻئي جهان ۾ پڇاڻو ٿيندءِ)

(8)

بَندَرِ جان پَئي، تہ سُکاڻِيا مَ سُمهو،
کَپَرُ تو کُنَ کري، جِئَن ماڻِي مَنجهہ مَهِي،
ايڏو سُورُ سَهِي، ننڊ نہ ڪجي ناکُئا!

جيسين بندر تي خطرو آهي، تيسين سک سان ننڊ نہ ڪريو. ڪناري وٽ پاڻي اِئين پيو ڦري، جئن مٽ ۾ ولوڙيل ڏنؤرو. اي ملاح! ايڏو عذاب سهجي، تنهن کان ننڊ نہ ڪجي.

(9)

چَڱا ڪَنِ چَڱايُونِ، مَنايُون مَنَـنِ،
جو وَڙُ جُڙي جِنِ سين، سو وَڙُ سيئِي ڪَنِ.

چڱا اِنسان چڱايون ٿا ڪن ۽ برا اِنسان برايون. جن کي جهڙو سلوڪ (ورتاءُ) سونهي، سي تهڙوئي ٿا ڪن.

(10)

اَگهِيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَن موٽَ ٿِي!
پَلَئہ پايو سَچُ، آڇِيندي لَجَ مَران!

هينئر ڪوڙ ۽ ڪچ اَگهي تو ۽ ماڻڪن کي موٽايو ٿو وڃي. مان پنهنجي پلاند ۾ سچ جهليو بيٺو آهيان، پر ڪنهن کي اُن جي آڇ ڪرڻ کان لڄ پيئي اچي.

# سُر سامُونڊي

هن سر کي اِهو نالو اُن جي مضمون مطابق ڏنو ويو آهي، ڇو تہ اُن ۾ سامونڊين جو ذڪر ٿو اچي "سر سريراڳ" ۾ آيل تصوير جو پيو پاسو "سُر سامونڊيءَ" ۾ پيش ٿيل آهي.

هن سر ۾ وڻجارن جي سامونڊي سفر جو وستار آهي. سامونڊي قرقل، ڦوٽا ۽ پراچا (قيمتي ڪپڙا) ڪٺي، لنڪا ۽ عدن جهڙن ڏيساورن ڏانهن ويندا هوا ۽ اُتان موٽ ۾، قيمتي وکر جهڙوڪ: ماڻڪ، موتي ۽ سون آڻيندا هئا. هو اُتر لڳي اُسهندا هئا ۽ بهار ۾ واپس ورندا هئا. اُسهڻ کان اڳ، نهايت خبرداريءَ سان سڙهہ سبي ساڄا ڪندا هئا، ۽ ٻيڙين کي نوان لاڄو لڳائي، عاج جون اوليون ڪٽندا هئا. معلمن کان مهراڻ جون خبرون پڇي، پٽهہ ڇوڙيندا هئا. هو ڪنڌَ ڪيڙي پنهنجي وطن کي سون، رپي ۽ هيرن سان مالا مال ڪندا هئا، ۽ اِنهيءَ هَوَس ۾، ساهہ جو بہ سانگو نہ ڪندا هئا.

(1)

پَڳهَ پاسي ويهُ، آيَلِ! سامُونڊِيُنِ جي،
تون ويسِري وِکَ ڪَٺِين، هو پُورِيندا پَرَڏيهُ،
سمنڊُ جِنِ ساٿيهُ، ڪوهُ نہ ويئِينءَ تِنِ سين؟

اي مُنڌ! سامونڊين جي پڳھ جي پر ۾ وجي ويھہ. تون غفلت ۾ پيئي هلين، هو پرديس ڏانهن اُسهي هليا ويندا. جن جو وطن ئي سمنڊ آهي، تن سان گڏ تون ڇو نہ تي ويئينءَ؟

(2)

سيئِي جويَنَ ڏِينهَن، جڏهن سَجَڻَ سَفرِ هَلِيا!
رُئان رَهنِ نہ سُپرِين، آيَلِ! ڪَريان ڪيئَن؟
مونکي چاڙهي چِيئَن، ويو وَڻِجارو اوهِري!

اُهي منهنجا جوانِيءَ جا ڏينهن ئي هئا، جڏهن سجڻ سفر تي اُسهيا. اي جيجل! مان ڪيئن ڪريان، جو روئان تي تہ بہ پرين وجڻ کان نہ ٿا رهن. مونکي جيئري ئي چکيا تي چاڙهي (آگ ۾ ساڙي)، وڻجارو پيڙي هاڪاري هليو ويو.

(3)

سامُونڊِيَڪو سَڱُ، آهي گوُندَرَ گاڏُئون،
اَنگِن چاڙهي اَنگُ، ويو وَڻِجارو اوهِري!

سامونڊيءَ جو سڱ سورن ڀريو آهي. وڻجارو منهنجو جسم سوري تي چاڙهي، پيڙي هاڪاري هليو ويو.

(4)

وجيئِي وِسرِي شال! جو تو سودو سِڪِيو،
اَجا آئين ڪالَ، پڻ تو سَفرِ سَنبهِين!

اي ڍول! شل توکي اهو وڻج وسري وڃي، جو تون سکيو آهين. اجا ڪالهہ مس آئين تہ ايتري ۾ وري سفر لاءِ تو سنيرين.

(5)

هِينئڙو بيڙِيءَ جان، ڏُتَڙِ پئي ڏينهن تيا!
پُڇيو تان نہ پِريان، ڪَرَلاهوُ تِي ڪڏهين.

ڏکئي تڙ تي پيل بيڙيءَ جيان منهنجي دل کي ڏتڙئي (بيحال تئي) گهڻا ڏينهن تيا تہ بہ سڄڻن سار لهندڙ تي، مونکي ڪڏهن بہ نہ پڇيو.

(6)

سَرَ نِسِريا پاندَ: اُتَرَ لڳا، آءُ پِرين!
مون تو ڪارَڻِ ڪانڌَ! سَهسِين سُڪائون ڪيون.

سَرَ جي سلن ڳيپ جهليو آهي ۽ اُتر جو واءُ لڳو آهي. اي ڍوليا! تون موٽي اچ. اي پتار! تو ڪارڻ مون آنيڪ سڪائون باسيون آهن.

(7)

جيڪر اَچي هاڻِ، تہ ڪريان روُحَ رَچَندِيوُن،
آيَلِ! ڍولئي ساڻُ، هوندَ ڳِرِ لڳي ڳالهيون ڪَريان.

هو جيڪر موٽي اچي تہ ساڻس روح ريجهائيندڙ رهاڻيون ڪريان. اي جيجل! مان هُوند پرينءَ سان گلي لڳي ڳالهيون ڪريان.

(8)

آيَلِ! ڍولِئي ساڻُ، اَچي تہ جهيڙِيان،
لايَءِ ڏينهَن گهڻا، مون سين ڪَيَءِ تورڙا.

اي اَمڙ! پرين اَچي تہ ساڻس جهيڙو ڪريان ۽ چوانس تہ "مون سان تورن ڏينهن جي ڪري، وڃي گهڻا ڏينهن لاتئي".

(9)

لاهِيندا ئي ڪَنِ، ڳالهيون هَلَڻَ سَنڊِيُون،
ڏِيندا مُون ڏُڪَنِ، وَهَ وِجهندا جِندڙو!

جهاز تان پير هيٺ رکندي ئي وري وڃڻ جون ڳالهيون پيا ڪن. مونکي ڏکن حوالي ڪري، منهنجي هنئين کي وري جهوريءَ (ڏولائي) ۾ وجهي ويندا.

(10)

مون ڪي ڇِياريو، پِرِيُنِ جي ڳالهه ڪري،
ڏِنو اَجُ اَڏِيو، هِنئڙو ڪوٽ بُرجَ جِئَن.

سپرين جي ڳالهه ڪري، مون ۾ نئون روح ڦوڪيو. جئن قلعي جو ڏنل ٿل اَڏجي. تئن منهنجي جهريل دل کي نئين سر جوڙي راس ڪريو.

(11)

لاهِيان جي نہ ڇتان، الا! اُنِ مَ وِسران!
مَڙِهيو مَنجهاران، ڇِيءُ مُنهنجو جن سين.

اي سائين! جن کي مان من ۾ مُور نہ ٿي وساريان، تن کي شال مان نہ وسران. منهنجو جيءُ هن سان اَندران ئي اُٽيو پيو آهي.

(12)

تَڙين تَنوارِينِ، مــاءِ! سامُونڊي آئِيا،
مونکي ڇِيارِين، وايُــون وَڻجارَنِ جون.

اي آمڙ! سامُونڊي اچي سهڙيا آهن ۽ تــڙن تي تنوارون (منيون لاتيون) پيا ڪن. مون کي وڻجارن جون ڳالهيون نئين سر تيون جيارين.

(13)

اَگــڻِ آيا جان تہ سَرَتِيُون، مون سُکَ ٿيا،
اَمُلَ پِرِينءَ مٺان، ٻُرِڪِيو ٻين کي ڏيان.

اي سر تيون! جان ئي هو منهنجي اڳڻ تي آيا، تان ئي مون لاءِ سک پيهي آيا. مان پنهنجي پرينءَ مٿان جيڪر اَملھ ماڻڪن جون گهورون گهوري پين کي ڏيئي ڇڏيان.

(14)

أيِيُون تَڙَ پوُڄِينِ، وَهوُن وَڻجارنِ جون،
آڻيو اَکا ڏينِ، گَتوُري سمُوندَ کي.

وڻجارن جون زالون ڪناري تي اَدب سان بيهي، جل (پاڻيءَ) کي تيون پوڄين. هو سمنڊ کي مشڪ ۽ عنبر جا اَکا آڻي تيون ڏين.

(15)

جَرَ ٿَرَ ڏِيا ڏي، وَڻَ ٽِـڻَ ٻَڌي وانڻِيُون،
اَلا! ڪـانڌُ اَچـي، آسائـتي آهـيـان!

وڻجاري، جل ۽ ٿل تي (پاڻيءَ ۽ ڌرتيءَ تي) ڏيئا پيئي ٻاري ۽ وڻن ٽڻن کي جهنڊيون پيئي ٻڌي. ائين پيئي چوي "اي اَلله! شال منهنجو ڪانڌ موٽي اَچي! اِهائي آس اَندر ۾ اَٿم".

(16)

جـا جَرَ جـاٺُـون نـہ ڏِئـي، ڏِيـا نـہ مـوهـي،
سَڌوُن ڪوهُ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌَ جون؟

جا عورت، جل ۽ ٿل جون ياترائون (زيارتون) نہ ٿي ڪري ۽ ڏيئا ٻاري، سمنڊ کي نہ ٿي اَرپي، سا پنهنجي ڪانڌ (مڙس) کي ملڻ جون سڌون ڇو ٿي ڪري؟

(17)

وَڻجاري جِي ماءِ، وَڻجارو نہ پَلِئين؟
آيو ٻارهين ماهِ، پڻ ٿو سَفَرِ سَنبَهي!

اي وڻجاري جي ماءُ! وڻجاري کي نہ ٿي جهلين! هو ٻارهين مهيني واپس وريو ۽ وري ٿو سفر تي سنيري (وڻجاري، سس کي ٿي چوي.)

# سُر سهڻي

سهڻي، ٽُلا نالي هڪ هاڪاري ڪنير جي ڌيءَ هئي، جو شاهہ جهان جي زماني ۾ پنجاب جي گجرات شهر ۾ رهندو هو. سهڻيءَ جو جنم شب قدر جي سڀوري رات جو ٿيو هو. ميهار جو اصل نالو عزت بيگ هو. هو بخارا جي هڪ شاهوڪار واپاريءَ مرزا عاليءَ جو پٽ هو. سندس جنم بہ شب قدر تي ٿيو هو. هڪ درويش جي دعا سان ڄائو هو ۽ ناز سان پليو هو.

عزت بيگ نوجوان ٿيو تہ واپار جي سانگي اَچي دهليءَ ۾ نڪتو. ٽُلا جي فن جي هاڪ ٻڌي، هن پنهنجي هڪ نوڪر کي ڪائنس ڪي سهڻا ٿانوَ خريد ڪرڻ لاءِ موڪليو. سودو ڪندي، نوڪر جي نظر وڃي سهڻيءَ تي پيئي. هن موٽي اچي پنهنجي مالڪ سان سندس حسن جي واکاڻ ڪئي. عزت بيگ پوءِ پاڻ اُتي ڪهي ويو ۽ سهڻيءَ کي ڏسندي ئي هوش وڃائي ويٺو. بخارا ڏانهن واپس ورڻ جو ويچار ئي لاهي ڇڏيائين ۽ نيٺ پنهنجو سمورو خزانو هاري پورو ڪيائين. پوءِ سجو تي وڃي ٽُلا کان قرض ڪنيائين ۽ قرض لاهڻ لاءِ سندس نوڪر تي وڃي بيٺو. ٽُلا ڪيس ميهارڪو ڪم ڏنو. هڪ ڏينهن وجهہ وٺي سهڻيءَ سان پنهنجي پريت جو حال اوريائين. هوءَ بہ مٿس فدا ٿي پيئي. ماڻس کي ڪنهن ريت اِها سٽس پئجي ويئي، جنهن گهٽو ئي سمجهايس ۽ نيٺ سندس سوٽ ڏم سان پرڻائي ڇڏيائينس.

عزت بيگ کي ويراڳ وٺي ويو ۽ هو وڃي چناب نديءَ جي ٻيءَ پر دونهي دکائي جوڳي ٿي ويٺو. ملاحن جي واتان سندس هاڪ ڦهلجي ويئي. سهڻي بہ هڪ ڏينهن، پنهنجين

سرتين سان سنياسيءَ جي درشن لاءِ ويئي ۽ ٿهہ پهہ پنهنجو پرين سڃاڻائين. پوءِ تہ هر رات دلي تي تري، وٽس ويندي هئي. قضا سان هڪ رات نڙانس کي جاڳ ٿي، جنهن سارو رنگ اکين سان ڏٺو. سهڻيءَ کي گهڻو ئي سمجهاياٺون، پر هن پنهنجي پر نہ ڇڏي، نيٺ هڪ ڏينهن نڙانس سندس دلو چورائي، اُن جي جاءِ تي هڪ رنگ ڏنل ۽ گلن چٽيو ڪچو دلو رکي ڇڏيو. سهڻيءَ کي اُن جي سمڪ نہ رهي ۽ جئن ئي درياهہ ۾ گهڙي، تئن دلو پري پيو ۽ پاڻ وچي پاتار ۾ پيئي. ويچاريءَ ٻڏندي ساهڙ کي سڏ ڪيا، جنهن وري ملاحن کي واهر لاءِ پڪاريو. مهراڻ جو زور ڏسي، مهاڻا بہ منجهي پيا. نيٺ ميهار پاڻ سير ۾ گهڙي پيو ۽ وچي سهڻيءَ سان هڪ ٿيو. ساهڙ ۽ سهڻي ٻئي سائر (ساگر) ۾ سمائجي ويا. سائر، سهڻي ۽ ساهڙ ٽيئي هڪ ٿي ويا.

(1)

ڪَنڌِيءَ اُپيوُن ڪيتريوُن، 'ساهَڙُ ساهَڙُ' ڪَنِ،
ڪِنين سانگو ساهَ جو، ڪي 'گهورِيَسِ' ڪيو گهِڙَنِ،
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گهاگهائي گهِڙَنِ جي.

ڪنڌيءَ تي بيهي، ڪيتريون ئي "ساهڙ! ساهڙ!" پيئون ڪارين. اُنهن مان ڪن ڪي پنهنجي جان جو اونو آهي تہ ڪي "مان ميس تہ صدقو ٿيس" چئي درياه ۾ گهڙيو پون. ساهڙ هن جو آهي، جي مشڪندي اونهي ۾ گهڙيو پون.

(2)

گهِڙي گهَڙو هَٿِ ڪري، اِلاهي ٿُهارَ!
جَنگهہ جَرڪي واتَ ۾، سِسِي ڪي سيسارَ،
چوُڙا بِيڙا چِڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙهيَس وارَ،
لَڪين ڇُهٽيسِ لوهِٽيوُن، تيلهيوُن ٽِرنئوُن ڏارَ،
مِڙِيا مَڃَ هزارَ، پاڳا ٿيندي سُهڻِي!

هڻي، گهڙو ڪڻي، ڏڻيءَ جي آسري درياه اَندر گهڙي. سندس نگهہ جرڪي جي وات ۾ هئي، ۽ سسي سيسر جي حوالي. وڙا ۽ بيڙا چڪڻ ۾ چِڪَ تي ويس ۽ وار لڙانيل پاڻيءَ ۾ پئي هيس. لڪين لوهٽيون ۽ تيلهيون پنهنجن ماڳن کان مڙي بس ڇهٽيون ۽ هزارين مڇ اچي چوڏاري مڙيس. هاڻ سهڻي يرجي پيرا پيرا ٿيندي.

(3)

گهَڙو پَڳو، مُنڌَ مُئِي، وَسيلا وِيا،
تِنهان پوءِ سُئا، سُهڻيءَ سَڏُ ميهارَ جا.

دلو پڇي پرزا ٿيو سهڻي فنا ٿي ويئي ۽ سندس سمورا وسيلا ۽ واسطا ميسارجي ويا. تنهن کان پوءِ ئي سهڻيءَ ميهار جا سڏ ٻڌا.

(4)

تَڙَ تَڪَڙِ تارِ گهڙڻ، اِيُ ڪاڻِيارِنِ ڪَمُ،
ڏَهَ ڏَهَ ٻيرا ڏِينهَن ۾، ڏي ڏوراپا ڏَمُ،
عقلُ، مَتِ، شَرَمُ، ٿيئي نِينهَن نِهوڙِيا.

تڙ تان تڪڙ ۾ تار پاڻيءَ ۾ ڪاهي پوڻ، اهو عرض وارين (عاشقياڻين) جو ڪم آهي. ڏم ڏينهن ۾ مون کي ڏهہ ڏهہ ٻيرا مهڻا ٿو ڏئي. نينهن، منهنجي عقل، هوش، توڙي حياءِ کي نابود ڪري ڇڏيو آهي.

(5)

سِياري سِهَ راتِ ۾، جا گهِڙي وَسندي مِينهن،
هَلو تہ پُڇُون سُهڻِي، جا ڪَري ڄاڻي نِينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، ميهارُ ئي مَن ۾.

تہ سياري جي رات ۾ ۽ مينهن وسندي، جا سهڻي درياه ۾ ٽپي گهڙي، تنهن کان هلو تہ محبت جي خبر پڇون، ڇو تہ هن کي ئي سچي نينهن جي سڌ آهي. هن کي رات ۽ ڏينهن ميهارُ ئي من ۾ پيو وسي.

(6)

سانوڻ گهڙي سَيَڪا، هِيءَ سَرَهي سِياري،
تَنُ وڏائين تارِ ۾، اَرواحَ جي آري،
مُحبتِي ماري، ڪونهي دادُ دَرياهَ ۾.

سانوڻ جي رت ۾ تہ هرڪا درياه ۾ ٽپي گهڙي، پر هيءَ (سهڻي) سياري ۾ پاڻيءَ ۾ گهڙندي بهار پيئي ٿئي. هن گهاٽي مينهن سبب ئي پنهنجو جسم تکي وهڪ ۾ ڪٽي اُڇليو. درياه وٽ ڪو نياءُ ڪونهي، سچن عاشقن کي ٻوڙيو فنا ڪيو ڇڏي.

(7)

جِياريَسِ سَنيارَ، ڪَهُ ڪَرِيندَمِ گَڏِجي؟
ويـروتارَ وجـوُدَ ۾، پِـرِيُـنِ جِـي پَچارَ،
سي سَجَڻَ هُونِ نہ ڏارَ، جي هِنئين ۾ حَلُ ٿيا.

مون کي پرينءَ جي سارَ ئي جياريو آهي، پوءِ مونکي هو گڏجي ڇا ڪندا؟ اندر ۾ هميشه سپرينءَ جي تات اٿم. اُهي دلبر جدا نہ ٿيندا، جي دل ۾ سمايا پيا آهن. (عاشق جو ڏٽيءَ سان هڪ ٿيڻ ڏانهن اِشارو.)

(8)

پَلِيان، پَلِيو نہ رهي، نِرتُون نينهُن نِبارُ،
گِهڙان، گهورِيو جِندُڙو! اُتَلَ مون اپارُ،
جنين مَنِ ميهارُ، هَلَڻُ تنين حقُ ٿيو.

منهنجو نج عشق منهنجي نظر کان پلڻ سان بہ نہ ٿو پلجي. اندر ۾ نينهن جي جنبش آٿم. درياه ۾ گهڙان ٿي، جي جان قربان ٿي تہ گهوري! جن جي من ۾ ميهار پيو وسي، تن لاءِ پرينءَ ڪنڌيءَ ڏانهن وڃڻ واجب آهي.

(9)

جا هَڙَ اَندَرِ جِيَّ، ساهڙَ ڏِنِي ساهہ کي،
سا هَڙَ ڇُڙي نہ ساهَ جِي، سا هَڙَ ساهَڙَ رِيَّ،
ساهَڙُ ميڙِ سَمِيعَ! تہ سا هَڙَ ڇُڙي ساهَ جِي.

جا محبت جي ڳنڍ، ساهڙ منهنجي جيءَ کي ڏني آهي، سا جان جي ڳنڍ ساهڙ بنا نہ کلندي اي سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ! (اي ڏٽي!) مونکي ساهڙ ملاءِ تہ اُها ساهہ جي مونجهہ (جان جي مشڪلات) لهي.

(10)

کامان، پَچان، پَڄران، لُڇان ۽ لوچان،
تَنَ ۾ تَؤنسَ پِريُنِ جِي، پِيان نہ ڍاپان،
جي سَمُندَ مُنهِن ڪريان، توءِ سُرڪِيائِي نہ ٿئي.

ڪامان، سڙان، پڄران ۽ ڦٿڪان پيئي ۽ پرينءَ کي ڏوريان بہ پيئي. اندر ۾ پرينءَ جي سڪ جي ايتري اُساٽ اٿم، جو پيئڻ سان بہ پياس نہ ٿي ٻجهيم. جي سارو سمنڊ ڪٽي وات ۾ اوتيان تہ بہ مون لاءِ جيڪر هڪ ڍڪ بہ ڪين ٿئي.

(11)

جي تو بيتَ ڀانيا، سي آيتُون آهِين،
نيو مَنُ لائِينِ، پِريان سَندي پارَ ڏي.

جي تو بيت سمجهيا، سي آيتون (روحاني هدايتون) آهن. اُهي من کي وڃيو محبوب (ڌڻيءَ) جي طرف لڳائين.

(12)

ڪَنڌيءَ جَهليو ڪانهَن، عاشِقُ اُيو آهُون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙِي سُهڻِي؟ ٻيلِي! منهنجِي ٻانهَن،
دَرِياهَ! توتي دانهَن، ڏِيندُسِ ڏِينهَن قِيامَ جي.

ڪنڌي تي سرَن (گاهہ) کي جهلي، عاشق (ميهار) بيٺو ورلاپ ڪري چوي تہ، ”ٻيلي درياهَ! تو ڪيئن منهنجي سڱ واريءَ سهڻيءَ کي ٻوڙيو؟ توتي مان قيامت جي ڏينهن فرياد ڪندس“.

(13)

ٻُڌندي ٻُوڙَنِ کي، ڪي هاتِڪَ هَٿَ وِجهَنِ،
پَسو لَڄَ، لَطِيفُ چئي، ڪيڏِي کي ڪَڱَنِ،
توڙي ڪَنڌِيءَ ڪَنِ، ناتَ ساڻِنِ وڃن سِيرَ ۾.

ٻُڌڻ ويل، ڪي عقل ۽ حرفت وارا گاهہ جي ٻُوڙَن کي هٿن ۾ تا

پڪڙين. ڏسو تہ ڪکن کي ڪيڏو نہ حياءُ ۽ مرم آهي. اُهي پڏندڙن کي وجيو يا تہ ڪنڌيءَ تائين رسائين، نہ تہ اُنهن سان گڏوگڏ سير ۾ سندن ساٿي ٿي ٿا وڃن.

(14)

جَرِ ٿَرِ تِکَ تَنوارَ، وَڻَ ٽِڻَ وائِي هيڪِڙي،
سِيئِي شَيءِ تِيا، سُورِيءَ سَزاوارَ،
هَمَہَ مَنصُورَ هَزارَ، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين؟

پاڻيءَ توڙي ڌرتي تي (هر هنڌ) اِهائي پُرجوش تنوار پيئي پڌجي ۽ وڻ وٽ ۾ اِهائي وائي پيئي سڻجي. ("اناالحق" يعني مان حق آهيان.) سيئي وستو اِنهيءَ حساب سان موت جي سزا جون لائق آهن. (جئن منصور حلاج سان ٿيو.) هزارين بلڪ مڙيئي شيون منصور آهن، ڪنهن کي ڦاسيءَ تي چاڙهي ڪنهن کي چاڙهيندين؟

(15)

سَيَتِ پَچارَ پِريُنِ جي، سَيَتِ هوتُ حُضُورُ،
مُلِڪُ مِڙيو مَنصُورُ، ڪُهِي ڪُهندين ڪيترا؟

سيني هنڌن تي محبوب جو ذڪر جاري آهي ۽ هر جاءِ محبوب موجود آهي. سارو جهان منصور آهي، تون ڪيترا ڪُهي ڪيترا ڪُهندين؟

(16)

نَڪو سَنڌو سُورَ جو، نَڪو سَنڌو سِڪَ،
عَدَدُ ناهِ عِشقَ، پُڄاڻِي پاڻَ لَهي.

نہ درد کي حد آهي، نہ سڪ کي. عشق جي ڳڻ ئي نہ آهي. عشق ئي پنهنجو اَنت پاڻ ڄاڻي. (نينهن ڪهڙو بہ گهاٽو هجي تہ بہ اَڻپورو آهي. اُن جي پڄاڻي لهڻ مشڪل آهي. عشق بي اَنت آهي.)

(17)

ڏِني ڏِينهَن تِيامَ، ڪُـه جاٽان ڪهڙا پِرِين؟
سَهسين سِجَ اُلهِي، واجهائِيندي وِيامِ،
تنين سالَ تِيامَ، جنين ساعَتَ نہ سَهان.

محبوبن کي ڏني مون کي ڪئين ڏينهن ٿي ويا آهن. ڪئن جاٽان تہ اُهي ڪهڙا آهن؟ اُنهن لاءِ واجهائيندي، بيشمار سج لهي ويا آهن. تن کان سواءِ سال (ورهيہ) گذري ويا آٿم، جن کان سواءِ هڪ پل بہ جيڪر نہ گهاري سگهان.

(18)

جان جان هُئِي جِيئَرِي، وِرچِي نہ وِينِي،
وِجي پون پِينِي، سِڪَندي ڪي سَجَٽين.

سهٽي جيسين جيئري هئي، تيسين ڪڏهن بہ ڪڪ تي ويهي نہ رهي. سپرينءَ لاءِ سڪندي، نيٺ وڃي پاتار ۾ پيئي.

(19)

سانوَڻَ لَهرِيُون، تُـرَ واري، تِرَ وارَ،
اِنهان ئِي اَپارَ، مُون سين پَلي پالَ ڪيا.

سانوڻ جي رت ۾ جيترين درياه جون لهرون آهن، تر جي واريءَ ۾ جيترا ڪڻا آهن، تن مڙني کان وڌيڪ يعني اَڪيچار پلايون مونسان پلي (پلاري) ڪيون آهن.

## وائي

اَڪيُون پيرَ ڪَري، وِججي، وو! وِججي.
سُپيرِيان جِي ڳالهڙِي، ڪنهن سان ڪِينَ ڪَجي،
لِڪائي لوڪَ کان، ڳُجهَڙِي ڳوٺِ نِجي،
مُحَبتِيءَ ميهارَ جو، سُورُ نہ ڪنهن سَلِجي.

پرينءَ ڏانهن ويجهي تہ اَکين کي پيير ڪري ويجهي. (اکين سان پنڌ ڪجي). محبوب جي پچار ڪنهن سان ڪين ڪجي. اُن کي ماڻهن کان لڪائي، پنهنجي ڳوٺ (نجهري يا گهر ۾) نجي. ساهڙ سپرينءَ جي سڪ جو سور ڪنهن سان بہ نہ سلجي. (شاهہ هميشه عشق کي اَندر ۾ سانڍڻ جي هدايت ٿو ڪري)

# سُر سَسُئي آبري

## سسئي ۽ پنهونءَ جو قصو

راجا دلوراءِ جي ڏينهن ۾، نائونءِ نالي هڪ ٻانيڻ، ڀانبور واهه جي پر ۾ رهندو هو. سندس زال جو نالو منڌر هو. پيريءَ ۾ کيس هڪ نياڻي ڄائي، جا سونهن ۾ سج ۽ چنڊ مثل هئي. قسمت سندس انگ هڪ اجنبيءَ سان لکي ڇڏيو هو. اِهو ڏسي، نائونءِ ۽ سندس زال هن ماٺڪ کي هڪ صندوق ۾ جڙي، ڪٽي درياهه حوالي ڪيو.

قضا سان اِها صندوق لڙهندي، ڀنڀور جي پر ۾، درياهه جي ڪناري لڳ پهتي. انهيءَ شهر ۾ محمد نالي هڪ هاڪارو ڌوٻي رهندو هو، جنهن کي 'لالا' به چوندا هئا. سوين ڪاريگر وٽس ڪم ڪندا هئا. هو به اولاد جو سڪايل هو. اِها پيتي سندس ڪاريگرن آڻي سندس اڳيان رکي. صندوق ۾ هي ملوڪ ٻار ڏسي، هو خوشيءَ ۾ مست ٿي ويو. ٻار کي گود ۾ ورتائين ۽ مٿس 'سسئي' نالو رکيائين، جنهنجي معنيٰ آهي 'چنڊ' سسئي ٿوري وڏي ٿي ته ڌوٻيءَ سندس لاءِ هڪ عاليشان گهر اَڏايو، جنهن ۾ هوءَ صبح ۽ شام پنهنجين سهيلين سان پيئي ٽلندي هئي.

اُن زماني ۾ ڪيچ مڪران جا قافلا، واپار سانگي، ڀنڀور ۾ ايندا هئا. ڪن ماڻهن وڃي پنهونءَ سان سسئيءَ جي سونهن جي ساراهه ڪئي. پنهون به سندس حسن جي هاڪ سڻڻ سان، مشڪ ۽ عنبر ساڻ ڪٽي، قافلو سنياهي اچي ڀنڀور نڪتو. سسئي به قافلي جو ٻڌي سهيلين سان گڏ ڪٿوريءَ جو

سودو ڪرڻ ويئي. هڪ ٻئي کي ڏسڻ سان ٻنهي جو پاڻ ۾ پريت جو پيچ پئجي ويو.

سسئيءَ هڪ سهيليءَ سان پنهنجي دل جو حال اوريو. انهيءَ وچي پٽس سان ڳالهه چوري، پر ڌوٻيءَ سڱ کان انڪار ڪيو ڇو تہ پنهون پرديسي هو ۽ سندس ذات جو نہ هو. سهيليءَ بهانو ڪري چيس تہ، "پنهون بہ ذات جو ڌوٻي آهي. جي اعتبار نہ اچيو تہ آزمائي ڏسوس." محمد اِها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ پنهونءَ کي هڪ ڪيپ ڌوئڻ لاءِ ڏنائين. پنهونءَ جا نفيس هٿ، ڪپڙن سٽيندي ڇلجي پيا ۽ ڪپڙا بہ ڦاٽي ٽهبارون ٿي پيا. پنهونءَ کي ملول ڏسي، سسئيءَ چيس تہ "فڪر نہ آهي. هر هڪ ڪپڙي جي تهہ ۾ هڪ اشرفي وجهي ڇڏ تہ پوءِ ڪنهن وٽان بہ شڪايت نہ رسندي".

آخر ٻنهي جي شادي وڏي ڌوم ڌام سان ٿي. شاديءَ کانپوءِ، پنهونءَ وطن ورڻ جو خيال ئي دل تان لاهي ڇڏيو. سندس پيءُ چنري سارو حال وڃي پيءُ آري ڄام سان ڪيو، جو ٻڌندي ئي بيحال ٿي پيو. پوءِ سندس ٽن پٽن چنري، هوتيءَ ۽ نوتيءَ کيس دلداري ڏيئي چيو تہ، "پنهونءَ کي ڪنهن بہ دستور ساڻ وٺيو ٿا اچون".

جڏهن ٽيئي خان ڀنڀور ۾ پهتا، تڏهن سندن گهڻي مرحبا ۽ خاطرداري ٿي ۽ ڪيئي ڏينهن مجلسون جاري رهيون. هڪ رات مجلس ۾ پنهونءَ جا پائر، کيس شراب ۾ الوٽ ڪري، اَڌ رات جو اٺ تي ڪٽي ڪيچ ڏانهن وريا.

سسئي اُن وقت ننڊ ۾ هئي ۽ کيس صبح جو جڏهين ساريءَ ماجرا جي ڄاڻ پيئي، تڏهين زارو زار روئي، ڀنڀور سان سيً لاڳاپا لاهي، اڪيلائي اَڪيلي، پنهونءَ جي پنيان برپٽن، جبلن ۽ جهنگلن ۾ ڪاهيندي هلي. جڏهين پب جبل وٽ پهتي، تڏهن اڃ ۽ ٿڪ کان ماندي ٿي ڪري پيئي. ڌڻيءَ جي قدرت سان اُتي هڪ صاف پاڻيءَ جو چشمو پئدا ٿيو. پنهنجي اُڃَ اُجهائي، سسئي وري سفر تي هلي. هاڙي جبل وٽ

ڦوڙ نديءَ جي اُٿل ڏسي نهايت مايوس ۽ درماندي ٿي. نيٺ پنڌ ڪندي, واپس اچي ماباڙ نئن جي نزديڪ پهتي. اُتي پريان هڪ پهاڙ تي هڪ پهنوار جي جهوپڙيءَ تي نظر پيس. اُتي وڃي هن ڪان, پنهونءَ جو ڏس پڇيائين. پهنوار جو ڪيس ڏسڻ ۾ مٿس مست ٿيڻ. سسئيءَ سندس بد ارادو ڏسي, ڌڻيءَ در ٻاڏايو. ستار سندس ستر ڍڪيو. پهاڙ ڦاٽو ۽ سسئي اندر پيهي ويئي. پهنوار اِهو ڪرشمو ڏسي, نهايت پشيمان ٿيو ۽ ڌڻيءَ در توبهہ زاري ڪري, اُتي هڪ قبر ٺاهي, اُن جو مجاور ٿي ويهي رهيو. هوڏانهن پنهونءَ جو خمار لٿو تہ ياڻرن ڪان پڇي, پنيور ڏانهن واپس وريو. واٽ تي اُنهيءَ قبر تي نظر پيس ۽ اُتي چنيءَ پاند ڏسي, دل ۾ سنسو جاڳيس. پوءِ پهنوار کيس سربستو احوال ڪري ٻڌايو. پنهونءَ زارو زار روئي ڌڻيءَ در سوال ڪيو تہ "اي رب! تون وڇڙين ڪي ملاءِ." ڌڻيءَ سندس سوال قبول ڪيو. وري پهاڙ ڦاٽو ۽ پنهون وڃي سسئيءَ سان هميشه لاءِ هڪ ٿيو.

شاهہ, سسئيءَ تي سچا را پنج سُرَ چيا آهن: 'سسئي آبري', 'معذوري', 'ديسي', 'ڪوهياري' ۽ 'حسيني'. سيني سرن ۾ سسئيءَ جي ڏاکڙن ۽ ولايت جو احوال آهي.

"آبري" لفظ "آٻري" (ڪمزور يا ناتوان) جي مٿيل صورت آهي. هن سر ۾ سسئيءَ جي ضعيفائيءَ جو ذڪر آيل آهي. اِنهيءَ ڪري ئي هن سر کي اِهو نالو ڏنو ويو آهي.

(1)

مُحَبَّتَ سَندو. مَنَ ۾، پُرِ پِيالو جن،
پِيَنِّ پَرَچاءُ ناهِ کو، ڪنهن جنهن ڏاهِ ڏِيَنِ،
تنهن نِهايَتَ ناهِ ڪا، جنهن سُچا سُجَ وجن،
تيلان اُجَ مَرَنِ، سَدا سائِرَ سِيرَ ۾.

جن جي اندر ۾ محبت جو تار پيالو آهي (جن جي سڪ تار آهي)، سي اهڙي ڪنهن مچ ۾ پيا جلن، جو سندن جيءَ کي فرحت ئي ڪانهي. جنهن سيج (ويرانيءَ) مان هي سچا (عاشق) پنڌ پيا ڪن، تنهنجي ڪا پڄاڻي ئي نہ آهي. هو سدائين ساگر جي سير ۾ آهن، تنهن هوندي بہ اُڃَ پيا مرن.

(2)

پاڻيءَ مَنجهِ جُهوپڙا، مُورَکَ اُجَ مَرَنِ،
ساهان اوڏو سُپِرِين، لوچي تان نہ لَهنِ،
دَمُ نہ سُڄاڻَنِ، دانهوُن ڪن مُنَنِ جئن.

پاڻيءَ جي ويجهو جهوپڙا اڏي بہ مورک اُڃ پيا مرن. محبوب ساهہ کان بہ ويجهو آهي، پر هو هن کي ڳولي نہ ٿا لهن. هنن کي پنهنجي پساهہ يا جان جي پرواهہ نہ آهي، رڳو وتن مُنلن جيان دانهون ڪندا.

(3)

هِتان ڪَڍِي هُتِ، جن رَکيو سي رَسِيُون،
ساجَنُ سُونهَن سُرتِ، وِڪان ئِي ويجهو گهڻو.

جن پنهنجو چِتُ هتان (هن دنيا تان) ڪڍي، هُت (حقيقي پرينءَ يا آخرت ڏانهن) ڪيو سي وڃي ترت منزل تي رسيون. ساجن

(ڏٺي)، جو سراسر سونهن (حسن ڪمال) ۾ سچو سُرت (عقل ڳُل) آهي، سو وک ڪان بہ ويجهو آهي.

(4)

سَدائِتي سَيَڪا، ٻُڪَ نہ باسي ڪا،
جيهِيءَ تيهِيءَ ذاتِ جِي، جُنبَشِ ڪانهي جا،
مون سين هَلي سا، جا جِيُ مِنو نہ ڪَري.

سڏ ڪندڙ هرڪا آهي، پر ٻُڪَ (طلب) ڪابہ نہ ٿي قبولي. جهڙي تهڙي طالب ڪي هن پنڌ ۾ هلڻ جي مجال نہ آهي. مون (سسئيءَ) سان گڏ اُها هلي، جا پنهنجي جان پياري نہ سمجهي.

(5)

پيهِي جان پاڻَ ۾، ڪَيَمِ رُوحَ رِهاڻِ،
تہ نڪو ڏُونگرُ ڏيهَ ۾، نڪا ڪيچِيُنِ ڪاڻِ،
پنهون تِيَسِ پاڻ: سَسُئِي، تان سُور هُئا.

جان ئي مون پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي، پنهنجي روح سان رهاڻ ڪئي، تان ئي ڏسڻ ۾ آيم تہ نہ جهان ۾ ڪو جبل آهي، نہ ئي وري مون کي ڪا ڪيچين جي غرض آهي. جيسين سسئي هيس (جيسين پاڻ کي الڳ هستي پانيم) تيسين وڇوڙي جو درد هو پر جڏهن پنهنجو وجود وڃايم، تڏهن پاڻ ئي پنهون ٿي پيس.

(6)

ڪاڪُلَ کُنِي جا، ڪَفَنُ تنهن کِينَ ٿئي،
منَجهہِ شهادَتَ سا، لُڏي ۽ لاڏَ ڪري.

جا وارن (زلفن) جي ڪنل آهي، تنهن کي ڪفن نہ ٿو ملي. هوءَ شهادت جي سهڻي جامي سان اڳيئي سينگاريل آهي.

(7)

وينـي وَر نہ پَوَنِ، سُتي مِلَنِ نہ سُپرِين،
جي مَتي رَندَنِ رُئِن، ساڄَنُ مِلي تن کي.

سپرين ويني حاصل نہ ٿا ٿين، نڪي سُتي ٿا ملن. جانب اُنهن کي ٿو ملي، جي واٽن تي رئندا ٿا رهن.

(8)

اَچي عِزرائِيلَ، سُتي جاڳائِي سَسُئِي،
تِي دوڙائي دَلِيلَ، تہ پنهونءَ ماڙهو موڪليو.

عزرائيل اچي ستل سسئيءَ کي سجاڳ ڪيو تہ بہ هوءَ اِهي ئي خيال پيئي ڊوڙائي تہ مون کي پنهونءَ ڪو پانڌي موڪليو آهي.

(9)

مُنڪَرَ ۽ نَڪيرَ ڪـي، جـڏهـن ڏِٺائِين،
اڳيان اُتِـي اُنِ ڪـي، پُنهـون پُڇيائِين،
اَدا اِتائين، ڪو وِيو ساٿُ سَڄَڻَ جو؟

سسئيءَ جڏهن قبر ۾ حساب پڇندڙ فرشتن منڪر ۽ نڪير کي ڏٺو تڏهن اُتي انهن کان پڻ پنهونءَ جو احوال پڇيائين. چي: آدا! هتان ڪو پرينءَ جو قافلو لنگهيو؟

# سُر معذوري

’معذوري‘ عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي بيحال يا ضعيف. هن سُر ۾ سسئيءَ جي عاجزيءَ جو احوال آيل آهي. هوءَ پنهونءَ جي سڪ ۾ سچ مان سٿون ڏيندي پيئي ويچي، سندس حال هيٺو آهي. هن سُر ۾ شاهه صاحب طالب جي ڪشالن جو ذڪر ٿو ڪري. ڪيس نفس ٿو ستائي، پر هو مرشد جي صورت اڳيان رکي، سيني حرصن تي غالب ٿو پوي. سندس اڳيان هڪ ئي مقصد آهي: پرينءَ ڪي ملڻ. نينهن واري لاءِ جبل هڪ نوڙ (ميدان) ٿيو پوي.

پرينءَ لاءِ پنڌ ڪرڻ هن لاءِ سعادت آهي. ارڏا ڏونگر هن لاءِ ڪابه هستي نه ٿا رکن، بلڪ اُهي هن لاءِ ڏولي آهن. ”اُهو هرگز نه ٿو مري، جنهن جي دل عاشق سان زنده ٿيل آهي. اسان جو نالو هميشه لاءِ دنيا جي دفتر ۾ اُڪريل رهندو.“

سسئيءَ جو نالو به اِنهيءَ ڪري اَمر آهي، جو هوءَ عشق ۾ فنا ٿي ويئي.

(1)

سَپِ نَنگِيُون تِي نِڪرو، لالَچِ ڇڏي لوڀِ،
سُپيرِيان سين سوڀَ، ننڍُون ڪَندي نہ ٿِئي.

اوهين سڀ ويس وڳا ڇڏي، بي حجاب ٿي نڪرو. پرينءَ کي هٿ ڪرڻ جي ڪاميابي ننڍن ڪرڻ سان نہ ٿي پڙ پوي.

(2)

ڪَندا مُون پيرَنِ ۾، توڙي لَڪَ لَڳَنِ،
آگُرِ آڱُوٺي نہ مِڙي، ڇپُون پيرَ ڇڻَنِ،
ويندي ڏانهن پِريَنِ، جُتِي جاتِ نہ پائِيان.

توڙي منهنجي پيرن ۾ لکين ڪنڊا لڳن ۽ پهاڙ منهنجا پير اِئين پٽون ڪري ڇڏين، جو آڱر آڱوٺي سان نہ مڙي، تہ بہ پرينءَ ڏانهن پنڌ ڪندي، مان پيرن ۾ جتي پٽيءَ نہ پائيندس.

(3)

جُتيون سي پائِيندِيُون، جنين پيرَ پِرِينِ،
لاٿيُون سَپِ پَرين، سَسُئِي سُپيرِيُنِ کي.

جتي اُهي پائيندون، جن کي پنهنجا پير پيارا آهن. پرينءَ ڪاڻ سسئيءَ سموريون ريتيون ۽ رواج ترڪ ڪري ڇڏيا.

(4)

مَرِي جِيُ تہ ماڻِئين، جانِبَ جو جَمالُ،
تِئين هوُندَ حَلالُ، جي پَنَڌِ اِهائِي پارِئين.

پاڻ کي فنا ڪري، بقا ۾ رهہ تہ محبوب جي حسن جو مشاهدو ماڻين. جي انهيءَ هدايت جي پيروي ڪرين تہ جيڪر جانب وٽ قبول پوين. (جيئري مر تہ معشوق سان ملين.)

(5)

مَرڻان اَڳي جي مُئا، سي مَري ٿِيَنِ نہ ماتِ،
هوندا سي حَياتِ، جِئڻان اڳي جي جِئا.

جي مرڻ کان اڳي ٿا مرن، سي هرگز نہ ٿا مرن. اُهي هميشه جيئرا (امر) رهندا. جن هميشه جي جيئڻ (روحاني جهان واري حياتيءَ) کان اڳ ئي هتي اُها حياتي هٿ ڪئي آهي.

(6)

اُونچو اُتاهون گهَٽو، جِيئڻَ کي جَبَلُ،
مَرَڻَ! مُون سين هَلُ، تہ پُٺِيءَ تو پَنڌُ ڪَرِيان.

جيئڻ (جي سڌ رکندڙن) لاءِ ئي جبل اوچو ۽ اُتاهون آهي. اي موت! تون مونسان همراهہ ٿيءُ تہ تنهنجي رهبريءَ هيٺ هلان.

(7)

توٽي وِلاڙوُن ڪَرِين، توٽي هَلِين وِکَ،
لِکِئي مَنجهان لِکَ، ذَرو ضايَع نہ ٿِئي.

توڙي سَٿون ڏين يا وکُون ڪٽين هلين، تہ بہ جيڪي تقدير ۾ لکيل آهي، تنهن مان ذرو بہ نہ تو ميسارجي.

(8)

ڏُکِيءَ سَندِيُون ڏُونگرين، وَڻَ ٽِڻَ وايُون ڪَنِ،
وَٽان ويهِي جَنِ، وَڍِيءَ سي واڍوڙِيا.

ڏونگرن ۾ وڻ ٽڻ بہ هن ڏکيءَ جون پچارون پيا ڪن. هن وڍيل (سسئيءَ) وٽن وٽ ويهي، ڪين پنهنجي سوز سان وڍي وڌو.

(9)

وَڍِيَلِ تي وايُون ڪَري، ڪُنَلِ ڪُوڪاري،
هُنَ پَنَ پنهنجا سارِيا، هِيَ هَنجوُن هَڏِنِ لَءِ هاري.

وڻ مان وڍيل ڪاٺي (بينَ) ورلاپ پيئي ڪري ۽ درد جي

ڪنل سسئي ڪُوڪارون ڪندي وتي. بين پنهنجا ساوا ماڳ پيئي ساري ۽ سسئي پنهنجي پرينءَ لاءِ نيڻن مان نير پيئي وهائي.

(10)

آئُون نہ گڏِي پِرينءَ کي، سَهَسين سِجَ ويا،
هَلَڻَ ويرَ هِئان، ديکي شالَ دَمُ ڏِيان!

سهسين ڏينهن گذري ويا آهن تہ پرينءَ سان منهنجي گڏجاڻي نہ ٿي آهي. شل هتان (هن جهان مان) هلڻ وقت، کيس ڏسي ساهہ ڇڏيان.

(11)

آئُون نہ گڏِي پِرينءَ کي، پويون ٿِيو پَساهُ،
سِڪان ٿِي سَڪِراتَ ۾، رويو پُڇان راهُ،
شالَ مَ وَڃِيمِ ساهُ، ڏاران پَسَڻَ پِرينءَ جي.

منهنجو هينئر پويون دم آهي، پرپرينءَ سان مڪاميلو نہ ٿيم. پوين پساهن ۾ بہ پنهونءَ لاءِ سڪان پيئي، ۽ هنجون هاري، سندس واٽ پيئي پڇان. شل پرينءَ جي درشن (ديدار) ڏاران منهنجي جان نہ نڪري.

(12)

رُڄُڻِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَر ڪوَل جي ڪُوڪَ،
وَلوَلو ۽ ووڪَ، اِيَ تان آهَ عِشقَ جي.

رڻ پٽ ۾ سسئيءَ جو آلاپ اِئين آهي، جئن ڪوئل پکيءَ جي ڪُوڪ. هي ورلاپ ۽ هيءَ دانهن نسوري عشق جي آهہ آهي.

(13)

رُڄُڻ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ سارَنگِيءَ سازُ،
اِيُ عِشقَ جو آوازُ، ماڙهو رَڳِن مُنڍَ ٿي.

رُڄن ۾ سسئيءَ جي پڪار اِئين پيئي لڳي، ڄڻ سارنگيءَ جو منو آواز اِهو نينهن جو آلاپ آهي، پر ماڻهو اُن کي هڪ عاجز (عورت) جو ورلاپ ڪري ٿا سمجهن.

# سُر ديسي

’سر ديسي‘ هڪ راڳڻي آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن زالن مان هڪ آهي ۽ منجهند جو ڳائبي آهي. هن سر ۾ سسئيءَ جي پڪي اِرادي ۽ واٽ جي مونجهارن جو وستار آهي. شاهه هن سر ۾ سسئيءَ کي نهايت نازڪ انداز ۾ سندس ننڍ لاءِ ڏوراپا ڏنا آهن.

سسئيءَ کي ڏاگهن، ڏيرن ۽ ڏونگرن تنهي جي ڏُک ڏنا آهن، تن کي هوءَ هوت کي ملڻ کارڻ سک ٿي سمجهي. چانگن کي زنجيرن جئن چوٽيءَ سان جڙي ها ته سندس پنهون هئن پاڻ سان نه نين ها. پنهنجن وارن سان گورن (اُٺن) جا گوڏا ونگي چڙي ها ته هوند هيئن لڪن جا لوڏا نه سهي ها! اِها شاهه جي سهڻي نازڪ خيالي آهي.

سيڻ ديسي ڪجن: پرديسي ڪهڙا پرين؟ پرديسي ڪنهن ڏينهن لڏي، پنهنجي ديس هليا ٿا وڃن، پوءِ پنيور کان بس آهي. هو دم به نه دميندا، تو وٽان پنهون وٺي ساٿيهه ڏانهن سڏاريندا. ڏيرن جا گورا به پنهنجي گام ٿا وڃن، پنهنجا نيٺ پنهنجا آهن ۽ ڏاريا نيٺ ڏاريا. سسئي ته به اها دعا پيئي ڪري ته ”شل آريچن کي ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي.“ ڪيس آريءَ جو واس وڻ وڻ مان پيو اَچي. مرون سندس ماس کائيندا ته به سندس هڏا هوت ڏانهن هلندا.

(1)

ڏاگهَنِ، ڏيرَنِ، ڏُونگرَنِ، ٿِنهِي ڏِنمِ ڏُکَ،
سي سَپِ پانيَمِ سُکَ، هيڪاندِ ڪارَڻِ هوتَ جي.

اُنن، ڏيرن ۽ پهاڙن، ٿنهي مون کي عذاب ڏنا آهن. اِهي مڙيئي سُور، پرينءَ جي ميڙائي ماڻڻ ڪاڻ سُکَ ڪري سمجهيم.

(2)

اگَڻَ مَٿي اوپِرا، جڏهن ڏاگها ڏِٺءِ ڏينهَن،
وَنِي سَڙَڪَ، سَسُئِي! ويهُ وِهاڻِيءَ سيئَن،
چوٽِي سين چانگَنِ کي، جَڙِ زَنجيرُن جيئَن،
تہ هوتُ تنهنجو هيئَن، هوندِ پُنهون نيائُوَن نہ پاڻُ سِين.

اي سسئي! جنهن ڏينهن پنهنجي پڌر ۾ ڏاريا اُٺ ڏٺئي، تڏهن جيڪر واٽ وٺي، اسر تائين سندن دگ جهلي بيهين ها. پنهنجي چوٽيءَ سان اُنن کي زنجيرن جيان جڪڙي ڇڏين ها ته تنهنجو پرين هيئن پاڻ سان ڪٺي نہ وڃن ها.

(3)

ديسِي سيڻَ ڪَجَنِ، پرديسي ڪهڙا پرِين؟
لَڏِيو لاڏُوٽا ڪَيو، پَنهنجي ديسِ وَڃَنِ،
پُجاڻان پرِينِ، ڪَجي بَسِ پَنيورَ ڪان.

نينهن، ڏيهي دلبرن سان ڳنڍجي، پرديسي ڪهڙا سپرين ٿيندا؟ هو ٿمر پڌيو پنهنجي ساٿيهہ ڏانهن لڏيو وڃن. پرينءَ جي وڃڻ کان پوءِ پنيور کي هميشه لاءِ الوداع ڪجي. (پنيور کان هميشه لاءِ موڪلائجي.)

(4)

لڏيندي لِباسُ، جَتَنِ جيڏو ئِي ڪَيو،
اَچي آريءَ جامَ جو، وَڻ وَڻ مَنجهان واسُ،
مِرُون ڪِيَنِمِ ماسُ، هَڏَ هَلندا هوتَ ڏي.

پنهور مان لڏيندي، جتن وڏو ئي دولاب ڪيو. مون کي وڻ وڻ منجهان پنهون جام جي سرهاڻ پيئي اچي. منهنجو ماس جانور کائي کپائي ڇڏين، تہ بہ منهنجا ڪرنگها (هڏا) پرينءَ ڏانهن پنڌ ڪندا هلندا.

(5)

اُٺَ ويرِي، اوٺارَ ويرِي، ويرِي ٽِيَڙَمِ ڏيرَ،
چوٿون ويرِي واءُ ٿِيو، جنهن لَٽيا پنهونءَ پيرَ،
پَنجون ويرِي سِجُ ٿِيو، جنهن اُلهِي ڪِي اَويرَ،
ڇَهون ويري ڇپَرُ ٿِيو، جنهن سَنوان ڪَيا نہ سيرَ،
سَتون ويرِي چَندُ ٿِيو، ڪِڙِيو نہ وَڏِيءَ ويرَ،
واهيري جِي ويرَ، ڇُلوُن ڪَرِيان ڇَپَرين!

منهنجا ويري هڪڙا اُٺَ، ٻيا جت ۽ ٽيان ڏير ٿيا. چوٿون ويري واچوڙو ٿيو. جنهن پنهونءَ جا پير دز سان لٽيا. پنجون ويري سج ٿيو. جنهن لهڻ ۾ دير ڪئي. ڇهون ويري پهاڙ ٿيو. جنهن پنهنجا لنگهہ ۽ پيچرا سنوان (سڌا) نہ ٻيهاريا. ستون ويري چنڊ ٿيو جو ساجهر ئي نہ اُڀريو. سنجها جو (پکين جي آکيري ڏانهن ورڻ ويل) جبل مان ڇُوهہ مان سَٽون ڏيندي ٿي وڃان.

(6)

ڪيچان اوري ڪيترِيُون، مَعذُورِيُون مُيُون،
واٽُون وِيهہ ٿِيُون، ڪَهُ جاڻان ڪيهِي ويا؟

ڪيچ جي اوريان ڪيتريون ئي ويچاريون مري فنا ٿي ويئون. ڪيچ ڏانهن ويهہ واٽون آهن، مون کي ڪهڙي ڪل تہ ڪهڙي واٽ وٺي ويا.

(7)

مُون يانيو مُون وٽِ، هَميشهَ هوُندا پِرينِ،
ويڙهو ڏيئِي ويڪِرو، پَهرِي وِيا پَٽِ،
ساهُ جِنيِن جي سَٽِ، وِڪِيُمِ تي وَٽِڪارِ ۾.

مون يانيو تہ منهنجا سپرين سدائين مون سان گڏ هوندا. هُو تہ وڏي گوهي ڏيئي، برپٽ ۾ غائب ٿي ويا، جن جي سودي ۾ وٽڪار منجهہ پنهنجي جان بہ ٿي سهسايم.

(8)

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرَنِ وَرُ وَڏو ڪَيو،
نِهاريندِيَسِ نِڪرِي، بوٿَنِ ڪارَڻِ بَرُ،
آڏو ٿَڪَرَ ٿَرُ، مَتان روهَ رَتِيوُن ٿِئين!

ڀتار ۾ ڪوڏِنگ (قيرو) ڪونهي، پر ڏيرن وڏي ڏنگائي ڪئي. مان برپٽ ۾ نڪري، اُنن کي ڏوريندي‌يس. اي ٿڪر! منهنجي اڳيان هٽي پاسو ڪر، متان اي پهاڙ! تون ڀڄي ڪٽا ڪٽا ٿي پوين!

(9)

وارو! وَرُ وَنِي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏمَرُ،
هاڻي ٿِيو حَشَرُ، پُنا قَولَ قِيامَ جا!

افسوس! منهنجا ڏير جوش ۾ اچي منهنجو ڀتار ساڻ وٺي ويا. هاڻي قيامت ٿي ويئي ۽ اُن جا سڀ نشان هينئر پوريءَ طرح پڌرا ٿي چڪا آهن.

(10)

پَرِٿَن جي پاڙي، جاڙَ گُذارِيُمِ جيڏِيوُن!
جِنين مُون کي مارِيو، سُورَنِ سينَ ساڙي،
اِرادي آٽي، سانگِيُنِ سين سَگُ ڪَيو.

اي سرتيون! مون ڏوٻين جي ويڙهي ۾ ناحق گذاريو، جن من کي سور ڏيئي جلائي ماريو. ياڳ اَچي منهنجو پيچ سانگي سان آيلن يا سفر ڪندڙن (جتن) سان اڙايو.

(11)

سَمَرُ جنين نہ سانُ، هوتُ حِماتِي تن جو،
ڪَري چيجَ چَپَرَ ۾، پنهون اِيندو پانُ،
تِيندِي رِيجَهہ رِهانِ، لَحظي مَنجهہِ لَطِيفُ چئي.

جن کي ڪو اِسباب ساڻ ناهي، تن جو سڄڻ واهُرو آهي. پنهون پاڻ جهمر هٽي، اچي جبلن ۾ وارد ٿيندو. پوءِ هڪ ساعت ۾ ورونهن ٿي ويندي.

(12)

سَسُئيءَ لَنگهِيو سو، مَردَ جنهن ماتُ ڪيا،
جَبَلُ وَڏو جو، نوُڻِ مِڙوئِي نِينهَن کي.

سسئيءَ اُهو پهاڙ پار ڪيو جنهن جُنگ مڙسن کي بہ نهوڙيو چڏيو. اُتاهون جبل بہ نينهن وارن لاءِ هڪ لسو پٽ آهي.

(13)

ماڻِڪُ مِٺُ سَندومِ، اونداهيءَ ۾ سوجهِرو،
حَشَرَ ويلَ حِسابَ ۾، ڇَڏي نہ ويندومِ،
سارِيو سَڏُ ڪَندومِ، ڪوهِيارو ڪيچَ ڌَڻي.

ماڻڪ جهڙي پنهونءِ سان منهنجو سڱ آهي، جو اونده ۾ روشني ڪيو ڇڏي. قيامت ڏينهن حساب جي وقت، هو مون کي ڇڏي نہ ڏيندو. ڪيچ جو سائين مون کي اُتي سنڀاري سڏيندو. (هتي پيغمبر صاحب ڏانهن اِشارو آهي، جو قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندو.)

(14)

پنهونءَ سين پريتِ جو، کو جو پيچ پِيومِ،
پَنيي هِنَ پَنيورَ ۾، وِهَڻُ وِهُ ٽِيومِ،
مَتيون موٽَڻَ سَنڍيون، ڪاڪِيون! ڪيمَ ڏِيومِ،
سَرَتِيون! ساهُ سَندومِ، ٿِيو حوالي هوتَ جي.

پنهونءَ سان محبت جو آهڙو ڪو پيوند پيو آٿم. جو هن بدزيبي پنيور ۾ وهڻ ئي زهر ٿي پيو آٿم. اي آديون! مون کي واپس ورڻ جون نصيحتون نہ ڏيو. اي سرتيون! منهنجي جان هينئر پرينءَ کي پرتل آهي.

(15)

بَرُ مِڙوئِي بُوءِ، ڇَپَرَ ڇا ٿون مُڪِيون،
بَهِ بَهِ ٿي پَنيورَ ۾، هَنڌَ مِڙيئِي هُوءِ،
راٽِيُنِ وَرِي رُوءِ، گوندَرَ لَٿا گولِئين.

رڻ مڙوئي خوشبوءِ سان واسجي ويو ۽ پهاڙن مان سڳنڌيون آيون. پنيور ۾ رونق لڳي ويئي ۽ مڙيئي ماڳ سرها ٿي ويا. راٽين جا منهن سرها ٿيا ۽ ٻانهين جا غم ميسارجي ويا.

(16)

جَتَنِ سان جانڪُون، سَرِتَيون! مُون سَگُ ٿِيو،
ڪَري ڪوهِيارو وِيو، تَنُ ڇِني تانڪُون،
آئُون پڻ تَڏانڪُون، اَڏَ ڏُکوئِي آهيان.

اي سرتيون! جڏهن کان مون جتن سان سڱ ڳنڍيو تڏهن کان پنهونءِ منهنجو تن تهبارون ڪري ويو آهي. اُنهيءَ وقت کان وٺي مان اَڌ ڪٽل آهيان. (وڇوڙي جي وڍ کان سِير ڏنل پکيءَ جيان پيئي ٿڙڪان.)

# سُر کوهِياري

’کوهه‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’جبل‘ ۽ اِنهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي تہ هي جابلو ماڻهن جو رچيل آهي. سنڌ ۽ پنجاب ۾ هي سُر گهڻو ڳائڻ ۾ ايندو آهي ۽ نهايت درد ۽ ميناج وارو آهي. هن سر ۾ پهاڙن جي پنڌ جو بيان ۽ ڏونگرن جي ڏاکڙن جو احوال ڏنل آهي. اِنهيءَ لحاظ کان اِهو نالو مٿس رکيو ويو ٿو ڏسجي. هن سُر ۾ سسئيءَ جو مثال وٺي، شاهہ ننڊ تي ملامت هنئي آهي ۽ عاشقن کي سجاڳيءَ لاءِ تاڪيد ڪئي اٿس.

سسئي رات جو ذرو بہ نہ جاڳي ۽ رڳي ننڊ ڪيائين. اِنهيءَ ڪري هاڻي روز راهہ ۾ رلي رهي آهي. توڏا تنواريندا هليا ويا، هاڻ سندس مرڪ آهي، پڇي ساٿ سان مرڻ. ”اي آٿاسي! تون ڪيئن ٿي اوجهرين! هو ڇپاتا چڙهي وڃي توڙ پهتا. هاڻ تون نيڻن مان ننڊ اُکوڙ مٿان وڻن ۾ واڪا ڪرڻا پونئي.“

جي پير ڏکيا ڪري سُتيون، تن کي ساٿ ستيئي ڇڏي ويو. سمهڻ، ڪميڻن جو ڪم آهي. ڏونگر سسئيءَ سان اِئين ڏاڍايون ٿو ڪري، جئن واڍو وڻ وڍي. اُن جي روح ۾ ذرو بہ رحم ڪونهي. پهڻن سندس پير پٿون ڪيا آهن ۽ ترِيون چنيون آهن. جبل ساڻس جاڙون ڪيون آهن. جن جا هوت وڃن، تن کي تہ پاڻ گهڻو پڇجي، پر ڏونگر وٽ اهڙو دلاسو ڪونهي.

(1)

اِيُ ڪَمُ ڪَميٽِيَنِ، جئَن سُمَهَنِ پيرَ ڊِگها ڪَري،
لوچِين چو نہ، لَطيفُ چئي، هارِي! لَءِ هو تَنِ؟
نِندان نِياڳِينِ ڪي، اوياﻻ اَچَنِ،
سي پُنهون ڪوهُ پُڄَنِ؟ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهي.

پير ڊگها ڪري سمهي پوڻ، اهو ڪميٽين (نالائق طالبن) جو وڙ آهي. اي وسوڙيا تون چو نہ ٿي پرينءَ جي ڳولا ڪرين؟ ننڊن جي ڪري اياڻين تي عتاب ٿا اچن. جي سوير سج لٿي ئي وڃيو ننڊون ڪن، سي ڇو ٿيون پنهونءَ (حقيقي محبوب) جي طلب ڪن؟

(2)

سُتينءَ سَنجهيئِي، مُنهُن ويڙهي مُئَنِ جئَن،
اوجاڳو اَڪِيُنِ ڪي، ڄاتوءِ نہ ڏيئِي،
هَتان تو پيئِي، تِي ڪَڇو ڪيچِيُن ڪي ڪَرِين!

تون سج لٿي سوير ئي مئلن مثل منهن ڍڪي سمهي رهينءَ. اکين کي اوجاڳو ڏيڻ تہ تو ڄاتوئي ڪين. خطا تو کان ٿي، ڏوھہ ڪيچين تي ٿي مڙهين!

(3)

ڏُونگَرَ! تون ڏاڍو، ڏاڍا! ڏاڍايون ڪَرين،
مُون تَنَ اَندَرِ تيئَن وَهِين، جئَن وَڻُ وَڍي واڍو،
اِي ڪَرَمَ جو ڪاڍو، ناتَ پَٿَرِ ڪيرَ پَنڌ ڪَري؟

اي جبل! تون نهايت ڪنور آهين. اي سنگدل! تون ڏاڍا ستم تو ڪرين. تون منهنجي جسم ۾ ائين ٿو وڍ وجهين، جئن واڍو وڻ کي چيري ٿو. هيءَ تقدير جي ڇڪ آهي، نہ تہ هوند جبلن ۾ ڪير پنڌ ڪري؟

(4)

ڏونگرَ! ڏوراپو، پَهرِيون چَونديَسِ پِرينءَ کي:
"پَهَڻَ پيرَ پِٿون ڪَيا، تِريُون چِنيوُن تو،
رَحُم نہ پِيُءِ رُوحَ ۾، قَدُرُ مُنهنجو ڪو؛"
واڪو ڪَنديَس: "وو! مون سين جَبَلُ تو جاڙُون ڪَري"!

اي جبل! تنهنجي باري ۾ پرينءَ کي پهرين هيءَ شڪايت ڏينديس: "پهڻن منهنجا پير ڦٽي رتورت ڪيا ۽ تريون چني پوريون ڪري ڇڏيون. تو پنهنجي دل ۾ مون تي ذرو بہ ترس نہ آندو ۽ نہ منهنجو ڪو قدر ڪيءِ. مان ورلاپ ڪري چونديس تہ، "الا! مون سان جبل ڏاڍيون جٺيون تو ڪريون!"

(5)

ڏونگرَ! ڏُکوئِنِ ڪي، دلاسا ڏِجَنِ،
گهَڻو پُڇِجي تِنِ کي، جِنِ وَٽان هوتَ وَڃَنِ،
تون ڪيئَن سَندا تِنِ، پَهَڻَ پيرَ ڏُکوئِيين؟

اي جبل! ڏک جي ستايلين کي دلداريون ڏيڻ گهرجن. جن وٽان پرين هليا وڃن، تن سان گهڻيون پرچاڻيون ڪجن. اي پهاڙ! تون اُٽلو ڪئن تو اُنهن جي پيرن کي آزارين؟

(6)

ڏونگرَ! ڏُکوئِنِ ڪي، ٻُگلِ نہ سُڪا ٻُوڙها،
هو جي پَهَڻَ پَٻَ جا، سي پَڃِي تِيا پورا،
گوندَرَ جا گهوڙا، وڃن جانِ جُدا ڪَيو!

اي جبل! ڏکويلين جي ٻُگلن تان ٻُوڙها ئي نہ ٿا سڪن. هُو جي پَٻ جبل جا پٿر هئا، سي هنن جي اڳيان پڃي رتيون رتيون ٿي پيا. غمن جا لشڪر مون کي ماريو، مون کان جان ڇڏايو وڃن.

(7)

ڪي جي ڪَڊِيا پارَ، ڏُکِيءَ ڏونگرَ پاڻَ ۾،
سُٽِي سا تَنوارَ، مِرون پِيا ماٽِري.

ڏکن جي ماريل سسئي ۽ ڏونگر، پاڻ ۾ گڏجي، اهڙا ڪي پار ڪڍيا، جو اُنهن جي تنوار سُٽي، مرون به ماتم ۾ پئجي ويا.

(8)

بَئِي وينا روئِ، ڏُکِي ڏونگرَ پاڻَ ۾،
ڪنهنکي ڪِينَ چوڻِ، مَنجِهڻِ جو پِريتَڙو.

ڏکن جي ستايل سسئي ۽ جبل ٻئي گڏجي وينا پاڻ ۾ روئن ڪن، پر منجهڻ جا پنهنجائپ سمايل آهي، تنهنجو ذڪر ڪنهن سان نه ٿا ڪن.

(9)

ٽَپي ڪَندين ڪوهُ؟ ڏونگرَ! ڏُکوئِڻ ڪي،
تون جي پَهَڻَ پَبَ جا، تہ لِڳَ منهنجا لوهُ،
ڪَنهنجو ڪونهي ڏوهُ، اَمُرَ مون سين اِئن ڪيو.

اي جبل! تون ٽپي، ڏک جي ماريلين کي ڇا ڪندين؟ جي تون پب جو پهاڙ آهين ته منهنجا لڱ به لوهه جهڙا سخت آهيئي. انهيءَ ۾ ڪنهن جو قصور ڪونهي، اِها ڪار مون سان تقدير ڪئي آهي.

(10)

جيهِي جي تيهِي، تہ بہ ٻانهِي ٻاروچَڻِ جِي،
حُجَتَ هوتَ پُنهونءَ سين، مون ڪَميٽِيءَ ڪيهِي؟
اصل آريءَ ڄامَ جي، پَلي آئون پيئِي،
هُوءَ جا پائين پيرَ ۾، تنهن جُتِيءَ نہ جيهِي،
وِساري ويهِي، تن ڪيچِيُن کي ڪيئن رَهان؟

جهڙي جي تهڙي، تہ بہ ٻاروچن جي ٻانهي آهيان. مون ڪميڻيءَ جو هوت پنهونءَ سان ڪهڙو اختيار هلندو؟ اصل آءٌ آري ڄام (پنهونءَ) جي دامن ۾ پيل آهيان (آريءَ جي سام ورتي اٿم.) اُهي جا پيرن ۾ جتي ٽا پائين، مان تنهن جهڙي بہ نہ آهيان. مان ڪيچي سردارن کي وساري ڪيئن ويهي رهان؟ (طالب جو مرشد اڳيان عجز ۽ نياز.)

(11)

پَرتَوو پنهونءَ جو، سَهائِي، سياهُ،
مُنهُن ڏيئِي مون آئِيو، رَنگا رَنگِي راهُ،
پَهرين ڏيندا پاهُ، پوءِ رَڱيندا رَڱ ۾.

پنهونءَ (مرشد ڪامل) جي عڪس ۾ ڪڏهن چانڊاڻ آهي تہ ڪڏهن اونده. هيءُ گوناگون گس (طريقت جي واٽ) مون کي منهن ۾ آيو آهي. پهرين تہ مون کي تيزاب ۾ وجهندا (عذاب ڏيئي صاف ڪندا)، پوءِ اِلاهي رنگ ۾ رڱي لال ڪندا. (مرشد، طالب کي ڪاڙهي صاف ٿو ڪري ۽ پوءِ ڪيس رڱي لال ٿو ڪري)

(12)

رِءَ قَرِيبَنِ قُوتُ ڪَيو، وينِي وِرهَ ڇَران،
اِنَ عَذابان اڳهين، مادَرِ! ڇو نہ مَران؟
اَديون! جو نہ اُوهان، سو مان سُورُ سَرَتِيون!

پرينءَ کان سواءِ، مان برهہ يا درد کي پنهنجو کاڄ ڪري پيئي کاوان. اي امڙ! اِنهيءَ سور سهڻ کان اڳي ئي مان ڇو نہ ٿي مري ويس! اي سرتيون! جو درد اوهان کي ناهي، سوئي مون کي وڪوڙي ويو آهي.

(13)

حَقيقَتَ هِنَ حالَ جِي، جي ظاهِرُ ڪَريانَ ڏِري،
لَڳي ماٽِ مِرُنِ کي، ڏونگَرَ پَوَنِ ڏِري،
وَڄَنِ وَڻَ ٻَرِي، اوپَر اُپِري ڪينَ ڪِي.

جي مان هن عشق يا ورهہ جي حال جي رتيءَ جيتري بہ (ذري) پڌر ڪريان تہ مِرن ڪي سُن وٺي وڃي ۽ پهاڙن جو جگر بہ ڦاٽي پوي. وڻ سمورا جيڪر جلي خاڪ ٿي وڃن ۽ ساوڪ بنهہ ڪين اُسري.

# سُر حسيني

”حسيني“ هڪ نامياري فارسي ۽ عربي سُر جو نالو آهي ۽ ماتمي سر آهي. هن سر ۾ ڪربلا جي شهيدن سڳورن جا مرثيا ڳايا ويندا هئا. شاهه صاحب، هن سُر ڏانهن، ’سُر حسيني‘ جي آخرين بيت ۾ هي اِشارو ڪيو آهي:

حسيني حسين لئه، ٻيبيءَ پاڻ چِٽِيو،
تِهان پوءِ ٽِٽِيو، خبر ٻيءَ خلق کي.

يعني اِمام حسين لاءِ، پهرين ماتم سندس اَمڙ سڳوريءَ ڪيو ۽ اُن کان پوءِ ان جي سمڪ ٻين ماڻهن کي پيئي. داستانن ۽ بيتن جي انداز جي لحاظ کان، هي سُر رسالي جي وڏن سرن مان هڪ آهي.

هن سر ۾ سسئيءَ جي دوزخ جهڙي سفر، ڏکن ۽ ڏورڻ جو ذڪر تواَچي. سسئيءَ جو پنڌ رڻ مان آهي، جتي پاڻيءَ ڦڙو بہ ناهي.

هوءَ ٻن جيرن جي وچ ۾ آهي: هڪ رڻ جي تپش، ٻي عشق جي آتش. هن پنڌ ۾ جيسين جيئڻ آهي، تيسين جلڻ آهي.

(1)

اُلهي سِجَ اُويرَ ڪِي، ڏِٺائِين ڏونگرُ،
سَسُئِيءَ کي سَيّدُ چئي، سُورَنِ جو سَمَرُ،
ڪُنَلِ رَکِيو ڪَرُ، ويچارِيءَ وَٽِڪارَ تي.

سج لهڻ ۾ ويرم وڌي ۽ سسئيءَ پهاڙ ڏٺو. شاهه صاحب ٿو فرمائي تہ سسئيءَ کي سورن جو سامان ساڻ آهي. هوءَ ويچاري دردجي ڪنل وٽڪار ڏانهن ڳاٽ اوچو رکي ٿي هلي.

(2)

سَرَتِيون! سُجِي سُجَ، متان ڪا مون سين هَلي،
پاٽِي ناهِ، پَنڌُ گهَٽو، اَڳِيان رائو رُڳِي رُجَ،
مَتان مَري اُجَ، ڪا ڏِئي پاراتو پِرينءَ کي.

اي سرتيون! اڳيان رڳي سج پيئي سُجهي. اوهان مان مون سان متان ڪا گڏ هلي. اڳيان رڳي رج ۽ سج پيئي وسي. اوهان مان متان ڪا اُج ۾ بيحال ٿي، منهنجي پرينءَ کي ڪا بددعا (سراپ) ڏئي.

(3)

ڪِي ڏَرَتَتِي ماءِ! ڪِي جَرَ سَندي سَجَٽين،
هَلي ۽ واجهاءِ، ٻِنين جيرنِ وِچَ ۾.

اي امڙ! ڪي زمين گرم آهي، ڪي سپرينءَ جو اُساٽ اندر ۾ اٿم. سسئي ويچاري ٻنهي باهين جي وچ ۾ ڪي پنڌ ۾ تاٽيندي پيئي وڃي، ۽ ڪي پرينءَ لاءِ واجهه وجهندي پيئي وڃي.

(4)

مَتي مَنجهان مِينهُن، پَسو! پاڻِيءَ جئَن وَهي،
مون پانيو نِينهُن، ڄِيون ڄيري سَندِيون.

منهنجي متي مان ڏسو تہ آب جيان جالارو پاڻي پيو وسي، جنهن کي مون محبت سمجهيو سا سچ تہ آگ جون چڻگون هئي.

(5)

مَنجهان مُنهنجي روحَ، جي وَجي ساڄَنُ وِسرِي،
تہ مَرُ لَڳي لُوهَ، ٿَرَ ٻاٻِيهو ٿِي مَران!

جي منهنجي اندر مان سپرينءَ جي ياد ميسارجي وڃي تہ پل اهڙي گرم لک (رهڻ جي هوا) لڳي، جو مان ٿر جو ٻاٻيهل (پکي) بڻجي، مري ساهہ ڇڏيان.

(6)

کوءِ هاڙهو! ٻَنِ هوتُ! کوءِ پُنهون، ٻَنِ پِرِيتَمُو!
مادَرِ! مون مَوتُ، پَسَڻان پِرائِيو.

ٻن پوي هاڙهو جبل! ٻن پوي پريتم! ٻن پوي پنهون، ٻن پوي نينهن! اي امڙ! مون محبوب جي ديدار مان ئي موت حاصل ڪيو.

(7)

جئُن جئُن تَپي ڏِينهُن، تئُن تئُن تاڻي پَندُ ۾،
کو آڳانجهو نِينهُن، ٻانيَڻِ ٻاروچَنِ سين.

جئن جئن ڏينهن پيو تپي، تئن تئن سسئي پند ۾ ڪاهيندي پيئي وڃي. هن برهمڻ (سسئيءَ) جو ٻاروچن سان عشق ازلي هو.

(8)

جان جِئين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻَ ري،
تَتِيءَ ٿَڌِيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻِ جي.

جيسين جيئري آهين تيسين جلندي رهہ. هتي (عشق ۾) سواءِ جلڻ جي ٻي ڪا واهہ ئي ڪانهي. تپش توڙي ٿڌ (دک توڙي سک) ۾ ڪاهيندي هل، وهڻ جو وقت ناهي.

(9)

تَتِيءَ ٿَڌِيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويلَ وِهَڻِ جِي،
مَتان ٿِئي اُونداهِ، پيرُ نہ لَهين پِرينءَ جو.

تپش توڙي ٿڌ ۾ ڪاهيندي هل، وهڻ جو وقت ڪونهي. متان ڪاري ڀاڪ ٿي وڃيئي ۽ پوءِ محبوب جي پيرن جو نشان ئي نہ ڳولي سگهين.

(10)

ڪو گُهمَندي گهوڙُ، آيُمِ ڀاروچَنِ جو،
ڇَڏِيندِيَسِ ڀَنڀورُ، هِنئون هِتِ نہ وِندُري.

رلندي ڀاروچن جو اهڙو ڪو پور ويڙهي ويم. جو مان ڀنڀور (جهان) ڇڏينديس (ترڪ ڪرڻو پوندو). هتي منهنجي دل کي ڪو قرار نہ ٿو ملي.

(11)

ساٿِي توءِ هَلَنِ، پَٿَرِ جي وارَ ڪَرِيان،
جيڪسِ ڀاروچَنِ، ڪو ڏِنو عَيبُ اَکِينِ سين.

مان ڪٽي پنهنجا وار وڇائي بسترو ڪريان، تنهن هوندي بہ ساٿي جيڪر هُليا وڃن. شايد ڀاروچن مون ۾ اکين سان ڪو عيب ڏٺو.

(12)

مون سَڏِيندي سَڏڙا، ساٿِي سَڏُ نہ ڏِينِ،
وَلِهيءَ جي وَٿاڻَ تي، توڏُ نہ تنوارِينِ،
هيڏا هاچا تِينِ، بُري هِنَ ڀَنڀورَ ۾!

منهنجي سڏن ڪندي بہ مون کي ساٿي ڪو جواب نہ ٿا ڏين. هن مسڪين جي مڪان تي هينئر اُٺَ نہ ٿا تنوارين. هن بڇڙي ڀنڀور ۾ ئي ههڙا وئل ٿا وهن.

(13)

ڪَهان، تان ڪيچان پَري! سُمهان تان سِرَ هيٺِ!
ٻاروچي سين ڏيٺِ، جيڏِيُون! جيهِيءَ پَرِ ٿي.

پنڌ ڪريان تہ ڪيچ کان ئي دور آهي. جي سمهي پوان تہ منهنجي ڪنڌ هيٺ (ڳچيءَ جي رڳن کان ئي ويجهو) آهي. اي سرتيون! منهنجي ٻاروچن سان سچاٽپ ڪهڙيءَ ريت (الٽي ريت) ٿي.

(14)

جيڪِي فِراقان، سو وِصالان نہ ٿِئي،
اَچِي اوطاقان، مون کي پِرِيُنِ پَري ڪَيو.

جيڪي جدائي مان ٿو ملي، سو ميلاپ مان حاصل نہ ٿو ٿئي. پر محبوب منهنجي اوطاق (گهر) ۾ اچي پاڻ مون کي پاڻ کان ڏور ڪيو (چو تہ گڏجڻ سان سڪ غائب ٿي ويئي.)

(15)

ڦِري آءُ فِراقَ! مون کي وِصالان وِڄُ پيو،
جي ٿي چِڪِيَمِ چاڪَ، سي پِرينءَ گڏجي پُوريا.

اي جدائي! تون موٽي اچ. وصال پاڻ منهنجي ۽ پرينءَ جي وچ ۾ اچي ڦوڙائو وڌو. جي زخم جدائيءَ ۾ ڪڙهيم پئي، سي پرينءَ مون سان گڏجي اچي ميڙي ڇڏيا. (سڪ جو ساءُ غائب ٿي ويو.)

(16)

آيا، آسَ ٿِيامِ، ٻاروچا ٻَنيورَ ۾،
پَسِي پَهَرَ پُنهونءَ جِي، نَنهَن سيئَن نيڻَ نَرِيامِ،
گوُندَرَ وِسِرِيامِ، سُڱَنِ شاخُون مُڪِيُون.

ٻاروچا ٻنيور ۾ وارد ٿيا ۽ مون کي اُنهن جو وڏو آسرو ٿيو. پنهونءَ جا مائٽ ڏسي، ننهن سوڌو (ٻنه) نيڻ ٺريم. غم سڀ وسري ويم. سڪن مون کي واڌايون موڪليون.

(17)

ڏيکارِيُسِ ڏگَن، گوُندَرَ گسُ پرِيُنِ جو،
سُونهائي سُورَنِ، کِي هيڪاندِي هوتَ سين.

ڏکن ئي سسئيءَ کي پرينءَ جو پيچرو ڏيکاريو. سورن سندس رهبري ڪري، کيس پنهنجي محبوب سان ملايو.

(18)

مُٺِ مُٺِ سُورَنِ سَيَڪَنهِين، موُن وَٽِ وَٽاڻانِ،
يَرِيُون ڪَيو پُٽانِ، وِيا وِهائوُ نِڪرِي.

هر ڪنهن وٽ ڏکن جي مٺ مٺ آهي، پر مون وٽ اُنهن جا وٽاڻ (انبار) آهن. سورن جون پريون ڪنيو پيئي گهمان، پر اُنهن جا خريدار لڏي ويا آهن.

(19)

ڏُکَ سُکَنِ جي سوُنهَن، گهورِيا سُکَ ڏُکَنِ ري!
جنين جيءَ وِرُونهَن، سَڄَڻُ آيو مان ڳري.

ڏک (مصيبتون) سکن جو زيب ۽ سينگار آهن. انهن جي ريجهه رهاڻ تي ئي محبوب مون وٽ پيهي آيو.

(20)

پُڇَنِ سي پَسَنِ، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏورِينديُون ڏِسَنِ، اَگَڻَ عَجِيبَنِ جا.

جي پرينءَ جي طلب تيون رکن، سي هميشه سندس مشاهدو تيون ماڻين. جي محبوب جي ڳولا تيون ڪن. سي سندس آستان جو ديدار تيون ڪن.

(21)

ڏورِيان، ڏورِيان، مَ لَهان! شالَ! مَ مِلان هوتَ!
مَنَ اندَرِ جا لوچَ، مَڄُڻِ مِلَڻَ سان مانِي ٿئي.

شال پرينءَ کي هميشه ڳوليندي رهان ۽ کيس هرگز نہ ملان، متان اندر ۾ جا تشنگي (اُساٽ) اٿم، سا سندس وصال سان غائب ٿي وڃي.

(22)

آئون ڏورِيَنءِ، شالَ مَ لَهَنءِ! پرين! هُئين پَري!
هَڏِ نہ ساهَ سَري، تَنَ تَسَلي نہ ٿِئِي.

اي جانب! مان شل توکي ڳوليندي وتان ۽ توکي لهي نہ سگهان! شل تون ڏور ئي هجين! شل منهنجي جان کي توکان سواءِ هرگز نہ سري ۽ منهنجي جيءَ کي پٽيءَ قرار نہ ملي.

(23)

جيڪا کندِي سَنگُ، مون جتُن ٻاروچَنِ سين،
اَنگَنِ چاڙهي اَنگُ، رُئندِي سا رَتَ ڦُڙا.

جيڪا مون وانگر ٻاروچن سان صحبت ڪندي، سا پنهنجو جسم سوريءَ تي چاڙهي، نيڻن مان رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي.

(24)

آتَڻُ اورانگهي وِيا، آئُون تِي مَران ماءِ!
پِٽُون ٽِيندِيَسِ پيرَ تي، 'هَيءِ! هَيءِ!' ڪَري 'هاءِ'!
جِتَڻُ مون نہ جُڳاءِ، پرِيَنِ تان پاسو ڪَيو.

هو آتڻ اورانگهي هليا ويا (منهنجي گهران نڪري ويا) اي امڙ! مان سندن جدائيءَ ۾ مران ٿي. مان "هيءِ! هيءِ! ۽ "هاءِ! هاءِ!" ڪري پرينءَ جي پيرن مٿان پاڻ پرزا پرزا ڪنديس. هينئر مون لاءِ جيئڻ واجب ناهي، ڇو تہ محبوبن مون کان منهن موڙيو آهي.

(25)

پُڇِيوئي جان دوستُ، تان پاسي ڪر پَرهيزَ کي،
جنِين ڏِنو هوتُ، تن دينَ سَيئِي دوُرِ ڪَيا.

جي جانب جي پچا تو ڪرين (حق ڪي ڳولهڻ جي تو ڪرين) تہ مذهبي پابندين کان پاڻ کي آجو ڪر. جن پرينءَ جو ديدار ڪيو. تن مڙني مذهبن کان ڪنارو ڪيو.

(26)

ڪاتِيءَ تان نہ ڪَنهِين، مَنُ وِجُهلَڻَ وَڍِيو،
مارِيَسِ سُورَ تَنهِين، جو نہ جِئاري جيڏِيُون!

اي سرتيون! منهنجي هنئين کي ڪنهن ڪاتيءَ نہ، پر جهوريءَ ۾ جهجهڻ وڍيو آهي. مون کي اُنهيءَ درد ماري فنا ڪيو آهي، جو وري ڪنهن کي جيئڻ نہ ٿو ڏئي.

(27)

جِيُ مُنهنجو جَنِ، اَنگُڙِيارو وَڍِيو،
پُڄاڻان پِرِينِ، سِبان، سَڄو نہ ٿِئي!

جن جانبن منهنجو جسم آڏو اُبتو وڍيو آهي، تن جي وڃڻ پڄاڻا. اُن کي ڪٽي توپا ڏيئي سِبان، تہ بہ اُهو وري سڄو ٿيڻو ناهي.

(28)

رُئَڻُ ۾ راڙو، مون نِماڻِيءَ جي نِجُهري،
ڪُنَلَ کي قَلبَ ۾، قُربَ جو ڪاڙهو،
هوتَنِ لَءِ هاڙهو، رِجائِيندِيَسِ رَتَ سين.

مون نماڻيءَ جي گهر رودن ۾ روج آهي. هن وڍيل جي دل ۾ نينهن جو جوش آهي. مان محبوبن لاءِ هاڙهي جبل کي پنهنجي رت سان رجائي ڇڏينديس.

(29)

اَڳِي پوءِ مَران، مَرُ مَران مارَڳَ ۾!
مَتي پوءِ پِرِيان، خُونُ مُنهنجو جيڏِيُون!

آخر اڳي يا پوءِ تہ مرڻو اٿم. ڀل تہ محبت جي راھہ ۾ فنا ٿيان.
اي سرتيون! منهنجي خون بها وچي جانيءَ تي پوندي.

(30)

مَرُ مَتا ڏيئي، پُنهونءَ ڪارَڻِ پَبُ ۾،
تہ سَرَتِيُوُن سِيبِئِي، واڪاٽِيئَئِي وينِيُوُن.

ڪشالا ۽ جفائون ڪيڊي، تون پنهونءَ لاءِ پبُ جبل ۾ فنا ٿيءُ
تہ مٽيئي جيڏيون وينيون تنهنجي ساراھہ ڳائين.

(31)

سُورَنِ سانديِياسِ، پُورَنِ پالِي آهِيان،
سُکَنِ جي، سَيّدُ چئي، پُکي نہ پِيِياس،
جيڪُسِ آئُون هُياسِ، گُرِي گوُندَرَ وَلِ جِي.

مان سورن جي سانديل ۽ پورن (فڪرن) جي پاليل آهيان.
سک منهنجي تقدير ۾ ئي لکيا نہ ويا، جڇ تہ مان ڏکن جي
ول جي ڳري هيس.

(32)

ڪنهن جنهن نينهَن نَڌاهُ جي مون واجهائِيندي نہ وَرو،
جيڪِي مُئي ڪَنداهُ، سو جانِبَ! ڪَرِيو جِئَري.

اوهين ڪهڙي محبت ۾ اڙيا آهيو جو منهنجي واجهائيندي
بہ واپس نہ ٿا ورو. اي محب! جيڪي منهنجي مئي کان پوءِ
ڪندا، سو جيڪر منهنجي جيئري اچي ڪريو.

(33)

مَتان تِئِين مَلُورُ، ڪِينَ اڳاهُون آهِيان،
ڏِسَڻَ ۾ ڪَرَ ڏُورُ، حَدَ بِنِين جِي هيڪِڙِي.

تون متان ملول ٿين. مان توکان پري ناهيان ڏسڻ ۾ جڇ پري
آهيون. پر ٻئي گڏ آهيون. (هي بيت شاھہ صاحب والد کي
جواب ۾ چيو. اڳيون بيت سندس والد جو آهي.)

(34)

ڏوٿِيُن چَيُس "ڏُورِ، ڪيچُ اَڳاهُون پَنڌُ ٿِيو"،
پاٽا چڙهِي پُورِ، وِڪَ وِڌائِين وِتَرِي.

ڏٿ ڏوريندڙ چيس تہ "ڪيچ پري آهي ۽ اُنجو سفر نهايت دراز آهي." هن (سسئيءَ) پاڻ عشق جي اُمنگ ۾ تڪڙي وڪ وڌائي.

(35)

سَسُئِيءَ جي سِرِيءَ سان، ڪيچَ ڏٺي ڪانڌِي،
پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرينءَ جي، مُنڌَ هُئِي مانڌِي،
لَڪَنِ تان لَطيفُ چئي، آرياڻِيءَ آندِي،
پُنهونءَ پيراندِي، نِماڻِيءَ نصيب ٿِي.

سسئيءَ جي لاش جو ڪانڌي، پنهون پاڻ اچي ٿيو. هيءَ عورت پنهنجي پرينءَ جي ديدار لاءِ حيران هئي. آري ڄام لڪن تان نيئي ڪيس پاڻ پيرو ڪيو. هن نماڻيءَ کي، مئي کان پوءِ پنهونءَ جي پيرانديءَ کان دفن ٿيڻ جو شرف نصيب ٿيو.

(36)

هيءُ تو وجي هوتُ، آئُون ڪِ اَڳيَرِي ٿِيان،
مَتان چوءِ بَلوچُ، "ڪَميٽِيءَ مان ڪِينَ ٿِيو"

هاءِ! پنهون ڪاهيندو تو وجي، مان بہ اڳيري ٿيان. متان بروچ (پنهون) چوي تہ "ڪميٽيءَ مان ڪي ڪين وريو".

(37)

'ووءِ! ووءِ!' ڪَندي وَتُ، مَجُڻِ 'ووءِ!' وِسارِئين!
پاڻِي هارِ مَ پَڌِرو، روءُ مَنجهان ئِي رَتُ،
صَبُرُ وَڏو سَتُ، سِگها ميڙِي سُپرِين.

هاءِ! هاءِ! (روڄ راڙو) ڪندي وت. متان روڄ راڙو وسارين، تون اکين مان پڌري پٽ ڳوڙها نہ ڳار، پر اندر ۾

رت جا ڦڙا وهاءِ. صبر ۾ وڏي طاقت آهي. اُهو ستت ئي سپرين ڏو ملائي.

(38)

جَـڙَ جِئري جن سين، مُئي پڻ سين تَن،
جي هِتِ نہ هوتُ پَسَن، سي ڪَنهن پَرِ ڪيچِ پَسَندِيُون؟

جن سان جيئري محبت جي ميخ اڙيل آهي، تن سان مئي ڪان پوءِ بہ اُها جڙيل آهي. جي هتي پرينءَ جو ديدار نہ ڏيون ڪن، سي ڪيچ ۾ ڪئن سندس مشاهدو ماڻينديون.

(39)

اُوجَهڙِ وَتان آنءُ، ٻِيون سَڀ سَٻگرِ ساٿ جي،
جا نينهَن ڳِنهَندي نانءُ، سا مون جئَن پَوندِي مامِري.

مان ئي گمراهہ ٿي، وتان اوجهڙ ۾ رلندي، ٻيون سيئي پنهون جي ساٿ سان آهن (مان ئي بي رهبر آهيان، ٻين کي رهبر آهن.) جا عشق جو نالو وٺندي، سا مون وانگر مصيبت ۾ اڙبي.

(40)

ٻَڌو ڪَنهن ٻَنڌاڻِ، هِنئڙو هوتاڻِيءَ سين،
ڪا جا پِييَسِ ڪاڻِ، نبيرِيانِس، نہ نِبِري!

منهنجو من، پنهونءَ سان اهڙي ڪنهن ٻنڌڻ ۾ اڙيو آهي، ۽ اُن کي اهڙو ڪو پيچ پئجي ويو آهي، جو ڇنڻ جي ڪريانس تہ بہ نہ ٿو ڇڄي.

# سُر لِيلا چَنيسَرُ

## ليلا چنيسر جو قصو ۽ اُن جو روحاني مطلب

راجا چنيسر، سومرا گهراڻي جو هو ۽ ديول ڪوٽ تي راڄ ڪندو هو. هو سونهن جو صاحب هو ۽ گهڻيئي نازنينون مٿس مفتون هيون. ليلا سندس پٽ راڻي هئي ۽ جکرو سندس وزير هو. سندس زماني ۾ ٽي راڻو ڪنگهار، ڪڇ ملڪ ۾ لکپت جو چٽ ڌڻي هو. کيس هڪ حسين نياڻي ڪؤنروَ نالي هئي، جنهن جو مڱڻو سندس سوٽ اتماديءَ سان ٿيل هو.

هڪ ڏينهن ڪؤنروَ کي هار سينگار ڪندو ڏسي، سندس سهيليءَ جمنيءَ کيس چيو ته "تون جو پاڻ کي هينئن ٺاهيو پيئي ٺاهين، سو ڀانءِ ته چنيسر تي هرڪ هارايو اٿيئي؟" اهو سڻي، ڪؤنرو چنيسر تي اڻ ڏٺو فدا ٿي پيئي. اها سڌ جڏهن سندس ماءُ مرڪيءَ کي پيئي، تڏهن هن وڃي پنهنجي ڀتارُ سان ڳالهه چوري. راڻي ڪنگهار لاءِ ته چنيسر جو سڱ، فخر جو ڪارڻ هو پر انديشو ٿيس ته "متان هو انڪار ڪري ته نسورو بدنام ٿيندس." نيٺ مرڪيءَ ۽ ڪؤنروَ هڪ ست سٽي، وڻجارڪو ويس ڪري، اچي ديول ڪوٽ ۾ پهتيون. هڪ گلن واريءَ کان ٻڌائون ته اهو ڪم وزير جکري جي معرفت راس ٿيندو. پوءِ ٽيئي ڄڻيون جکري وٽ ويئون ۽ کيس سارو اونت ڏنائون. جکري دلاسو ڏيئي چين ته: "آءُ چنيسر وٽ حيلو هلائيندس، اميد ته هو منهنجي مڃيندو. "ٻئي ڏينهن جکري جڏهن چنيسر سان ذڪر ڇيڙيو، تڏهن هن ورائيو ته. "ليلا جي ويٺي، ٻيءَ ڪنهن سان ٻه ناتو نه رکندس." جکري جون مڙيئي نيزا ريون ۽ منٿون اجايون ويون.

ماءُ ۽ ڏيءَ. جکري کان نااميديءَ جو جواب سٺي وسامي ويون. نيٺ پهه ڪيائون تہ "ليلا وٽ پورهيتون تي بيهون ۽ کنهن ڏينهن کيس ريهي ريبي، چنيسر تان چت کٽايون، ۽ اٿين داسڙو کٽي پنهنجي دست (هٿ) ڪريون." پوءِ ليلا وٽ لنگهي ويون ۽ وچي منٿون ڪيائونس تہ "سانئڻ، اسان مسڪينن تي هٿ رک ۽ پنهنجي ڪنهن هاج ۾ لڳاءِ." ڪؤنروءَ ماءُ کي اُٽڻ جي فن ۾ ماهر ۽ پاڻ کي گهر جي ڪرت ڪار ۾ ڪارگر ڪري ڄاڻايو.

ڳچ وقت گذري ويو پر ڪؤنرو جي وصال جو وارو نہ وريو. هڪ رات کيس ليلا جي حاضريءَ ۾ اکين مان لڙڪ لڙي آيا. ليلا انجو ڪارڻ پڇيس. ڪؤنروءَ چيو تہ "سانئڻ! پنهنجا سکيا ڏينهن ساري، تي روئان. مان بہ ڪنهن زماني ۾ تو جيان هندورن ۾ تي لڏيس ۽ نولکي هار سان پاڻ کي تي ريجهايم." ليلا کي ويسهہ نہ آيو ۽ ثابتي گهريائينس. ڪؤنروءَ بہ سٽ ڏيئي، نوَ لکو هار دبليءَ مان ڪڍي ڏيکاريس. اُن کي ڏسندي ئي ليلا جو هوش هارجي ويو ۽ کانئس هار جي طلب ڪيائين. ڪؤنروءَ اِهو شرط وڌس تہ "چنيسر سان رڳو هڪ رات رهاڻ ڪرڻ ڏينم، پوءِ هي هار ملڪ تنهنجي. مٽين جي مون وٽ ڪمي ڪانهي."

قضا سان اُنهيءَ رات چنيسر دوستن سان محفل ڪندي، گهڻو شراب چاڙهي ويٺو هو ۽ نشي ۾ الوٽ تي ويو هو. ليلا بہ سٺائو وجهہ ڏسي، ڪؤنروءَ جي دلي آس جو احوال کيس، پر چنيسر غيرت وچان نابري واري. ليلا کيس هٿ کان وٺي ڪؤنروءَ جي ڪمري ۾ ڪاهي ويئي.

چنيسر تہ وري بہ غش ۾ بستري ۾ پيو رهيو ۽ ڪؤنرو سندس انتظار ۾ تارا تڪيندي رات گهاري. صبح جو جڏهن ئي چنسر سجاڳ ٿيو، تڏهن ڪمرو ڇڏي هلڻ لڳو. انهيءَ تي مرڪيءَ هڪل ڪري چيس تہ "پنهنجي نئين زال کي ڇڏي ڪاڏي ٿا وڃو؟ ليلا تہ اوهان کي هار تي وڪٽي ڇڏيو!" اهو

ٻڌندي ئي، چنيسر ليلا تان چت ڪٽي ڇڏيو ۽ ڪؤنروءَ جو قرب ڏسي مٿس موهجي ويو.

ويچاري ليلا گهڻيئي وس وڌا، پر چنيسر باز نه آيس. نيٺ هوءَ نراسائيءَ وچان مائٽاڻي ملڪ ڏانهن هلي ويئي، پر دل ۾ هميشه اها ئي آس سانديندي آئي ته "چنيسر نيٺ ڪنهن ڏينهن مون سان وڙ ڪندو ۽ منهنجو ٿيندو".

جکري وزير جو سڱ، ليلا جي ڪنهن مائٽياڻيءَ سان ٿيل هو ساڻن وچان ليلا جي مائٽن اهو سڱ رد ڪرائي ڇڏيو. پوءِ ته جکرو لچندو سندن در تي آزيون ڪرڻ ويو. ليلا چيس ته، "جي چنيسر کي ريجهائي، هت وٺي اچين ته سڱ بحال ڪرائي ڏيان." جکري، چنيسر وٽ وڃي کيس ليلائي چيو "سائين! مون تي نوازش ڪريو ۽ هلي منهنجي غريباڻيءَ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو." چنيسر، سندس سڪ ۽ سچائي ڏسي هلڻ قبوليو. جڏهن چنيسر جو ساٿ ليلا جي شهر ويجهو ٿيو تڏهن ليلا ۽ سندس سهيليون اکڙيون ڪڍي، سندس آجيان لاءِ ناچ ۽ راڳ ڪنديون، اڳتي وڌيون. چنيسر کي ليلا جي ناچ ۽ راڳ اهڙو ته موهي ڇڏيو جو ليلائي چيائينس، "اي نازنين! پنهنجو سهڻو مکڙو ته پسائينم." ليلا جهٽ ئي پردو پري ڪري، پاڻ پڌرو ڪيو تنهن ئي چنيسر جي چت کي چوٽ اچي ويئي. هو اُتي ئي دم ڏيئي ڪري پيو ۽ ليلا به ان گهڙيءَ اُتي ساهه ڇڏيو. ائين ٻنهي جو مُئي ڪان پوءِ هميشه وارو ميڙائو ٿيو.

هن سر تي اِهو نالو اُن جي مضمون مطابق رکيو ويو آهي ۽ منجهس هيءَ تمثيل رکيل آهي: ڏاڍي نهايت 'ريساڻو' حاڪم آهي. جن هڪواريءَ ساڻس محبت رکي، تن کي ساڻس پڄاڻيءَ تائين نباهڻو آهي. کيس پوڄيندڙ گهڻا آهن، پر وٽس قبول اهي ٿا پون، جن ۾ ذرو به گيرب ۽ گاءُ ناهي.

(1)

پوچا ڏِنَمِ پيرَ، ڍَڪَڻَ مَٿي ڍولَ جا،
مون پائِيو تنهن ويرَ، ڪوجهي ڪَندو پَريٺڙِي.

شاديءَ رات پنهنجي جانب (گهوٽ) جا پير ڍڪڻ مٿان ڏنگا ڏنم. (جو بدسوڻ آهي.) مون انهيءَ ويل ئي سمجهيو تہ هو مون پريءَ جهڙي ٻانهن کي ڪنهن ڏينهن آيوڳي سمجهي ڇڏي ڏيندو.

(2)

ڪوڙين تنهنجون ڪامِڻيون، تون ڪوڙين سَندو ڪانڌُ،
مون کي ڇَڏِ مَ داسَڙا! تہ وَڃان نہ وِڃُوانڌُ،
مون ڳِچيءَ ۾ پانڌُ؛ تو، ڇَنيسَرَ! هَٿَ ۾.

سهسين من موهڻيون تنهنجون آهن ۽ تون ڪروڙين سندرين جو ڀتار آهين. اي داسڙا! مون کي ڏهاڳ نہ ڏي، متان مان مهٽي وهيٽي ٿيان. اي ڇنيسر! منهنجي ڳچيءَ جو پاند تنهنجي هٿ ۾ آهي.

# سُر مُومَل راڻو

## مومل راڻي جو قصو ۽ اُن جي روحاني معنيٰ

پندرهين صديءَ جي شروعات ۾ گجر ذات جو راجا نند، ميرپور ماٿيلي تي راڄ ڪندو هو. کيس نوَ نياڻيون هيون، اُنهن مڙني ۾ مومل سونهن ۾ اڳري هئي ۽ سومل سياڻپ ۾.

هڪڙي ڏينهن راجا نند، پنهنجن اَميرن سان سنڌو نديءَ جي ڪناري تي شڪار پئي ڪيو تہ سندس نظر وچي هڪ ندي پار ڪندڙ سوئر تي پيئي. سندس حيرت جي حد نہ رهي، جڏهن ڏٺائين تہ جيئن سوئر ويو تي هلندو تيئن پاڻي ويو تي سڪندو. آخر سوئر کي ماري معلوم ڪيائين تہ اِها سموري ڪرامت سوئر جي هڪ ڏند ۾ رکيل هئي. پوءِ ڏند جي وسيلي، ندي اُڪري محل ۾ موٽي آيو ۽ اُتان پنهنجو سمورو خزانو کڻي، وچي درياه جي پيٽ ۾ لڪائي رکيائين. انهيءَ راز جي پروڙ ڪنهن کي نہ رهي.

قضا سان هڪ فقير کي جادوءَ جي وسيلي، انهيءَ ڏند جي ڪرامت جو سماءُ پئجي ويو. هڪ ڏينهن راجا نند جي غير حاضريءَ ۾ اچي سندس محل اڳيان آهون صدائون ڪيائين. اِنهيءَ تي مومل دريءَ کان منهن ڪڍي، درويش کان سندس زارين جو سبب پڇيو. فقير چيس تہ، ”سانئڻ! آءٌ هڪ نهايت منحوس مرض ۾ گرفتار آهيان، جنهنجي شفا رڳو سوئر جي ڏند مان ملي سگهندي.“ مومل اُمالڪ محل مان ڏند ڳولي آڇي ڏنس. فقير، راجا نند جو سمورو خزانو کڻي، ڪٿهن ڏورانهين ڏيهہ ڏانهن راهي تي ويو.

هڪ ڏينهن راجا کي خيال ٿيو تہ پنهنجي خَزاني جو سماءُ لهي اچان. ڏند ڳولي تہ لڀي ئي نہ. نيٺ معلوم ٿيس تہ مومل اُهو هڪ فقير کي خيرات ۾ ڏيئي ڇڏيو هو. غصي ۾

مومل کي مارڻ تي هو تہ سومل وچ ۾ پئي چيس: "بابا! اِهو خزانو اوهان مون کان لِڪو."

سومل جادوءَ جي فن ۾ ماهر هئي. پيئرن ۽ ٻانهين کي ساڻ ڪري، جيسلمير جي ويجهو لڊاڻي شهر ۾ وڃي ديرو ڪيائين ۽ ٿورن ڏينهن ۾ لڊاڻي جي پر ۾ ڪاڪ نئن جي ڪنڌيءَ تي هڪ طلسمي رنگ محل رچائي راس ڪيائين. محل جي چوطرف هڪ سهڻو باغ رکيائين، جنهن جي گلن جي رنگ ۽ خوشبوءَ هر ڪنهن کي مست ٿي ڪيو. محل جي اڳيان هڪ طلسمي چشمو رچيائين، جنهن جي لهرن آهڙيون خوفناڪ چوليون ٿي ماريون جو ڏسندڙ جو هنيون ڪنبي ٿي ويو. دروازي وٽ ۽ محل جي چئن ئي ڪنڊن تي طلسمي شينهن بيهاريائين، جنجي گجگوڙن فلڪ تي ڏاريو. محل جي اندرست ڪٿون هڪ جهڙيون سجايل ۽ سينگاريل رکيائين، جن مان ڇهہ ڪچي سٽ سان مڙهيل هيون. انهن مان هر هڪ جي هيٺان هڪ اونهو کوهہ هو. باقي ستين کٽ سالم هئي ۽ منجهس ڪوبہ فريب رکيل نہ هو .

انهيءَ سموري تڪسات ڪانپوءِ ڪاڪ محل جون ڪنواريون هار سينگار ڪري، مانجهين کي مارڻ لاءِ تيار ٿي ويٺيون. شهر ۾ هوڪو ڏياريائون تہ "جيڪو شخص چشمو اُڪري ۽ شينهن کان پاڻ بچائي اَچي کٽ تي وهندو سو مومل ماڻيندو." لڊاڻي جو شهر هڪ تيرٿ آستان هو ۽ گهڻيئي شاهوڪار وڻجارا ۽ راجڪمار اُتي ياترائن لاءِ ايندا هئا.

باغ جي منهن وٽ هڪ وڏو نقارو رکيل هو .جيڪو طلبگار مومل جي ملاقات لاءِ ايندو هو سو اُن تي ڏئونڪو هڻندو هو ۽ پوءِ مومل جي ٻانهي ناتر سندس آجيان لاءِ ٻاهر ايندي هئي. ناتر جي پٺيان جيئن ويچارو عاشق هلندو ايندو هو تيئن هوءَ گوهي ڏيئي گم ٿي ويندي هئي. پوءِ تہ هن جو حال اِهو ٿيندو هو جو هو واٽ منجهي پوندو هو ۽ وايون ٻتال ٿي ويندييون هيس. آخر مومل جا ماري اَچي مٿس ڪڙڪندا

هئا ۽ سندس سمورو خزانو ڦري محل ۾ هليا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح گهڻا مشتاق فقير ٺڳي، جهر جهنگ وڃي رليا ۽ اُتي ئي پورا ٿي ويا. جيڪي قضا سان محل اندر پهچندا هئا، سي فريبي ڇپر ڪٽڻ تي وهڻ شرط وڃي اوڙاهه ۾ ڪرندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪاڪ محل جي ڪنڌيءَ تي ڪيترن ئي عاشقن جي قبرن جون صفون لڳي ويئون.

انهيءَ زماني ۾ ٿر ۾ همير سومرو راڄ ڪندو هو. ڪيس ٽي يار هئا، جن جا نالا هئا: ڏؤنر ڀٽي، سنهڙو ڏماچاڻي ۽ راڻو مينڌرو. چارئي يار شيل شڪار جا شائق هئا. هڪ دفعي شڪار ڪندي، ڪين بر ۾ هڪ "بابو رنگ ٻيوت" گڏيو. سندس سج ورنو روپ ڏسي، ڪيس ڪيڪار ڪيائون ۽ ڪانئس رڻ ۾ ڀٽڪڻ جو ڪارڻ پڇيائون. هن وراڻيو: "آئون به هڪ شهزادو هوس، پر معشوق مومل مون سان هيءَ ڪار ڪئي آهي." سواميءَ جي واتان مومل جي سونهن جو حيرت انگيز بيان سڻي، سندن دلين ۾ عشق جو ڪان لڳو. پوءِ ته ڪاهيندا ويا ڪاڪ محل ڏانهن، جتي "مومل ماري مير، آهيڙين کي آڪري" جنهن سوڍي گهڻن کي سجهايو هو تنهن جي ديدار لاءِ هو ماندا هئا. راڻو سيني ۾ سياڻو هو، ناتر گهڻيئي حرفتون هلايون، پر راڻي اڳيان سندس هڪ به نه هلي همير سومرو ۽ سندس ٻيا به يار ته بازي هارائي، تالان ٿي واپس وريا. پر راڻو اڳيان راڻو هو. حرفت ڪري، هڪ سوپاري چشمي مٿان ڦٽي ڪيائين، جا ترڪندي ويئي، انهيءَ مان سارو منجهه پروڙيائين ته هي مڙيوئي طلسم جو کيل آهي. پوءِ گهوڙي تي سوار ٿي، ناتر جي پٺيان محل جو گس ورتائين. واٽ تي جٿن ئي ناتر گوهي تي ڏني، ٿٺن راڻي وارن ڪان جهلي ٿي ورتس، پوءِ محل ۾ گهڙي، ڪوڙين ڪٽن کي به زور ڏيئي ڏٺائين ته مڙيئي گلم غاليچا وڃي اوڙاهه ۾ ڪريا. آخر سچي کٽ تي وڃي بالم ٿي ويٺو. مومل کي به گجرين جي وچ ۾ انهيءَ مان سڃاتائين، جو هڪ ڀؤنر سندس ڪارن